# ناٹچی



نجمہ عباسی

# ناچڻي

★

نجم عباسي

ترتيب ادبي مرڪز حيدرآباد

# نجم عباسيءَ جا ڇپيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| (١) طوفان جي تمنا | ١٩٦٩ |
| (٢) پٿر تي ليڪو | ١٩٧٣ |
| (٣) ڳاڙهو لالٽين | ١٩٧٤ |
| (٤) جيڪي منهنجي من ۾ آهي | ١٩٧٧ |

○

( ليکڪ جا حق ۽ واسطا قائم )

هڪ هزار ڪاپيون

جون ١٩٧٨

پريس : سنڌ پرنٽنگ پريس حيدرآباد

ڇپيندڙ : زيب ادبي مرڪز حيدرآباد

قيمت : ٩—٠٠ روپيه

ندیم پٽ
غزالہ ذيءُ
ڪونج، ذيءُ
جي ناليءَ
جي پڇندا رهندا آهن:
اسان جي ذي ذرتيءَ تي
اسان جي پنهنجي
مادري ٻولي پڙهڻ جون
ايتريون سهوليتون ڇونہ آهن
جيتريون ٻي ٻولي پڙهڻ جون؟

نجم عباسي، ٻيءُ.

# منهنجو پنجون ڪتاب

○

○

سنڌي ادبي دانائن ۽ سنڌي سياسي ڏاهن کان پڇندو رهندو آهيان:

هن وقت اسان کي ڪهڙي قسم جون ڪهاڻيون لکڻ کپن؟

جوابن جو تت:

ڪهاڻين ذريعي نئين سوچ، سنڌي سوچ ۽ گڏيل سوچ پيدا ڪئي وڃي.

اج تائين اهڙيون ڪهاڻيون پئي لکيون ويون آهن جن ۾ ڪنهن سماجي يا سياسي برائيءَ جو احساس ٿي ڏياريو ويو يا ڪنهن غلط سرشتي کان نفرت جي ساڃهه ٿي پيدا ڪئي وئي. هاڻي اهڙيون ڪهاڻيون لکجن جن ۾ اهو ڏيکاريو وڃي ته اهڙي برائي، يا اهڙي سرشتي کي ختم ڪرڻ لاءِ قدم کنيو ويو. اج تائين واريون ڪهاڻيون سوچ پيدا ڪندڙ، شعور وڌائيندڙ ۽ احساس کي جنم ڏيندڙ هيون، هاڻي عملي ڪهاڻيون Action Stories لکجن، جن ۾ ڪردارن کي گهربل عمل ڪندي ڏيکارجي. اج تائين پئي لکيو اٿون ته هيئنءَ ٿيڻ گهرجي، هاڻي ڪهاڻين ۾ ڏيکارجي ته جيڪي ٿيڻ گهرجي سو ٿئي پيو. اها هڪڙي قسم جي مستقبل جي جهلڪ هجي، آدرش جو اشارو هجي، حقيقت سان ڪجهه خواب جي

ملاوت هجي. اڄ تائين واريون ذهني انقلابي ڪهاڻيون آهن، هاڻي عملي انقلابي ڪهاڻيون هجڻ کپن.

اهو عمل شخصي ۽ ڪان وڏيڪ گڏيل هجاي: هرين، شاگردن ۽ پورهيتن جو طبقاتي جاکوڙ ۽ قومي هاچل واسطي گڏيل عمل.

گڏيل سوچ، گڏيل عمل.

○

اڳين ڪتابن وانگر هن ڪتاب ۾ به هر ڪهاڻيءَ پٺيان ان ڪهاڻيءَ جي لکي پوري ڪرڻ واري تاريخ ۽ جنهن رسالي ۾ ڇپي، ان جو نالو ۽ مهينو ڏنو اٿم. پنج ڪهاڻيون نيون ۽ اڻ ڇپيل آهن.

جيئي سنڌ.

نجم عباسي.


٩٥- بي، يونٽ نمبر ٢
لطيف آباد، حيدرآباد سنڌ.


٢٨- جون ١٩٧٨ع

## ڪهاڻيون :

○

○


| | |
|---|---|
| (١) ناچڻي | ٩ |
| (٢) ساڻيهه مٿاڻن سون تي | ٣٣ |
| (٣) ڪٿي آيو خير سان | ٤٥ |
| (٤) ڏئي ڏک ڏڏن | ٥٤ |
| (٥) ديسي سيٺ ڪجن | ٦٤ |
| (٦) سرٽيفڪيٽ | ٧٨ |
| (٧) سنڌي ڳائڻي جو سپنو | ٨٣ |
| (٨) هٿڪڙيون | ٩٢ |
| (٩) پتنگي جو پلاند | ١٠٣ |
| (١٠) تصوير | ١١٦ |
| (١١) اهي ڏينهن، اهي نينهن | ١١٩ |
| (١٢) ڪنول | ١٣٩ |
| (١٣) دلفريب راتين جا دشمن | ١٤٩ |
| (١٤) ڪارو صوبيدار | ١٥٤ |
| (١٥) غيرت جو غلاف | ١٦٧ |
| (١٦) جهار | ١٧٧ |
| (١٧) هي راهون، هي رهنما | ١٨٣ |
| (١٨) انگ اکر | ١٨٨ |
| (١٩) گولين پريا گيت | ١٩٣ |
| (٢٠) قفزي | ١٩٩ |

# ناچڻي

○

○

هيءَ آهي ان ناچڻيءَ جي ڪهاڻي، جنهن کي، سنڌيءَ جي ٻرک رسالي "سهڻي" جو ايڊيٽر، فن جو شاهڪار سمجهي، پنهنجي پرچي جي هر پوش تي ان جي تصوير ڏيندو آهي؛ جنهن کي دنيا جي دانشورن سنڌ جي سڀيتا جو اڻ مٽ اهڃاڻ ڄاڻي، "سنڌ صدين دوران" واري جشن جو مونوگرام بنايو؛ ۽ ساڳئي ئي جشن ۾ جنهن جي مورتيءَ تي هڪ مسلمان بزرگ ڇوهه ڇنڊيا.

○

پنج هزار ورهيه اڳي، موهن پور شهر ۾:
جتي هوءَ رهندي هئي، اتي جا هو چڪر ڪاٽيندو هو. جتي هوءَ ويندي هئي، اتي هو پهچندو هو. جتي هوءَ نچندي هئي، اتي هو موجود رهندو هو.

○

چوڏهينءَ جي چانڊوڪي آهي. سونهري ۽ سهڻو چنڊ، نيري ۽ نرمل آڪاس ۾ ساري ڪائنات جي سونهن ۽ سوجهري جو مرڪز بڻيل آهي. تارا هونءَ کان گهٽ آهن ۽ اک ٽيٽ ڪري، رڻسارين نظرن سان چنڊ جو حسن ڏسي رهيا آهن. هيٺ درياهه مٿان چانڊوڪيءَ جي ورڪا ٿي رهي آهي. لهرن ۾ چنڊ جو عڪس اٿين ٿو لڳي، ڄڻ ته چنڊ درياهه جي هندوري ۾ لڏي رهيو آهي.

ان ڪري هوءَ جشنن جي ۽ محفلن جي جان هوندي هئي. هن جي وڏي عزت ڪئي ويندي هئي.

هوءَ ڪنير جي ڌيءُ هئي. هن جو پيءُ نڪر جا ٿانوَ ٺاهيندو، پچائيندو ۽ چٽيندو هو.

○

هن جو قد ڊگهيرو، رنگ سانورو، جسم سنهون ۽ سڊول هو. هن کي هار، ٻانهيون، چوڙا، ڪنگڻ ۽ ٻانهونٺا پهريل هوندا هئا ۽ ان وقت جي رواج موجب سرير تي مختصر لباس ڍڪيل هوندو هو.

مجسمي سازُ هن ناچڻيءَ تي هرڪ هاري ويٺو هو ۽ هن کي ڏسڻ خاطر جتن ڪندو رهندو هو. هو هن چوڏهينءَ جي جشن ۾ موجود هو ۽ ناچڻيءَ جي آسپاس پئي ڦريو. هو ٻه ٻين ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن، مردن ۽ ضاعفن سان جوڙن ۽ ڇڪرن ۾ نچندو رهيو. ڪيترائي ڀيرا ڇڪري ۾ رقص ڪندي، واري ڦيري سان هن کي ناچڻيءَ سان هٿ هٿ ۾ ڏئي نچڻ جو موقعو پڻ مليو ٿي. ان وقت هو نچيو ڪونه تي، اڏاڻو ٿي ۽ هن جي دل ۾ خوشيءَ جون لهرون ٿي اڀريون. ساري رات هو خواب ۽ خمار جي ڪيفيت ۾ نچندو رهيو، جهومندو رهيو، اڏامندو رهيو.

○

هيءَ موهن جي دڙو جي "مکيه وهنجڻ جاء" آهي. هڪ تلاءُ آهي. ان جي چوڌاري موڪري پڪين سِرن جي پٽ يا بند آهي. تلاءُ ۾ هيٺ لهڻ لاءِ ڏاڪڻ آهي. هتي عام ۽ خاص ماڻهو اچي وهنجندا ۽ ترندا آهن.

اچي سهڙيو هو. هو پري کان پنهنجي پرينءَ، پنهنجي روح جي راحت، پنهنجي من جي مراد کي ڏسي، پنهنجي اکين جي نه اجهامندڙ اڄ، اجهائڻ ۾ مگن رهيو. پوءِ هو ناچ ۾ شريڪ ٿيو. نچندي به هن جون نگاهون هر وقت پنهنجي ناچڻيءَ کي نشانو بنائينديون رهيون.

پوءِ ناچ جو تلاءَ ۾ ٽپو ڏيڻ وارو عمل شروع ٿيو. هو ترڻ اصل ڪونه ڄاڻندو هو ۽ تلاءَ ۾ پاڻي تار هو. هو پيار جي نشي ۾ سڀ ڪجهه وساري ويٺو. هن پنهنجي محبوبڙيءَ جي ايتري ويجهڙائيءَ ۽ هن جي مرڪن جي بارش کان ڪنهن به قيمت تي، وانجهو ٿيڻ نه چاهيو. هو ناچڻيءَ سان نچندو رهيو. هن جي ڏونڪي سان پنهنجو ڏونڪو وڄائيندو رهيو. هو هڪ ٻئي جي چوڌاري ڦيرا ڏيندا رهيا، مرڪندا رهيا. مجسمي ساز چاهيو ته هن جي سڄي عمر ائين گذري وڃي. حقيقت ۾ هن نچڻ ۾ دستور کان وڌيڪ وقت ورتو. نيٺ رسم پٽاندر هيٺ تلاءَ ۾ ٽپو ڏيڻو پيس.

هو تارو ڪونه هو. هيٺ پاڻيءَ ۾ پهچڻ سان غوطا کائڻ لڳو. پر محبت جي ماڻ رکڻ لاءِ رڙ ڪونه ڪيائين. ڏسندڙن تاڙي ورتو ته هو ترڻ ڪونه ٿو سگهي، ٻڏڻ وارو آهي ۽ بچڻ خاطر هٿ پير هلائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهيو آهي. رڙيون مچي ويون ته وارو ڪريو، همراهه ٻڏايو. ڪيترائي تارو پاڻيءَ ۾ ٽپي پيا ۽ هن جهڙي عاشق کي جهرو ڪڍي آيا.

○

هن شهر ۾، هن ديس ۾، هن قسم جون راڳ ۽ رقص جون محفلون عام جام ٿينديون هيون. اهڙي طرح هنن جي جيون ۾ ساز ۽ سرود، ناچ ۽ نغمي جو به ايترو ئي دخل هوندو هو، جيترو محنت ۽ مزوريءَ جو. سماج طبقا ضرور هئا، پر امير ۽ غريب ۾ گهڻو فرق نه هو. سڀ خوشحال هئا. ڪوبه اڱڻ اگهاڙو نه هو، ڪوبه پيٽ بکيو نه هو، ڪوبه اجهي بنا ڪونه هو. سڀ ڪم ڪندا هئا، سڀ آرام جي ننڊ سمهندا هئا، سڀ نچندا هئا. ناچ هنن ۾ هڪجهڙائيءَ جو احساس اڃا به وڌائيندو هو ۽ هنن جو جذباتي ناتو اڃا به مضبوط ٿيندو هو.

ناچ هنن جي زندگيءَ جو روح هو. ناچ هنن کي سماجي ساڃهه، بدني صحت ۽ ذهني تازگي بخشي هئي. ناچ هنن کي جسماني سونهن ۽ دلي سڪون عطا ڪيو هو. ناچ ڪري هو ڪيني، پيائي، تعصب ۽ طبقاتي فرقن جي نالن کان به ناواقف هئا. هو سال ۾ ڪيترائي ناچ جا جشن ملهائيندا هئا: ٻنين ۾ ٻج ڇٽڻ وقت، لابارو لڻڻ وقت، ديرن تان ان ڪڍڻ وقت، درياهه ۾ پاڻي چڙهڻ وقت، چنڊ جي چوڏهينءَ تي.

○

سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو، اصل سنڌي، اصل ۾ ڌرتيءَ جي پوڄا ڪندا هئا. هو ڌرتيءَ کي ڪو خيالي خدا، غيبي طاقتن جو مالڪ سمجهي، يا ان کان ڊڄي ان جي آڏو مٿو نه ٽيڪيندا هئا. پر هو ڌرتيءَ کي عزت ۽ پيار جي نگاهه سان ڏسندا هئا، ڇو جو هو ڏسندا هئا ته ڌرتي

ڳھرڻ ۾ وينديون هئي. مجسمي ساز کي هن جي چال ۾ رقص جو رنگ محسوس ٿيندو هو، هن جي آواز ۾ موسيقي وارو ميٺاج لڳندو هو ۽ هن جي ڳهن جي کڙڪڙ ۾ سازن جا سُرُ پاسندا هئا.

رستي تي ڪڏهن آمهون سامهون ٿيندا هئا ته هڪ ٻئي کي ڪيڪاريندا هئا. ڪيئي سال گذري ويا، پر اڄ ڏينهن تائين، هن کي پنهنجي محبت جو اظهار ڪرڻ جي همت نه ٿي. هو اندر ئي اندر ۾ تڙڦندو رهيو. هو پري کان ئي ديدار ڪندو هو. هن ڪنهن سنگتيءَ کي به پنهنجي راز ۾ شامل نه ڪيو. البت هڪڙي ڳالهه، جا سڀني شهرواسين محسوس ڪئي ته هو هاڻي اڳي کان وڌيڪ سهڻيون ۽ وڌيڪ مڪمل مورتيون ٺاهڻ لڳو هو. هو پنهنجي فن جي اوج ۽ ڪمال کي پهچي ويو هو.

○

پوءِ هن ارادو ڪيو: هو پنهنجي سپرينءَ جي اهڙي سهڻي ۽ اهڙي مڪمل پتلي ٺاهيندو جو ڏسندڙ اچرج ۾ ٻڏجي ويندا، دنيا حيران ٿي ويندي. هو پنهنجي پريءَ کي امر بنائي ڇڏيندو.

پوءِ هن پريت جو پورهيو ۽ محبت جي محنت ڪري، دل جا احساس ۽ دماغ جون قوتون اوتي، هٿن جي فني عظمت استعمال ڪري، پنهنجي ناچڻيءَ جي پتل جي مورتي ٺاهي.

سچ پچ هيءَ مورتي فن ۽ پورهئي جو شاهڪار ثابت ٿي.

ڪن ڏنو ۽ ٻن کي پڌايو. پوءِ ماڻهن جا هشام اها پتلي ڏسڻ لاءِ اچڻ لڳا. اها ڏسي، خوشي ۽ حيرت جي جذبن جي پڌرائي ڪندا هئا. ڪي ته اها مورتي ڏسي، نچڻ لڳندا هئا.

ناچڻيءَ کي به خبر پئي ته مجسمي ساز سندس مجسمو ٺاهيو آهي. هوءَ پڻ ڏسڻ آئي. اهو ڏسي، هن جي منهن تي خوشي ۽ فخر جون روشنايون چمڪيون. هن اهڙي ڏکي ۽ جادو ڀريل مرڪ سان مجسمي ساز ڏي نهاريو، جو هن کي محسوس ٿيو ته هن کي پنهنجي محنت جو بدلو ملي چڪو.

پر هن جي محبت جو بدلو؟ ناچڻيءَ کي ته اها به خبر ڪانه هئي ته مجسمي ساز سندس پيار ۾ ديوانو ٿي چڪو آهي. يا شايد هن جي دل ۾ ڪو ٻيو دلدار ٿي وسيو.

شهر جي حاڪم کي به اهو پتلو ڏاڍو پسند آيو، ۽ دل چاهيس ته اهو هن کان وٺي پنهنجي محل ۾ رکي ۽ روز ان کي ڏسي دل کي خوش ۽ تازو ڪندو رهي. پر پوءِ سوچيائين ته جي اهڙي سونهن واري چيز محل ۾ رکبي ته ان کي فقط منهنجي خاندان وارا ڏسي سگهندا، ۽ عوام ان کي ڏسي ڪونه سگهندو. ههڙي سونهن واري چيز کي گهٽي کان گهٽي خلق ڏسي دل خوش ڪري ۽ اتساهه سان ڀرجي.

○

١ ميسوپوٽيما جا واپاري، موهن پور ۾ واپار سانگي ايندا

هئا. هو ڪي شيون هتي وڪڻي ويندا هئا ۽ ڪجهه مال
هتان خريد ڪري ويندا هئا. هو مجسمي ساز جي مورتين
جي خريداري پڻ ڪندا هئا.

هن پيري جڏهن هو هن جي دڪان تي آيا ته شهري
ماڻهن جا ميڙ اچي مڙيا. هو اهو ڏسڻ خاطر ڪونه آيا
هئا ته مجسمي ساز ناچڻيءَ جو پتلو به وڪڻي ٿو ڇڏي
ڇا؟ پر هنن جي دلچسپيءَ جو مرڪز، واپارين سان آيل
هڪڙو عجيب غريب شخص هو. پهرين هنن، هن کي
ڪو انوکو جانور ئي سمجهيو هو.

هي ميسوپوٽيما جا وڻجارا، هيڏانهن ايندي، عربستان
جي برپٽ مان لنگهندا هئا. هن پيري جڏهن سندن قافلو
اتان اُڪري رهيو هو ته واٽ تي هنن هڪ عرب بدويءَ
کي ڪم ڪار واسطي، غلام ڪري ڪنيو. هي اهو ئي
عرب هو، جو هن وقت، هن شهر جي رهاڪن جي نگاهن
جو مرڪز بڻيل هو.

هو رنگ جو ڪارو هو. هتي جا به ڳيچ ماڻهو رنگ
جا سانورا هئا، پر هو صفا ڪارو روڏو هو. هن جي بدن
جا وار ڏاڍو وڌيل، گندا، گهنڊيدار ۽ ڇيڙهه سان ڀريل
هئا. هن جو ستر ڪجهي ۽ ٻين وڻن جي پنن سان ڍڪيل
هو. ٻيو جسم اگهاڙو هو. ڪو به ڪپڙو ڪونه هوس. هو
وحشي نموني ٺهڪ ڏئي رهيو هو ۽ وحشي حرڪتون
ٿي ڪيائين.

هو واٽ ڦاڙي، حيرت ڀريل اکين سان پنهنجي
آسپاس ماڻهن ۽ جاين کي گهوري گهوري ڏسي رهيو

هو. هن ڪڏهن ميسوپوٽيما ۾ ڪونہ ڏٺو هو ۽ هيءَ ٿي پهرين شهري تهذيب هئي جا هن ڏٺي هئي. هن جي پنهنجي علائقي ۾ ماڻهو ڇڙوڇڙ ڇپرن ۽ غارن ۾ رهندا هئا، وڻن جا پن، ۽ رڍن ۽ اٺن جون کلون ڍڪيندا هئا، ۽ کجور ۽ ٻين ڪن وڻن جون پاڙون ۽ ميوو کائيندا هئا.

۽ هتي ہ ٿي ڏينهن رهڻ دوران هن ڇا ڇا ڏٺو؟ باقاعدي رٿابنديءَ سان ٺهيل شهر هو: سڌيون ۽ ويڪريون گهٽيون، ماڻهن کي رهڻ لاءِ پڪسرا گهر، جن ۾ اگڻ هو، ڏاڪڻ هئي، وهنجڻ جاءِ هئي، کوهہ هو. ماڻهن ڪڻڪ ۽ ٻيا فصل پوکيا ٿي. گهرن ۾ جنډ هئن، جن ۾ اَن پيهي، اٽو ڪري، ان مان مانيون ٿي پچايائون. هنن ڪپهہ جو فصل پڻ ڪيو ٿي ۽ ڪپهہ مان اُٽ ۽ آڌائي تي ڪپڙو اُڻي، اهو جسم تي ٿي ڍڪيو. ماڻهن جي سيرب لئل هئي.

ماڻهو بيحد خوش ۽ خوشحال هئا، جو سندن گيتن جي گونجن، سازن جي سُرن، ۽ ناچ جي ادائن مان پڌرو هو.

هتي جا ماڻهو وڏا هنرمند ۽ ڪاريگر هئا. هن اهڙا دڪان ۽ هنڌ ڏٺا، جتي ڪپڙو اُڻيو ٿي ويو، زيور ٺاهيا ٿي ويا، ڪاٺ مان ٽپڙ جوڙيا ٿي ويا، ڌاتن مان برتن ٺاهيا ٿي ويا، مورتي سازيءَ جو ڪم پئي ٿيو، عاج جو ڪم پئي ٿيو، ڇپر ۽ رنگاوت جو ڪم پئي ٿيو، ٺڪر جي ٿانون تي چٽسالي پئي ٿي، ڪاشيءَ جو ڪم پئي

هلبو، علاج گهر هئا، پٿر تي چٿسالي ۽ آڪَرَ پئي ٿي. هن هڪڙو وڏو گدام ڏٺو، جتي ڪڻڪ جو وڏو ذخيرو ڪري رکيو ويو هو. هن بيل گاڏيون ڏٺيون، جي سامان ڍوئي رهيون هيون. هن اهي شيون فقط ڏٺيون ٿي، باقي سمجهه ۾ ڪونه ٿي آيس.

○

زمانو ڦرندو رهيو، ماڻهو مرندا رهيا، بادشاهيون بدلبيون رهيون، مذهب مٽبا رهيا، پر ناچ قائم رهيو. هر زماني جي ناچڻي نچندي رهي.

○

آرين جو دور آيو. آريا ڪنهن ڌاري ڌرتيءَ تان سنڌ ۾ آيا. هنن وٽ جنگي هٿيار هئا، جن جي زور تي هتي جي رهاڪن تي غالب پئجي ويا ۽ هنن کي دربدر ڪري ڇڏيائون، غلام بڻائي ڇڏيائون.

ڪيترن سنڌين وانگر ناچڻيءَ به سوچيو: ”اسان کي جنگي اوزار به ناهڻ کپندا هئا ۽ لشڪر تيار ڪرڻ گهربو هو. اسان وٽ دنيا جو بهترين دماغ، هنر ۽ ڪاريگري هئي، ۽ اهڙا هٿيار جوڙي ٿي سگهياسين، جو دنيا جي ڪابه قوم انهن جو مقابلو ڪري نه سگهي ها. سنڌين جو ٻين ملڪن تي اگرائي يا چڙهائي ڪرڻ جو ڪڏهن به مقصد ڪونه رهيو آهي؛ پر سگهيا ورتل فوج ۽ موتمار هٿيارن سان سنڌ تي حملو ڪندڙ دشمن ۽ سنڌ ۾ وگهوڙ ڪندڙ نمڪحرامن جا ڏند کٽا ڪري ٿي سگهياسين“.

ناچڻيءَ پنهنجن وڏڙن کي خانگي ڪچهرين ۾ هي چوندي ٻڌو:

”هي نوان آيل ڏاريا پاڻ کي سڌريل، مهذب ۽ آريا سمجهن ٿا ۽ اسان کي اڻ سڌريل، جهنگلي ۽ اڻ آريا سڏين ٿا. جيتوڻيڪ حقيقت هيءَ آهي ته لڙائيءَ جي ميدان ۾ نه پڄڻ جي باوجود به، اسين سنڌ جا اصل رهاڪو علم، فن، هنر، کيتي، مورتي سازي، اڏاوت، ڪاريگري، ٻولي، ناچ، سازن، سنگيت ۽ حياتيءَ جي ٻين تهذيبي ۽ علمي پهلوئن ۾ نه رڳو هنن آرين کان، بلڪ سڄي سنسار جي قومن ۽ قبيلن کان گهڻو مٿيرو ۽ اڳيرو آهيون.“

آرين به جلدئي اها ڳالهه محسوس ڪئي. پوءِ هو آهستي آهستي سنڌ ۽ سنڌين ۾ جذب ٿيندا ويا. سنڌي ٻولي ڳالهائڻ لڳا ۽ سنڌي رهڻي ڪرڻي اختيار ڪيائون، سنڌي سڀيتا کي پنهنجو بڻايائون. هڪ ٻن پيڙهين کان پوءِ اصلوڪن ۽ نون سنڌين ۾ ڪو به سنڌو نه رهيو. سڀئي سنڌي تهذيب ۾ رنگيل هئا، سڀئي سنڌي هئا.

آرين پاڻ سان گڏ پنهنجا معبود پڻ آندا هئا. هنن هتي مندر ٺهرايا ۽ اتي پنهنجي ديوتائن جي بتن کي پوڄڻ لڳا.

هو سنڌي ناچ ۽ سنڌي سنگيت جا عاشق بڻجي ويا. ناچ ۽ راڳ جا جشن جاري رهيا. هاڻي ناچ جون وڏيون محفلون مندرن ۾ ٿيڻ لڳيون. عام خاص ماڻهو سڀ ناچ ۾ شريڪ ٿيندا هئا. اتي عقيدتمنديءَ جو عنصر، نچندڙن ۾ نئين وجداني ڪيفيت پيدا ڪندو هو ۽ ناچ ۾، مست ڪندڙ بي ساختگي پيدا ٿي پوندي هئي. نچندڙ آسپاس کان بي خبر، پهرن جا پهر ناچ ڪندا رهندا هئا.

”ناچڻي“ هر ناچ ۾ ”اڳواڻ ناچڻي“ بڻجندي هئي.
ڪيتن ۽ ڪوهن تي، ديرن ۽ درياهن تي، دهل وڄندا هئا،
بانسريون ۽ مرليون سُرَ ڪڍنديون هيون، ۽ ماڻهو
نچندا هئا. سويمبرن ۽ وهانءَ جي موقعن تي دعوتي
نچندا هئا.

○

سنڌوءَ مان پاڻي وهندو رهيو. زمين سرسبز ٿيندي
رهي. سيرنهن جا گُل ٽِڙندا رهيا. ڪڻڪ جا سنگ
نسرندا رهيا. ناچ جون راتيون جهومنديون رهيون. صبح
جي ٿڌڙي هير ۾ ڪڻڪ جي پڪل پوک لهرون بڻائيندي
لڏندي رهي. ناچڻي نچندي رهي. هوءَ پنهنجي ملڪ جو
فخر هئي. هوءَ پنهنجي ديس واسين جي ڌڙڪندڙ دل هئي.
صديون پٺيان صديون گذرنديون رهيون. عربن جي سنڌ
تي قبضي ڄمائڻ تائين گهڻو ڪري سنڌي ٻُڌَ گهراڻي
۽ برهمڻ گهراڻي جي حڪومت رهي. پر ان وچ ۾ ايرانين
۽ يونانين سنڌ تي ڪاهون ڪيون ۽ ڪافي عرصو هتي
راڄ به ڪيو.

○

ايران جو دارا، جو سنڌ کي ”سون جو گهر“ سڏيندو
آهي، ڪيترائي ملڪ فتح ڪري چڪو آهي. هن جو
دنيا ۾ وڏو دٻدٻو آهي. سنڌ ۾ به ايرانين جي حڪومت
آهي. هو هتي جي بهمن آباد شهر ۾ پنهنجو قومي ”نو روز
جشن“ ملهائي رهيا آهن. ڪيترائي سنڌي به اتي موجود
آهن. انهن ۾ ”ناچڻي“ پڻ آهي.

سان، سنڌ جي ناچ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هٿيار کڻي نچڻ جو رواج پيو. نچندڙن جي هٿن ۾ کهاڙيون، لوڙهيون يا ترارڻيون هونديون هيون. اهو گيت ڪجهه هن ريت هو:

دائم آهيون، قائم آهيون،
سنڌي اسين اصل کان.
موهن جي دڙي ۾ ڏيجي،
وري به،
جٽرا تي ائندا آهيون.

سنسار ساري ۾،
سنسار ساري کان،
مٿاهان رهيا آهيون،
اوچا رهيا آهيون؛
تهذيب، علم، فن، زبان ڪري،
واپار، هنر، امن امان ڪري.

اڳتي به رهنداسين،
دائم ۽ قائم،
اوچا ۽ مٿاهان،
جنگ به سکي، جنگجو به بڻجي،
هٿيار ٺاهي، هٿيار هلائي.

اها ئي آهي وقت جي وصيت،
اها ئي آهي زماني جي ضرورت،

اهائي آهي اسان ۾ ڪمي،
رڳي ڪمي، رڳي ڪمي، رڳي ڪمي.

ڌارين کي ڌڪي ڪيڍنداسين،
دشمن لاءِ موت بڻباسين.

سنڌ جو سڻهن، سنڌوءَ جو قسم،
اڏين ڪنداسين،
اڏين مرنداسين،
دائم رهڻ لاءِ،
قائم رهڻ لاءِ.

○

سنڌ ۾ يونانين جي فرمانروائيءَ جو دور آهي. پٽالا شهر ۾ سنڌي ڪو ڏڻ ملهائي رهيا آهن. رات جو وقت آهي. گهر گهر ۾ ڏيا ۽ ڏياٽيون روشن آهن. رستي تان هڪڙو جلوس نچندو لنگهي رهيو آهي. نچندڙن جي هٿن ۾ ڏياٽيون آهن ۽ هو نچي رهيا آهن. لاٽون نچي رهيون آهن، شمعون نچي رهيون آهن، روشنيون نچي رهيون آهن. ڪيترائي ماڻهو دهل، نغارا، بانسريون ۽ شرنايون وڄائيندا هلن ٿا. ماڻهو نچندي گيت به آلاپي رهيا آهن. رستي جي هرهڪ گهر مان راڳن، سُرن ۽ سازن جو آواز اچي رهيو آهي. جڏهن ڪي جلوس لنگهي ٿو، گهرن مان ماڻهو نڪرندا، نچندا، هن جلوس ۾ شامل ٿيندا وڃن ٿا. سڄي شهر ۾ اها ڪيفيت آهي. ماڻهو موج ۽ مستيءَ ۾ آهن.

يوناني اهڙو دلفريب ڏيک، دل جون تارون ڇيڙيندڙ ناچ ڏسي، ۽ رس ڀريا نغما سڻي، سراپجي وڃن ٿا. هنن جي پنهنجي ملڪ يونان ۾ به ناچ ۽ سنگيت بلند پائي جا هوندا هئا، پر اهي اهڙي روحاني ڪيفيت پيدا نه ڪندا هئا. هو هن ناچ جي روح روان ”ناچڻيءَ“ جو ناچ ڏسي نه صفا منڊجي ويا: ڄا نه هن جو جسم هو، ڄا نه هن جو فن هو، ڄا نه هن جي منهن تي مرڪ هئي. ڪنهن يوناني ديويءَ جو حسين ترين بُت به هنن تي ايترو اثر ڪري نه سگهيو هو، جيترو هيءَ سانوري ڇوڪري. هنن جا سيس، هن جي آڏو خود بخود نمي وڃن ٿا.

يوناني سنڌ جي راڳ ۽ ناچ کان ايترو متاثر ٿيا، جو ان کي ”سُرَ ۽ ساز“ جو ديس ڪوٺڻ لڳا.

سڪندر به ناچڻيءَ جي ناچ جي ساراهه ڪئي. هو يوناني هو، فن جو قدردان ۽ فن جي فلسفي مان واقف. هو ڇهڙا پوش ڪري، هڪڙي جشن ۾ ناچڻيءَ جو رقص ڏسڻ ويو. هن کي خبر هئي ته فنڪار جو فن، ان وقت اوج تي هوندو آهي، جڏهن هو فطري ماحول ۾، دل جي امنگن ۽ پوري آزاديءَ سان ان جو مظاهرو ڪندو آهي. هو ناچڻيءَ جي فن کان بيحد متاثر ٿيو.

○

عرب سنڌ تي قبضو ڪري چڪا آهن.

هڪڙي عرب، برهمڻ آباد شهر ۾، ليکي ڇپي، گهڙڪين مان جهاتيون پائي هڪڙي مندر جو اندرون

ڏيک ڏنو. مندر ۾ سري ڪرشن جو راڌا ۽ گوپين سان ناچ پٽي ورجايو ويو. ان ۾ راڌا، "ناچڻي" بني هئي.

هن عرب، ان وقت جي سنڌ جي عرب حاڪم وٽ اچي "ناچڻيءَ" جي سونهن ۽ نزاڪت جي شاعرائي ڍنگ سان واکاڻ ڪئي. عرب حاڪم هرکجي ويو ۽ هڪدم ڪيترن سپاهين کي حڪم ڪيائين ته ان ناچڻيءَ کي هٿ ڪري، سڳهوڙي منهنجي ننڊ ڪوٺيءَ ۾ پهچايو وڃي.

○

ان ڏينهن، سانجهيءَ جو ناچڻي رستي تان لنگهي رهي هئي ته هڪ هندو سنڌين جو ميڙ ڏٺائين، جي حيرت ڀريل نگاهن سان عربن کي عبادت ڪندي ڏسي رهيا هئا.

جڏهن ته ناچڻيءَ جي ذهن ۽ زندگيءَ ۾، پوڄا پاٺ جي جڳهين سان ناچ ڳنڍيل رهيو هو، ان ڪري هُن هِنَ عبادت کي سمجهيو ته اها هنن جو ڪو مذهبي رقص آهي.

هوءَ پنهنجي گهر پهتي ته ڏهه عرب سپاهين جي ٽولي، هن کي عرب حاڪم وٽ وٺي هلڻ واسطي اچي سهڙي. ناچڻيءَ اعتراض ڪيو. اڄ تائين ڪنهن به هن کي اهڙي نموني رعب ۽ اڻڱائيءَ سان نه سڏايو هو، ڇو ته هوءَ ڪا ڏوهارڻ يا نيچ هئي. هن کي ننڍو وڏو بي انتها عزت ڏيندو آيو هو. ان ڪانسواءِ ههڙي بيگاهه وقت ۽ اڪيلو وڃڻ کان هن انڪار ڪيو. پر سپاهي هن کي زبردستي کڻي کڻي ويا.

○

ناچڻيءَ کي سامهون ڏسي، عرب حاڪم جي وات ۾ پاڻي پرجي آيو. هن سڀني موجود ماڻهن ۽ ملازمن کي ڪمري مان ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو. اڪيلائي ٿي ته ناچڻيءَ کي چيائين:

”مون تنهنجي ناچ جي ڏاڍي ساراهه ٻڌي آهي. ان کانسواءِ سنڌي حسن ملڪان ماڪ مشهور آهي ۽ تون سنڌي حسن جو اعليٰ نمونو ٿي ڏسجين. اڄ رات مون کي پنهنجو ناچ ڏيکار ۽ پنهنجي حسن جي باغ مان گل چونڊڻ ڏي. اڄ رات مان حورن جا خواب نه ڏسندس، پر جيئري جاڳندي حور منهنجي پهلوءَ ۾ هوندي.“

ناچڻي ٿورڙو منجهي پئي، پر پوءِ جرئت سان جواب ڏنائين: ”هيءَ بند ڪوٺي به ڪا نچڻ جي جڳهه آهي. تون ٻاهر کليل ميدان ۾ ماڻهن جي ميڙ جو ناچ ڇو نه ٿو ڏسين، ۽ پنهنجي قوم ۽ پنهنجي مذهب وارن کي سڏائي، انهن جو رقص ڇو نه ٿو ڏسين؟“

”مان ائين ڪري نه ٿو سگهان ۽ اسان جي مذهب وارا نچي نه ٿا سگهن. مان فقط لڪي ڇپي ناچ جو مزو ماڻي سگهان ٿو.“

”سبب؟“

”نچڻ حرام آهي.“

”حرام!.... حرام ڇا ٿيندو آهي؟“

”جيڪو ڪم ناجائز هجي.“

”ناجائز جو مطلب پڻ منهنجي سمجهه ۾ نه ٿو اچي.“

”يعني جيڪو ڪم خدا کي ناپسند هجي.“

”خدا کي ناپسند! اسين ته نچندا ڏي خدا کي، پرماتما کي راضي ڪرڻ لاءِ آهيون. اسين ته هن جي اڏو مڙهين ۽ مندرن ۾ نچندا آهيون. خود توهين به ته پنهنجي عبادتگاهه ۾ نچندا آهيو. مون ٻاڌ اڄ اوهان جي مذهب وارن کي اتي نچندي ڏٺو.“

عرب جو ڪاوڙ ڪان منهن ڳاڙهو ٿي ويو. رڙ ڪري چيائين:

”او نادان! اهو ناچ نه هو. بهرحال مان تنهنجو بحث ٻڌڻ لاءِ توکي هتي نه گهرايو آهي. مان تنهنجو رقص ڏسڻ جو خواهان آهيان. هاڻ نچ ۽ لباس کان بي نياز ٿي نچ، نچندي رهه ۽ نچندي نچندي منهنجي پهلوءَ ۾ هلي اچ.“

هو صراحيءَ مان پيالو ڀري پئندو رهيو. هاڻي خمار چڙهڻ لڳو هوس ۽ هن جي اکين ۾ هوس چاڪي رهيو هو.

ناچڻي ڪانه چري ۽ پوري خوداعتماديءَ سان چوڻ شروع ڪيائين:

”مان ته جڏهن دل ۾ اڌما ۽ اتساهه اٿندا آهن، تڏهن نچندي آهيان. جڏهن منهنجي دل چاهيندي آهي، تڏهن نچندي آهيان. مان خودبخود نچندي آهيان. خاص ماڻهوءَ جي ديدي ۾ اچي، اڪيلي هن جي سامهون ۽ بند ڪمري ۾ نه نچندي آهيان. مان صفا ننگي ٿي نه نچندي آهيان، جيئن تون چاهين ٿو. مان ڪنهن جي عياشيءَ جو رانديڪو ٿي نه نچندي آهيان، جيئن تنهنجي آرزو آهي. مان سدائين لوڪ ناچ نچيو آهي. تون مون

ڪي دولت عيوض نچڻ تي هرڪائين ٿو، ڇا دولت واسطي نچبو آهي؟ نچبو آهي پنهنجا جذبا ظاهر ڪرڻ خاطر ۽ انهيءَ طرح ذهني آسودگي ۽ روحاني خوشي حاصل ڪبي آهي. ها، اڪيلو نچبو آهي محبوب لاءِ، اڪيلو نچبو آهي محبوب سان، ۽ توهين منهنجو محبوب نه آهيو."

اها ڳالهه تقرير ٻڌي عرب حاڪم پاڻيءَ مان نڪري ويو. هن جي اکين ۾ ۽ چهري تي وحشي پڻو پيدا ٿي آيو. ناچڻيءَ کي هن جو اهو روپ ڏسي، ان بدوي عرب جو خيال آيو، جو ڪيترين صديون اڳ موهن جو دڙو آيو هو.

هو ناچڻيءَ تي حملو ڪرڻ لاءِ اٿيو. پر ناچڻي به خطرناڪ شينهڻ بڻجي مقابلي لاءِ تيار هئي. للڪار ڪري چيائين:

"جي هڪ وک به وڌائي اٿئي ته هي خنجر تنهنجي ان پليت دل مان پار ٿي ويندو." هن پنهنجو لڪل خنجر ڪڍي ظاهر ڪيو.

خنجر کان خوفزده ٿي، يا ناچڻيءَ جو حوصلو ڏسي، يا ڪنهن مصلحت ڪري، يا نشي هن کي نستو ڪري ڇڏيو هو، هو مقابلي تان هٿ ڪڍي ويو.

تاڙي وڄايائين. چار چوبدار در کولي، ڊوڙندا آيا.

حاڪم حڪم ڏنو "هن ناچڻيءَ کي لوهي زنجيرن ۾ جڪڙي، اونداهي ۾ اونداهي قيد ۾ وجهي قابو ڪيو!"

۽ هوءَ اڄ ڏينهن قيد آهي.

○

حيدرآباد: ١٢- مئي ١٩٧٥ع

# ساڍيڇهه مٿائن سون تي

○

○

هن عرب اڳواڻ جو هي بيان پڙهي مان حيران ٿيس، خوش ٿيس ۽ ٻين کي اهو ٻڌائڻ ۽ ڏيکارڻ لاءِ بيتاب ٿيس. بيان پڙهڻ سان هڪدم محسوس ٿيم ته انهيءَ بيان ۾ آيل ويچار اول ئي منهنجي دل ۾ موجود هو، پر ٻاهر ڪونه ٿي ڪڍيم، يا ٻاهر ڪڍڻ چاهيم ٿي، پر همت نه ٿي ٿي، يا همت ٿي ٿي ته لفظ نه ٿي لڌا، يا جي لفظ لڌا ٿي ته موقعي جي تاڙ ۾ هوس. مونکي خبر هئي ته اهو ويچار، دنيا جي سچن ۾ هڪ وڏو سچ آهي.

مون ۾ هڪ انوکي بي‌آرامي پيدا ٿيڻ لڳي. مون چاهيو ته اهو بيان گهٽي ڪان گهڻا ماڻهو پڙهن، اهو ويچار پنهنجي ديس ۾ عام توڙي خاص تائين پهچائجي.

منهنجي دل چاهيو ته پمفليٽ ڇپرائجن، پوسٽر پٿين تي چنبڙائجن، برش سان ديوارن تي لکرائجي. مان گهر ۾ ويهي نه سگهيس ۽ پنهنجي انهن خيالن کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ سوچيندو ٻاهر نڪتس.

پهرين پنڌ هلڻ لڳس، جتي پٿين تي لڳل اشتهار ۽ پوسٽر ۽ لکيل نعرا ڏسندو ۽ پڙهندو وڃان، جتي ان بيان جو پلو ڪرڻ لاءِ ذهن ۾ ڪو خاڪو تيار ٿئي.

پٿين تي لڳل پوسٽر ۽ لکيل اشتهار گهڻو ڪري هڙئي پرديسي ٻوليءَ ۾ هئا. مونکي ان ڳالهه تي به خار

ديس جون ديوارون ڇڏڻ تي لاچار ڪيو ويو. اسرائيل (فلسطين) جي اصلي باشندن فلسطينين کان هنن جون ملڪيتون، اباڻا ڇنا، روزگار، نوڪريون ۽ ٻيا انساني حق کسي، ۽ سازشون سٽي، ايترو تنگ ڪيو ويو جو هو يا ته پنهنجي ئي ديس ۾ غلام ۽ پرديسي بڻجي ويا، يا پنهنجو ديس ڇڏي، ٻين ملڪن ۾ پناهگير بڻجي ويا. ٻئي طرف دنيا جي ٻين ديسن جي يهودين کي آڻي، عربن جي سرزمين تي آباد ڪيو ويو. اسرائيل، عرب زمين جو زهري ناسور بڻجي ويو آهي.

اسرائيل ۾ يهودين کي گهڻائيءَ ۾ ڪرڻ خاطر، ٻين ملڪن جا يهودي اتي آندا ويا آهن، صفا ائين جيئن هن ملڪ ۾ غيرملڪين کي گهڻائيءَ ۾ ڪرڻ واسطي، ٻاهران آڻي مڙهيو پيو وڃي.

هنن ۽ يهودين جي وچ ۾ ٻي به هڪڙي هڪجهڙي خاصيت آهي. ڪن مجبورين ڪري پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجي وطن مان لڏيائون يا لڏايا ويا، ته حالتون سازگار ٿيڻ تي، هنن کي واپس پنهنجي وطن ورڻ جي جاکوڙ ڪرڻ کپي ها. جيئن مڇي، ڄار ۾ ڦاسي، پاڻيءَ کان ٻاهر اچڻ تي، قائل هوندي به تڙڦندي آهي ۽ وري واپس پاڻيءَ ۾ پهچڻ لاءِ سير جون سٽون ڏيندي آهي. پر واپسيءَ جي نه هنن ڪوشش ڪئي آهي ۽ نه اسرائيل ۾ آيل يهودين. حالانڪ هنن جي اصلي وطن ۾ اڃان تائين ڪروڙين مسلمان رهن ٿا؛ ۽ آمريڪا، يورپ ۽ رشيا، جتان ڪيترا يهودي لڏي اچي اسرائيل ۾ رهيا

لڳايل ڳاڙهي ڪپڙي تي يهودين خلاف، پرديسي ٻوليءَ ۾، نعرا چنبڙيل ۽ لکيل نظر اچن ٿا. مان سوچيان ٿو: هي هاسيڪار ان ڳالهه جو ڏيکاءُ ڪن ٿا. اهو هنن جي مجرم ضمير لاءِ آٿت آهي ۽ پنهنجو جرم لڪائڻ لاءِ حياءُ.

هڪڙي مسيت جي لائوڊ اسپيڪر مان آسمان ڦاڙ آواز نڪري رهيو هو. مولوي، پرديسي ٻوليءَ ۾ چئي رهيو هو: ”.... يهودي ڪافر آهن، خدا جا منڪر آهن، مسلمانن جا دشمن آهن، هو بيت المقدس تي قبضو ڪيو ويٺا آهن....“

مان دل ۾ ان مولويءَ کي گار ڏيئي سوچيان ٿو ته ائين ڇو نه ٿو چوي ته، ”.... يهودي سرمائيدار، سامراجي ۽ سامراجيت جا دلال آهن، هو انسانيت جا منڪر آهن ۽ انسانن تي ظلم جي بازار گرم ڪيو ويٺا آهن، هو غاصب آهن ۽ فلسطينين جا حق، ملڪيتون، روزگار ۽ جائدادون هڙپ ڪري، انهن تي قبضو ڪيو ويٺا آهن....“.

ڇوڪرن جو هڪڙو ٽولو لنگهي ٿو. هي شايد ڪنهن جلوس ۾ شامل ٿيا هئا ۽ ان جي ختم ٿيڻ تي موٽي رهيا هئا. هنن جي هٿن ۾ ڳاڙهي ۽ ڪاري ڪپڙي جا پلئڪارڊ هئا ۽ يهودين کي گاريون پيا نعرا هڻي رهيا هئا. پلئڪارڊن تي پرديسي ٻوليءَ ۾ اسرائيل ۽ يهودين جي مذمت ٿيل هئي.

هاڻي ديوار تي هڪ ڏاڍو خوبصورت پوسٽر نظر آيم. پرديسي ٻوليءَ ۾ هو. ٽي فوٽ ڪن ڊگهو، ڏيڍ فوٽ ڪن

”سائين، اهي ته وڏا ظالم ڇئبا.“

”انهن اتي جي اصلي رهاڪن جون زمينون، جاون ۽ دڪان قبا ڪيا آهن، ۽ عربن جو اتي رهڻ زهر بڻايو آهي. اهي عرب دربدر ۽ ڪپي ٽڪر لاءِ پريشان آهن.“

”سائين، اهي ته وڏا ظالم ڇئبا“.

”عرب پنهنجا گهرگهاٽ ڇڏڻ تي مجبور ٿيا آهن. يهودين هنن کي نوڪرين ۽ روزگار کان محروم ڪري ڇڏيو آهي.“

”سائين اهي ته وڏا ظالم ڇئبا.“

”ديسي پنهنجي ديس ۾ پرديسي بڻجي ويا آهن ۽ ڌاريا پيا اتي حڪومت ڪن.“

”سائين اهي ته وڏا ظالم ڇئبا.“

پوءِ مون ڏٺو ته هو ڏڪي ۾ پئجي ويو. نيٺ مون ڏي نهاري چيائين:

”سائين هتي اسان وٽ ته يهودي ڪونه آهن، سڀ مسلمين پاڙر آهيون، پر مان ڪاڪي ليکو مل وٽ نوڪر هوس. هو وڏو ته هڪ ننڍڙي جاڳڙي ۽ هڪ دڪانڙو مونکي ڏئي ويو. دڪان مان منهنجو چڱو گذر سفر پئي ٿيو. پر هنن نون ماڻهن اچي مونکي تنگ ڪيو ۽ ڪيس ڪري ڪورٽن ۾ رلائي رلائي، خرچ ڪرائي مونکي سڃو بڻ ڪري ڇڏيائون ۽ گهر ۽ دڪان پنهنجي جو قبضو به ڦري ورتائون. مان دربدر آهيان. هاڻي شهر جي پسگردائيءَ ۾ جهوپڙيءَ ۾ پيو رهان ۽ هي گڏهه گاڏي پيو هلائان. گذر سفر ڏاڍو ڏکو آهي. هتي جون سڀ

سڀئي سٺيون زمينون، جايون، گهر دڪان، بزاريون انهن کي مليون، جي هتي جا اصل رهاڪو نه آهن. ائين ڇو ٿيو آهي؟"

"ظالم هر جڳهه موجود آهي. سڀڪو پنهنجي مڙسي ڪري پنهنجا حق حاصل ڪري." مونکي ان وقت، ان کان بهتر ڪو ٻيو جواب ڪونه سجهيو.

"ها سائين، اسان ۾ ڏاڍي ڪانهي، ان ڪري پيا لوڙهون".

هو پنهنجي گاڏيءَ ڏي وڌيو.

مون سوچيو ته هتي جي اصل ديس واسين جي اسرائيل کان نفرت حقيقي آهي. هو يهودين کان سندن سامراجي هلت، غلط نظرين جو سهارو وٺڻ ۽ اتي جي اصلي باشندن جي پرمارٿت ڪرڻ ڪري دلي نفرت ڪن ٿا.... ۽ نوان آيل جيڪي پٿين تي، جلوسن ۾، موڊرن تي ۽ لائوڊ اسپيڪرن تي اسرائيل خلاف ايڏي نفرت جي نمائش ڪن ٿا، تن جي اها نفرت رڳو ٻچاپڙائي ۽ ڏيکاءُ آهي، يا وڌ ۾ وڌ غلط جذبن جو مظاهرو. هي ڪيئن ٿا يهودين کي ننڍي سگهن، جڏهن سندن ڪردار به ساڳيو آهي.

○

وري يهودين جي ٻچار: يهودين جو خاص ڪردار آهي سرمائيداري ۽ سامراجيت. هن ملڪ ۾ نوان آيل هتي جي زمين، ملڪيتن، جائدادن، نوڪرين، گذر جي ذريعن، واپار ۽ ڪارخانن تي قبضو ڪري، سرمائيدار بڻجي ويا آهن. ان ڪانپوءِ هن ديس کي حقارتي سمجهي،

مان گورڪيءَ وانگر ساڳئي وقت اديب، انقلابي ۽ سياسي ڪارڪن ڪونہ آهيان. هو نہ رڳو لکندو هو، پر پمفليٽون ۽ ڪتابڙا ملڪ جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ وڃي ورهائيندو هو، تقريرون ڪري پرچار پڻ ڪندو هو ۽ سياست ۾ بهرو وٺندو هو.

مان رڳو اديب آهيان، قلم ڪان ڪم وٺي چاهيان، ان ڪري جيڪي چوڻ ٿي چاهيم، سو ڪهاڻيءَ جي لباس ۾ لکندس.

○

هاڻي، ان مسلمان اڳواڻ جو اهو بيان لکان ٿو، جنهن تائين پهچندي پهچندي، مونکي هيتري ڪتا لکڻي پئي. هي بيان هتي جي سامراجين ۽ سندن دلالن جي منهن تي ٿڦڙ آهي.

هن اڳواڻ، فرينچ اخبار ”لي ماندي“ جي عيوضيءَ کي انٽرويو ڏيندي چيو:

”مان فقط ان حالت ۾ جنگ ۾ حصو وٺندس، جڏهن ان جو مقصد هوندو غاصب کي پوري سيکت ڏيڻ. مان انهن مڙني يورپي يهودين کي هتان تڙي ڪيڻ ٿو چاهيان، جي ١٩٤٨ع کانپوءِ عرب علائقن ۾ آباد پئي ٿيندا رهيا آهن. جيستائين عرب يهودين جو لاڳاپو آهي، اهي اسان جا ڀائر آهن. هو اسان جي وچ ۾ اهڙي ئي امن ۽ سلامتيءَ سان رهندا، جئن صدين کان هن سرزمين تي رهندا آيا آهن.“

هي آهي ليبيا جي صدر ڪرنل قضافيءَ جو بيان.

صدر قضافي اهو شخص آهي، جو ڪٽر مسلمان سمجهيو وڃي ٿو، اسلامي روايتن کي نئين سر جيارڻ جي جاکوڙ ڪري پيو ۽ پنهنجي ملڪ اندر نج اسلامي قانون جاري ڪري رهيو آهي.

○

حيدرآباد: ۱۸- نومبر ۱۹۷۳ع
سهڻي: جنوري ۱۹۷۴ع

# ڪٿي آيو خير سان

مي مهيني جي گرمي. ٽاڪ منجهند. لُوهه، جهرلو. وڏيرو وسايو خان، پنهنجي لطيف آباد واري بنگلي ۾ ٿڌل (ايئرڪنڊيشنڊ) ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽيو، اخبار پڙهي رهيو هو ته اوچتو پاڻمرادو بند ٿيندڙ دروازو کليو ۽ ايڏو ٺڪاءُ ڪري بند ٿيو، جڻ ته بم ڦاٽو هو. وڏيرو ڇرڪ پري، اٿي ڪڙو ٿيو.

دلاور دروازي مان ڏوڪيندو، ٿيڙ کائيندو، اچي ڪوچ تي ڪريو. سڄو پگهر ۾ شـَل، لٽا آلا ۽ مٿيءَ هٿا، اکيون ڳاڙهيون جهڙو رت، چهري ۽ ڪن جي پاپڙين جو رنگ ٽتل ڏامي جهڙو. ساهه هڪ هيٺ، هڪ مٿي. سهڪندي سهڪندي چيائين:

”چاچا.... چاچا....“

پنهنجي ساهه تي وس ڪونه هوس، ان ڪري وڌيڪ ڳالهائي ڪونه سگهيو.

وڏيرو حيران پريشان.

”ابا خير ته آهي؟ ڇا ٿيو، خير ته آهي؟“ هو وڏي وڇي، ڪوچ تي هن جي پرسان ويٺو ۽ آٿت ڏيڻ لاءِ، قرب سان هن جي ڪلهي تي هٿ رکيائين.

دلاور پنهنجي ساهه کي قابو رکڻ لاءِ پورو پورو زور لڳائي رهيو هو. وڏيري جو انتظار وڌڻ لڳو، انديشا جاڳڻ لڳا ۽ خطري جو احساس پيدا ٿيو.

”ابا خير، پٽ خير، ڪجهه ٻڌاءِ ته سهي“
چوڪرو سامت ۾ اچڻ لڳو.
”چاچا، ڪي شاهينگ....“
”ها، ها، شاهينگ ڇا؟“
”ڪي شاهينگ مينوءَ کي ڀڄائي ويا.“
”اڙي ڇوين ڇا پيو؟“ هن جي منهن جو پنو لهي ويو.
”ها چاچا، سچ ٿو چوان. اهي بدمعاش مئوءَ کي اغوا ڪري ويا.“
”يا خدا، هي ڪهڙو قهر ٿيو، منهنجي پٽ سان ڇا ٿيو؟“ هن جو چهرو رت کان خالي ٿي ويو.
”هي بدمعاش هن کي موٽر سميت ڀڄائي ويا.“
”پر ڪيئن؟ ڪٿي؟ ڇو؟“
”اسين چار شوري مان، يونيورسٽيءَ جا ڪلاس پورا ڪري، واپس اچي رهيا هئاسين. ڦليليءَ تان لهي، هيٺ ٿياسين ته هڪڙي معتبر ماڻهوءَ هٿ ڏنو. اسان سمجهيو ته شهر هلڻو اٿس. گرميءَ جو وقت هو، سو همدرديءَ کان مئوءَ گاڏي بيهاري. هو شخص وڏي موٽر جي دريءَ وٽ آيو ۽ هڪدم موٽر هلائڻ واري چابي ڪڍي ورتائين. ايتري ۾ پاسي وارن وڻن پٺيان ٻه همراهه ٻيا به ڊوڙندا آيا. اسان ڪجهه سمجهون ٿي سمجهون، تنهن کان اڳ، هنن مون کي ٺيلهو ڏئي، موٽر مان ٻاهر ڦٽو ڪيو، ۽ ڦتڪندڙ مئوءَ جي وات ۾ رومال وجهي، هن کي پوئين سيٽ ۾ ٻن ڄڻن سوگهو جهليو ۽ ٽئين ڄڻي اڳيان ويهي، موٽر چالو ڪئي.... پوءِ هو موٽر کي ڏاڍي تيز

قسم جي سازش، ڪيئن سٽي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته اها ڪا سازش ئي نظر ٿي آئي. وڏي ڳالهه ته اهڙي سازش ڪندڙن جو مقصد ڇا آهي. هن جي ڇوڪري سان شخصي دشمني آهي، يا هن جي مائٽن سان تڪرار اٿن، يا ڦرلٽ جو ارادو اٿن، يا موٽر تي قبضو ڪرڻو اٿن، يا مرڪو ئي اغوا ۽ پئسن جي واردات آهي؟

بهرحال هڪدم وٺ پڪڙ ڪرڻي هئي، جئن ڏوهارين کي وڏي وٿي نه ملي سگهي. وقت قيمتي هو.

هن جو خيال هو ته جي موٽر ڪراچيءَ طرف ڦيرائين ته اهو ضروري ناهي ته ڪراچيءَ ويا هجن. هو دادوءَ وارو رستو وٺي سگهن ٿا، يا ٺٽي وارو، يا موٽر موڙي سکر طرف ويا هجن، يا ٽنڊي محمد خان پاسي. ويهه واٽون آهن. هن ڪيڏانهن ٽيليفون ڪيو، ڪيڏانهن تارون ڪيون ۽ ڪيڏانهن نياپا موڪليا. پنهنجي يار دوست پوليس عملدارن کي شخصي پارت ڪيائين ته هي هن جو پنهنجو پٽ سمجهي، هٿ پير هلائين. موٽر جو نمبر، رنگ وغيره جا پار پتا ڏنا ويا.

ٽيهري‌ءَ تائين ڪراچيءَ مان اطلاع آيو ته سپر هاءِ وي تي، جتان ڪراچي شهر شروع ٿئي ٿو، اتي گهربل موٽر صحيح سلامت حالت ۾، خالي بيٺل ملي آهي.

دلاور جي پڏايل مُنهن مهاندن جي آڌار تي، پوليس ڪراچيءَ ۾ انهن بدمعاشن جي ڳولا شروع ڪري ڏني.

○

ڏينهن پورو ٿيو، رات آئي. رات جي اونده، وڏيري

جي دنيا جي اونده بنجي وئي. هن جي حالت ابتر ٿي وڃي هئي. ساري رات اکين ۾ ڪاٽيائين: پڇ پڇان، پڇ پڇان ۽ هڻ هڻان ڪندو رهيو.

هن پنهنجي منهن، پنهنجا ماڻهو به پٽ جي تلاش لاءِ ڪراچيءَ مڪا.

هن ڏاڍو سوچيو ته هن جو ڪهڙو اهڙو دشمن ٿي سگهي ٿو، جو انهيءَ قسم جو بدلو وٺي. نه وري هن ڪي اهڙو ڪو سمجهيو ٿي، جنهن سان هن جي خانداني دشمني هجي ۽ پلئه رهيل هجي.

هن کي تڪيي ماڇي، سهراب ڪلهوڙي ۽ خدو پروچ جا نالا ڪکڻ لڳا. هي هن جا پراڻا ۽ پيڙهائتا هاري هئا، پر ٿورا ڏينهن ٿيا ته هنن سان ناحق ڪري، هنن جا گهر ٻار ساڙائي، هنن جي لڄن جي بي عزتي ڪري، زمينن تان بيدخل ڪيو هئائين، ڇو جو هنن ٻج ٿي گهريو ۽ ڏل ۾ به پائيوار نه ٿي ٿيا، جئن زرعي سڌارن ۾ چيل هو. هن کي جاڻ سهتي جو خيال پڻ آيو. هن کي پڻ زمين تان بيدخل ڪيو هئائين. ان جو ڪارڻ وري اهو هو، جو هو پنهنجي ڌيءَ کي، وڏيري جي هوس جو شڪار بنجڻ ۾ رڪاوٽ بنجي بيٺو هو.

پر هن کي اهي خيال فضول نظر آيا. تڪيو، سهراب، خدو ۽ جاڻ يا سندن مٽ ماڻٽ صفا جهنگلي جاهل هئا. هنن ۾ شهري نموني سازش ڪرڻ جي اٽڪل ۽ لياقت ڪٿي؟ هو ڪيئن موٽرون هلائيندا ۽ ڪيئن ڪراچيءَ ۾ رهندا ۽ روپوش ٿيندا؟

تہ توهان کي پنهنجي پٽ جو لاش ڏي نصيب ٿيندو. ٽورو لکيو گهڻو ڪري چاتو وڃي ۽ هنن هدايتن جي اکر بہ اکر پيروي ڪئي وڃي."

○

وڏيري اها لکڻي پڙهي ۽ سوچ ۾ پئجي ويو. ماٺ ڪري اهو لفافو کيسي ۾ وجهي ڇڏيائين ۽ ان بابت ڪنهن سان ٻڙڪ نہ ٻوليائين.

هو ان وقت اڪيلو ڏي اڪيلو، چار شوري، يونيورسٽي ويو ۽ وڃي چئي ۾ ٻڌايل هنڌ ڏسي آيو. رات جو مقرر وقت تي، مقرر رقم، مقرر نموني، مقرر جڳهہ تي رکي، موٽي آيو.

○

ڪراچيءَ جي فئشنيبل پاڙي، سوسائٽيءَ ۾، هڪڙو سهڻو ۽ سينگاريل فلئٽ (گهر) آهي، جنهن جي ننهي ڪمرن ۾ قيمتي ۽ صفا نئون فرنيچر نظر اچي ٿو.

انهن مان هڪڙي ڪمري ۾ منو، شبانا ۽ دلاور، ڪوچن تي ويٺا آهن. سندن آڏو ٽپاين تي ڪيڪن، بسڪوٽن ۽ پيسٽرين جون پليٽون رکيل آهن. چانهہ ۽ سگريٽ جو دور بہ هلي رهيو آهي. ٽيئي خوش، کلندا ۽ ٽڙندا ڏسجن ٿا. ڳالهہ ڳالهہ تي ٽهڪ پيا گونجن.

"يار، استاد آهين، نيٺ پنهنجو مقصد حاصل ڪئي". دلاور چيو.

"محبوبن لاءِ جان بہ حاضر آهي. هيءَ تہ ايڏي وڏي ڳالهہ ڪانہ هئي." منوءَ آڏي نگاهن سان شبانا ڏي نهاريندي چيو.

شبانا پاڻ هڪڙو گهر پسند ڪيو. ان گهر جي قيمت چاليهه هزار هئي. هئي تخميني موجب، ان گهر جي ڏاج ئوهه، فرنيچر ۽ سامان واسطي ڏهه هزار پيا به گهربل هئا. تنهن کانسواءِ، مٽئين ۽ ريزڪي خرچ خاطر، شبانا کي ڏهه هزار وڌيڪ به ڏيڻ مناسب سمجهيائين. هونءَ به هن خاندان جي خرچ پکي جو گهڻو بار، مٺوءَ تي هوندو هو.

○

پر ڏينهن اڳ، دلاور، نوٽن وارو ٿيلهو، مٺوءَ جي حوالي ڪندي، هن کي چيو هو "سڪليڊا پٽ، پنهنجي پيءُ کي فون تي دلداري ته ڏئي ڇڏ."

مٺوءَ ان مهل ئي پيءُ سان فون تي ڳالهايو هو:
"بابا، مان صحيح سلامت آهيان. بدمعاشن مونکي آزاد ڪيو آهي. مان ڏاڍو خوش آهيان ۽ جلدئي اچي توهان جا قدم چمندس."

○

حيدرآباد: ١٧- جنوري ١٩٧٤ع
سنڌ رنگ: مارچ ١٩٧٤ع

# ڏئي ڏکا ڏڏن

"يار، اج منهنجي گهر واري ڪجهه ڏينهن واسطي پيڪين وئي آهي. مان آفيس مان واپس وڃي، پرچو پڙهندس ۽ سڀاڻي تائين پنهنجو رايو لکي تو کي پهچائيندس."

اديب، پريان ڳالهائڻي (ٽيليفون) تي ايڊيٽر کي جواب ڏنو.

ايڊيٽر منجهي پيو، تپرس لڳس ۽ سمجهي نه سگهيو ته رسالي پڙهڻ سان، زال جو ڪهڙو واسطو؟ هو ٽن هفتن کان، هن اديب جي پٺيان پيو هو. ٽي هفتا اڳ هن کي پنهنجي رسالي جو ڪيڊيل خاص نمبر آڻي هٿون هٿ ڏنو هئائين؛ ۽ حجت، منٿ ميڙ ۽ زور ڀار سان چيو هئائين:

"هي نمبر پڙهي، تفصيل سان پنهنجو رايو لکي ڏجو، جئن ايندڙ پرچي ۾ ڇاپي سگهون."

اديب ائين ڪرڻ جو انجام ڪيو ۽ ايڊيٽر کي خاطري ڏني.

ان کان ڇئين پنجين ڏينهن "پريان ڳالهائڻي" (ٽيليفون) تي هن کان پڇيائين:

"سائين رسالو پڙهيو؟"

"اڃا ڪونه پڙهيو اٿم، ڏينهن ٻن ۾ هٿ ۾ ڪندس."

ايڊيٽر، ڏينهن ٻن جي وٿيءَ سان، اديب کي يادگيري ڏياريندو رهيو ۽ پڇا ڪندو رهيو. ٻه ٽي ڀيرا روبرو به هن وٽ ويو.

اڳي تہ هي اديب، هي رسالو پهرين فرصت ۾ ، ۽ ملڻ ڪانپوءِ گهڻو ڪري پهرين يا ٻئي ڏينهن پڙهي پورو ڪندو هو. سندس چوڻ موجب، هي هن جي پسند جو رسالو هو، ۽ پنهنجيون بهترين ڪهاڻيون ان ۾ ئي شايع ڪرائڻ چاهيندو هو. ايڊيٽر جڏهن بہ ۽ جنهن بہ پرچي واسطي چوندو هوس تہ بنا دير ان تي پنهنجو رايو يا تنقيد ۽ تبصرو لکي ڏيندو هوس. پر هن ڀيري هو لهرائي رهيو هو. چيائين ٻئي تہ اجا پڙهيو ئي ڪونہ اٿم. مٿان ٻيو پرچو اچي تيار ٿيڻ کي ويجهو پهتو هو. گهڻو مواد ڇپجي ويو هو ۽ آخري صفحن جي ڇپائي هلي رهي هئي. ايڊيٽر چاهيو ٿي تہ هن اديب جو، خاص نمبر تي تنقيدي خط ضرور اچي.

هي اديب، بنيادي طرح ڪهاڻين جو خالق هو، پر ترجما بہ ڪندو هو ۽ مضمون بہ لکندو هو. هو هڪ مشهور ڪهاڻيڪار هو. هن جا ڪيترا ڪتاب شايع ٿيا هئا ۽ ادبي انعام مليا هئا.

○

اديب کي ايڊيٽرن کان گهڻيئي شڪايتون هيون:
”توهين ايڊيٽر ادبي سرمائيدار آهيو. جهڙي طرح سرمائيدار پورهيتن کي پيڙيندو آهي، اهڙي طرح ايڊيٽر ادبين کي پيڙي ٿو. اديب وچارو ڏينهن رات محنت ڪري، رت ست ولوڙي، اکين جو نور نچوڙي، الائي ڪيڏي شوق ۽ جذبي سان ڪا ڪهاڻي ٺهي، ڪو مضمون قلمبند ڪري ٿو، ڪو شعر ناهي ٿو؛ پر ايڊيٽر

سڀ لکڻيون غير معياري ۽ ڦٽي ڪرڻ جهڙيون ليکيون وينديون.

”ريڊيو ۽ ٽيليويزن لاءِ لکڻ واسطي، هنن جي سرڪاري نيتي ۽ حڪم کي خيال ۾ رکڻو آهي ته ملڪ ۽ سماج جي ڪنهن به طبقي کان نفرت يا مخالفت جو ڪو اشارو به نه هجي، ۽ نه ڪو اڻ وڻندڙ لفظ استعمال ٿيل هجي.“

○

ٻئي موقعي تي اديب چيو:

”اسان کي لکڻ جي پوري آزادي ڪانهي. اسان کي ذهني غلامي ڪرڻي پوي ٿي. لکڻ وقت اسان کي ذهن ۾ ڪيترين ئي پابندين خيال ۾ رکڻيون پون ٿيون. فلاڻي رسالي لاءِ لکون ٿا، ان جي نيتي فلاڻي آهي، ان ڪري اهڙي ڳالهه نه لکبي، جا ان نيتيءَ جي خلاف هجي، پوءِ پل ته اها لکڻ ضروري ۽ مناسب هجي؛ ورنه ٻي حالت ۾ اها ان ۾ شايع نه ٿيندي. فلاڻو ايڊيٽر فلاڻن خيالن جو آهي، ان ڪري لکڻيءَ ۾ اهڙي قسم جي خيالن جو ئي اظهار ڪبو، نه ته محنت اجائي ويندي. اهو به خيال ٿيندو ته لکڻي وڌيڪ ڊگهي ٿي وڃڻ ڪري متان پرچي ۾ شامل نه ڪئي وڃي. يا فلاڻي رسالي جو مالڪ، فلاڻي طبقي سان لاڳاپو رکي ٿو، ان ڪري جي ليک ان ۾ شايع ڪرائڻ جو شوق آهي ته پوءِ ان طبقي تي ٽيڪا ٽپڻي نه ڪبي. اخبار لاءِ مضمون لکبو ته ان جي پاليسي، يا جنهن سياسي ٽوليءَ سان ڳنڍيل هوندي

آهي، ان جي نظرين کي، شامل راءِ نہ هوندي ۽ ڏيان ۾ رکڻو پوندو. نہ تہ اهو ليکڪ ردي ٽوڪري ۾ راهي ويندو."

○

اديب جو چوڻ هو تہ لکڻ وقت هن جي ذهن ۾ ڪيترائي انديشا، پابنديون ۽ خطرا لامارا ڏيندا رهن ٿا. اديب تہ سچ لکندو آهي ۽ سچ جو ڪولائو هوندو آهي، پر خيال ٿيندو اٿس تہ متان مذهب جي باري ۾ لکندي، ملن ۽ مولوين کي ڪا ڳالهہ نہ آئڙي ۽ غلط پرچار ڪري، هن بابت غلط فهميون پيدا ڪن ۽ اجايون ڪفر ۽ دهريت جون فتوائون ڏين.

اخلاق جي باري ۾ لکندي، انديشو ٿيندو تہ متان اخلاق جا ٺيڪيدار، برادريءَ ۾ هن جو حقو پاڻي بند ڪري، هن جي سماجي زندگيءَ ۾ زهر پرين.

جنس ۽ محبت جي باري ۾ لکندي، هن تي اگهاڙپ ۽ فحاشي جو الزام لڳي سگهي ٿو. پوءِ هوندو هن تي گارين جو ڏوڙيو ۽ ذاتي حملن جو سنگسار.

سياست تي ويچار ظاهر ڪندي، هن کي وقت جي حڪومت ۽ قانون جي ڏنڊي جو دپ رهي ٿو تہ متان راڄ دوهي، سازشون ڪرڻ ماڻهن کي گمراهہ ڪرڻ، ڌارين جو دلال هجڻ، حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ وغيره جا الزام هڻي، پوءِ ۾ نہ ڏنو وڃي؛ ۽ پوءِ جيل جون هوائون کائڻيون پون.

اديب اهڙو بہ هيسيل آهي جو پنهنجي محنت ۽

وڃڻ جو ذڪر ڪيو، سو ايڊيٽر پڇيس:

”توهان جي ذهن ۽ قلم جي پابندين ۽ انديشن کان ته مان واقف پئي رهيو آهيان. پر گستاخي معاف ڪجو. توهان جي اچوڪي ڳالهه مان سمجهي ڪونه سگهيس.“

”چڱو جي واندو هجين ته هيڏانهن هلو اچ ته توکي اها راز جي ڳالهه ٻڌايان.“

○

ايڊيٽر، اديب وٽ آيو.

”اڄ، چار سال اڳ، منهنجي هڪڙي ڪهاڻي شايع ٿي هئي. اها ضمير متڪلم واحد ۾ لکي هئم. ان جي سٽاءَ ۾ ائين هو ته هڪڙي سهڻي ڇوڪري، مون تي چري ٿي پئي ۽ مان به هن تي هرڪا هاري ويٺس. ڇاڪاڻ ته اسان کي پنهنجي شهر ۾ گڏجي گهمڻ گهمڻ، سئنيما تي وڃڻ، خلاصگائي، خلوت ۽ رنگين راتيون مائڻ جا موقعا ميسر نه ٿي ٿي سگهيا، ۽ نه وري اتي ڪراچيءَ جهڙيون رنگينيون ۽ رومانوي ماحول ۽ جڳهيون هيون، ان ڪري، اسين جلدي جلدي ڪراچيءَ ويندا هئاسين.... اهو رسالو جو گهر ۾ آندم ته منهنجي بيگم به اها مون واري ڪهاڻي پڙهي. هوءَ ٻُر ٿي وئي ۽ اچي مون کي سڱن تي کنيائين: ’تو هي پنهنجا ڪارناما لکيا آهن، تون لوفر آهين، تون بدڪردار آهين، ۽ ڪهڙي نه بي شرمائيءَ سان پنهنجيون بي حيائيون بيان ڪيون اٿئي. مان به چوان ته اوچتو ئي اوچتو ڇو اچي ڪراچيءَ جو عشق لڳو اٿئي جو روز روز اوڏانهن ڀڄو

ڪان اڪي رات جو دير دير تائين اردوءَ جا فاحش ۽ ننگا ناول پڙهندا آهن ۽ ڪنهن جو اچانڪ کڙڪو ٻڌي، فورن اهو ڪتاب وهاڻي هيٺان لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ پرسان ڪو ڪورس جو رکيل ڪتاب کولي اکين سامهون جهليندا آهن."

ٻئي کلڻ لڳا.

"سو سائين، ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته جڏهن زال پيڪين ويندي آهي، تڏهن آزاديءَ جو ساهه کڻبو آهي."

○

حيدرآباد: ۲۱- جنوري ۱۹٧۴ع
سهڻي: مارچ ۱۹٧۴ع

# ديسي سيڻ ڪجن

○

○

ڳهران اهو بهانو بڻائي نڪتي ته وڃان ٿي ريحانا وٽ پر سندس هيءَ ساهيڙي پنهنجي گهر ۾ ڪونه هئي. ان ڪري هن ڪي پنهنجو پروگرام ٻڌائي ڪونه سگهي.

جهڙالو ڏينهن هو. مٿي ڏهارڻ سان، جدا جدا رسيان رنگن وارا ڪڪر، تجريدي آرٽ جي شڪلين جهڙا پئي لڳا. سج بادلن جي برقعي ۾ هو، ان ڪري خاڪي خاڪي ۽ نيڻ ٺار سوجهرو هو. هوا ڏاڍي وڻندڙ پئي لڳي.

چنيسر ساڏوڻ پسي، سڄڻ ڪي ساريو. هو سوچي رهيو هو اڄ پيار ڪرڻ جهڙو ڏينهن آهي، پرين ۽ سان ملڻ جهڙو ڏينهن آهي، قرب جون ڪچهريون ڪرڻ جهڙو ڏينهن آهي، سڄڻ سان هٿ هٿ ۾ ڏئي فضائن ۾ اڏامڻ جهڙو ڏينهن آهي. سڪ جا ساز ڇورڻ جهڙو ڏينهن آهي، نينهن جا نغما ڳائڻ جهڙو ڏينهن آهي، دل جون تارون ڇيڙڻ جهڙو ڏينهن آهي.

هن جي من جي مراد پوري ٿي.

سهسين ٿيا سارنگ، جاني آيو جوءِ ۾،
جاني آيو جوءِ ۾، ٿيو قلب قرار

نگهت هن وٽ پهچي وئي، ڄڻ سڄي دنيا هن وٽ پهچي وئي. هن جي گهر جي چمن ۾ بهار اچي ويو، هن جي جيون جي ٻرپٽ ۾ ميگهه ملهار ٿي ويو.

چنيسر ڪلارڪ هو. هن کي ڪالونيءَ ۾ ڪواٽر مليل هو. هي ڪواٽر مٿين ماڙيءَ تي هو. هو ڇڙو ڇانڊ هو ۽ اڪيلو رهندو هو.

ٻئي ڄڻا، گهر جي پڌر ۾، کٽ تي، ڪڪرن جي ڇانو ۾ ليٽي پيا.

جهڙ هو، پر ترت مينهن پوڻ جو انديشو ڪونه ٿي ڏنو. هاڻي اوچتوئي اوچتو ڪڪر گهاٽا ٿيڻ لڳا، گجگوڙيون گونجيون، وڄون چمڪيون، بوندون پيون، ڦڙا ڪريا، ۽ پلر جي پالوت ٿيڻ لڳي.

نگهت کي گهر مان نڪرڻ وقت، يا ريحانا جي گهر پهچڻ تي، برسات پوڻ جو وهم گمان به ڪونه هو.

هو کٽ کڻي ورانڊي ۾ آيا.

نگهت، چنيسر جي هنج ۾ ليٽي پئي، ۽ پيار ڀريون ڳالهيون ڪندي، بارش پوڻ جو نرمل نظارو به ڏسندا رهيا.

هو پنهنجي دنيا ۾ هئا. هو پنهنجي جنت ۾ هئا. پيار جون وڄون هيون. پيار جو وسڪارو هو. پيار جو سارنگ هو. پيار جو ميگهه ملهار هو. پيار جا بادل هئا. پيار جي ٽم ٽم هئي. پيار جون ڦينگون هيون. پيار جا ڦڙا هئا.

چنيسر موج ۾ اچي ويو. هن جي دل جا ساز، سارنگيون ۽ سرندا وڄڻ لڳا. هو پنهنجا اڌما ظاهر ڪرڻ لاءِ زور سان ڳائڻ لڳو.

"اڄ پڻ اتر پار ڏي، ڪارا ڪڪر ڪيس،
وڄون وسڻ آئيون، ڪري لال لباس،

پـريـن جـي پرديس ، مون کي مينهن ميڙيا .

○

اڳڻ تازي، ڀهر ڪنڌيون، پڪا پٽ سنهن ،
سرهي سيج، ڀاسي پرين ، مرُ پيا مينهن وسن ،
اسان ۽ پردن، شال هوُنَ برابر ڏينهڙا.“

پر هن جي پرينءَ کي سولي سنڌي به سمجهه ۾ ڪونه ايندي هئي، سو لطيف سائينءَ جي ٻولي ڪٿان سمجهه ۾ ايندس!

نگهت پڇيو، ”ان گيت جو مطلب ڇا؟“

ڇنيسر کي ڇڻ ڪنهن ڇنبو هڻي ڪڍيو . سندس، شوق ۽ امنگ، نراسائي ۽ نااميديءَ ۾ بدلجي ويا . هن جي طبيعت خراب ٿي ويئي. هنن گيتن، هنن بيتن، هنن نغمن کي ته اصل ٻوليءَ ۾ اصل صورت ۾ سمجهيو آهي، محسوس ڪيو آهي. ان جو ڪو مطلب سمجهائي سگهيو آهي ڇا؟

هي هن جي پيار جو پهريون صدمو هو .

○

مينهن ساندهه به ڪلاڪ پوندو رهيو. ٿورو جهٽڪو ٿيو ته نگهت جي ماءُ ، پنهنجي پٽ کي موڪليو ته وڃي پيش کي، ريحانا جي گهران وٺي اچي .

ٻاهر پُـنهي تي، جيڪو ماڻهو آيو ، ان ڇيو ، ”نگهت ته هتي ڪانهي.“

”۽ ريحانا؟“

”اها ته اندر ويٺي آهي.“

ريحانا کي وچ جي خبر نہ هئي، نہ تہ هوءَ ڪو بهانو بنائي، ساهيڙيءَ جو بچاءُ ڪري ها. هي ٻئي ساهيڙيون، هڪ ٻئي جون رازدار هيون ، ۽ هڪ ٻئي جو ڏک ڀنڀون هيون .

○

هن پيري ملڻ ۾ ڏاڍي وٿي پئجي وئي هئي. هفتو گذريو، ڏهہ ڏينهن گذريا، پندرهن ڏينهن گذريا. پر نگهت، چنيسر سان ملڻ نہ آئي ، نہ نياپو مڪائين ، نہ خط لکيائين . اڳي تہ ڪڏهن اهڙن ڪونہ ٿيو هو. هفتي ۾ گهٽ ڪري ہہ نہ تہ ہہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏجائي تہ ٿي ويندي هئي.

هو فڪر مند ٿي پيو. هن کي چنتا ويڙهي وئي. هن کي انديشا جاڳيا. وڇوڙي جي بي آرامي تنهن کانسواءِ دل جي تانگهہ ان ڪان الڳ.

پوءِ هو پاڻ، پنهنجي پرينءَ ڏانهن خط لکڻ ويٺو. جڏهن هي سٽ لکيائين '.... توکي ڏسڻ لاءِ درَ ۾ ديد کپايو ويٺو آهيان ۽ تنهنجي اچڻ لاءِ ڏينهن رات ٻہو دعائون گهران.' تڏهن هن جي دل تي لطيف سائينءَ جو هي شعر تري آيو.

الله اچن اوءِ جن آئي من سرهو ٿئي ،
پسان مان ٻر ڪنهين، جتن سندي جُوءِ،
گولي ٿيان گل بوءِ، جي سجاڻان سات ڏٿي.

اهو بيت خط ۾ لکڻ تي هن جي ڏاڍي تمنا ٿي ، ٻر اهو سوچي هن کي دلي چوٽ رسي ، تہ جنهن لاءِ لکان ٿو، سا تہ سمجهندي ڪانہ .

هو خط اردوءَ ۾ لکي رهيو هو، هن سان گفتگو به اردوءَ ۾ ڪرڻي پوندي هئس. حالانڪ ان زبان ۾، هو پنهنجا جذبا پوري طرح پڌرا ڪري ڪونہ سگهندو هو.

وري جڏهن هي لکيائين: 'اڄ بہ اهڙوئي ڏينهن آهي، جهڙو ان دفعي هو، جڏهن گذريل دفعي، تو منهنجي اڱڻ تي پيار جا پير پريا هئا.' تڏهن ان جي پٺيان، هي بيت لکڻ تي هن جو قلم بيتاب ٿيو.

اڄ پڻ اڪڙين پرين پنهنجا ساريا،
کلن تان ڳوڙهن جون بوندون بسن نہ ڪن
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نہ لهي.

پر وري ساڳي مجبوري، ساڳي مايوسي، ۽ هن کي قلم روڪڻو پيو. دل جي دل ۾ رهجي وئي.

هن سوچيو تہ پنهنجي پرينءَ سان پنهنجي دل جا جذبا مڪمل طرح، روانيءَ سان ۽ موزون، منڙن، پيارن ۽ سهڻن لفظن ۾ ظاهر ڪرڻ ۾ ڪيڏي نہ لذت ايندي، ڪيڏو نہ سواد ايندو ڪيتري نہ طبيعت خوش ٿيندي ۽ اهڙو دل جي جذبن جو اظهار فقط پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪري سگهجي ٿو، پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾. ڌاري ٻوليءَ ۾ اهڙي پڌرائي ڪرڻ سان، ماڻهوءَ کي پوري تسلي محسوس نٿي ٿئي، ڇو تہ اڃا دل ۾ ڪجهہ رهيل آهي، ڇو تہ پوري طرح اظهار ڪرڻ لاءِ لفظ نہ ٿا لڀن، موزون لفظ نہ ٿا لڀن، سهڻا لفظ نہ ٿا لڀن.

○

آفيس وينندي، واٽ تي، وڏي پوسٽ آفيس ۾ شهر

جو شهر ۾ ٽپال واري دٻي ۾، پنهنجي محبوبڙيءَ ڏي لکيل لفافو، وجهندو ويو.

ٽپهريءَ جو گهر ۾ گهڙندي، پٽ تي پيل لفافو ڏسي، هن جي اميدن جا ڏيا روشن ٿي ويا. هن پنهنجي پرينءَ جا اکر سڃاتا. ڌڪندڙ دل، ڌڪندڙ هٿن ۽ ڌڪندڙ آڱرين سان لفافو کوليائين. نگهت ڪافي ڊگهو خط لکيو هوس. هو ٻه چاهيندو هو ته هوءَ هن کي ڊگها ڊگها خط لکي. هو هن جا خط ور ور ڪري، الائي ڪيترا ڀيرا پڙهندو هو، تڏهن ٻه ڍاپندو ڪونه هو. هي خط، نگهت ڪراچيءَ مان لکيو هو.

خط ۾ پيار جي پچار ۽ الفت جي اظهار کانسواءِ اهو ٻه تفصيل سان لکيو هئائين ته گذريل گڏجاڻيءَ کانپوءِ، گهر ۾ هن سان ڇا وهيو واپريو:

ان ڏينهن، برسات بند ٿيڻ تي، هوءَ چنبيسر وڻان موٽي ته گهر ۾ ماءُ کي پنهنجو منتظر ڏٺائين.

”ڪٿي هئينءَ؟“ ماءُ دريافت ڪيو.

”اما، ريحانه وٽ هئس پيو ڪٿي هئس.“ هن جي آواز ۾ ڪنبڻي هئي. هوءَ اکيون ملائڻ کان لهرائي رهي هئي.

”ريحانه جي گهر پاڻي ويو هو. هنن چيو ته هتي ڪانهي.“ هوءَ گهبرائجي وئي. هن جي منهن جو رنگ هٽبو ٿي ويو.

”اما... اما... ان وقت ريحانه گهر ۾ ڪونه هئي، ان ڪري مان ٻي ساهيڙيءَ وٽ هلي ويس. پوءِ اوچتو

ڏينهن پنهنجي وٽ. ان ڪري اتي رکجي پيس."
"ڪهڙي ساهيڙي؟ مان به ته ٻڌان."
"امان، تون هن کي ڪونه سڃاڻين."
ماءُ سياڻي هئي. گهڻو ڪجهه سمجهائي وئي. "اڪيلي ايترو وقت ٻاهر نه رهندي ڪر. هن دفعي مان پڇهن کي ڪونه ٿي ٻڌايان. وري اڳين ڀيو ته هن کي ٻڌائيندس ۽ هو تنهنجي ڪَلَ لاهي ڇڏيندو. ها، اج ڪالهه ڪڏهن به گهر مان اڪيلي نه نڪرجانءِ. يا مان توسان گڏ هلندس يا تنهنجي ڀڻ يا ڀاءُ."

شايد ماڻس هن کي ڪجهه وقت شهر کان ٻري موڪلڻ مناسب سمجهيو. ان ڪري، ڪنهن بهاني سان چوٿين ڏينهن ئي ڪراچيءَ موڪلي ڇڏيائينس. اتي پنهنجي ماسيءَ وٽ وڃي ٽڪي.

چنيسر کي اکيو هئائين ته هو به ٻي ڏينهن موڪل وٺي، ڪراچيءَ هليو اچي. اتي هن تي ڪي خاص پابنديون ڪونه آهن، ۽ ڪراچي وڏو شهر آهي، جتي هو آزاديءَ سان گهمي ڦري به سگهندا. هن کي پارَ پتا، ملڻ جو وقت ۽ هنڌ به اکيو هئائين.

پرينءَ سان سگهوئي ملاقات ٿيڻ جي امڪان تي هو تيزي پيو. هو خط پڙهندي ئي، ڪراچي وڃڻ جو پروگرام ٺاهڻ لڳو.

هاڻي وري ٻي پريشاني ٿيس ته سندس نگهت ڏانهن اڪيل خط نه خلم ٻاري. نگهت جو چوڻ هو ته جنهن وقت ٽپالي سندن گهر ايندو آهي، ان وقت هن جو پيءُ

ڏنڌي پئيان هوندو آهي، پاڻ پيئرون اسڪول ۾ هوندا آهن، ۽ سندس ماءُ اڻ پڙهيل آهي. ان ڪري خط هن کي ملندا هئا. اها به خبرداري ورتي ويندي هئي، جو چنيسر خط ۾ نه پنهنجو نالو لکندو هو ۽ نه نگهت جو.

ان هوندي به هن کي ويچار ٿي پيو ته سندس خط، نگهت لاءِ ڪا نئين مصيبت نه کڙي ڪري.

○

هو موڪل وٺي، ڪراچيءَ پهتو. نگهت کي وچي ڳولي لڌائين. هن جو هڪڙو سنگتي، اتي اڪيلو رهندو هو. هن جي گهر ۾ به ملندا ۽ رهائيون ڪندا هئا، ۽ هونءَ به جهل پل ڪانه هئي. سئنيما، هوٽلون، باغ باغيچا، سمنڊ جو ڪنارو.... چنيسر کي محسوس ٿيندو هو ڄڻ ته هو ڪو خوشنما خواب ڏسي رهيو آهي.

هڪ ڏينهن نگهت، هن کي هڪڙي تاءِ ڏيندي چيو "منهنجي طرفان هي معمولي تحفو. دل ته ڪا قيمتي چيز ڏيڻ ٿي چاهي، پر اسان جي مالي حالت جي خبر اٿئي."

چنيسر يڪدم چيو:

"پريان سندي پار جي، مڙيائي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيٺ ڪري."

"يعني؟" نگهت دريافت ڪيو.

چنيسر جي خوشي ڪافور ٿي وئي- هن کي وري چوٽ لڳي. هن جو منهن ملول ٿي ويو. چيائين، "ان جو مطلب تنهنجي ٻوليءَ ۾ ادا ٿي نه ٿو سگهي."

○

ڪراچيءَ ۾ هن جي پوئين گذجاڻي آهي. اڄ ڇنڇر واپس وڃڻو آهي.

هو هن کي 'منڙي' چئي، مخاطب ٿيڻ چاهي ٿو. پر ان جو اردوءَ ۾ بدل ڇوڏو پوڻس ٿو: "منهنجي جان، واپس جلدي ورڻ جي ڪجان. تيسين خط لکندي رهجانءِ."

"تون ئي چئو ته تو خط گهڻا لکيا آهن يا مون؟"

"توکي مون ڏانهن خط اکڻ ۾ وڌيڪ آساني آهي. مان تو ڏي ايتري آزاديءَ سان لکي نه ٿو سگهان."

"اهوئي ته مان چوان ٿي ته تون ڇوين نه ڇوين، مان خط لکڻ کان پاڻ کي ڪيئن ٿي روڪي سگهان. وقتي ته ائين محسوس ٿيندو آهي ته جي توکي خط لکي دل جو بار هلڪو نه ڪندس ته تڙڦي مرندس، ڦاٽي مرندس."

"توکي هڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌايان ٿو. لفافو اڪثر ٿُڪ سان بند ڪيو ويندو آهي. پر تو ڏانهن خط موڪلڻ وقت، مون کي خيال ايندو آهي ته پنهنجي محبوب ڏي خط کي ٿڪ ڪيئن لڳايان. ان ڪري پاڻيءَ سان آلو ڪري، بند ڪندو آهيان."

"اڙي...."

"ڇو، ڇو، ڇا آهي؟"

"مان وري سمجهندي آهيان ته تو وٽان آيل لفافي تي تنهنجي 'لعاب' لڳل آهي. ان ڪري لفافو رواجي طرح کولڻ واري هنڌان نه کوليندي آهيان، پر پاسي کان ڦاڙي کوليندي آهيان. مان نه، رڳو تنهنجا خط

نگهت کي چيائين، ”تون سمجهين نہ سمجهين، اڄ مان پنهنجي دل جي جذبن جا شعر زور سان پڙهائيندو رهندس، جهونگاريندو رهندس، ڳائيندو رهندس.“

نگهت، ڪوٺيءَ جي ٻاهرين طرف واري دريءَ کولڻ لڳي ته چنيسر ائين ڪرڻ کان منع ڪيس.

نگهت پڇيو، ”ڇو، جاني؟“

چنيسر چيو:

”اکين ۾ تي ويهه، ته آءٌ واري ڍڪيان،
توکي نہ ڏسي ڏيهه، آءٌ نہ پسان ڪي ٻيو.“

نگهت واڱڙي تي هن ڏي نهارڻ لڳي. سمجهہ ۾ جو ڪجهہ ڪونہ آيس.

ٻپهريءَ جي نماز جي ٻانگ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. نگهت بہ موج ۾ هئي. چيائين، ”ڪجهہ خدا کي بہ ياد ڪندو آهين، يا چوويهہ ئي ڪلاڪ سائينءَ جن تي عشق جو ڀوت سوار آهي؟“

چنيسر هي بيت پڙهيو:

”روزا نمازون، ايءَ پڻ چڱو ڪم،
اوءُ ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي.“

نگهت ناسمجهہ نگاهن سان نهاريندي چيو، ”اهڙا شعر ڇو ٿو پڙهائين، جي مان نٿي سمجهي سگهان، دل تي چوي ته ڏک وهائي ڪيانءِ.“

چنيسر وراڻيو:

”پائي کان ڪمان ۾، ميان! مار نہ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.“

هن جو پڙهڻ، هن جي دل جي احساسن ۽ جذبن واري زبان سمجهي نٿي سگهيو. ان ڳالهه ڪري اڄ به هن کي صدمن مٿان صدما رسندا رهيا، چوٽن مٿان چوٽون رسنديون رهيون، وڍن مٿان وڍ پوندا رهيا.

هاڻي جڏهن نگهت وات پيڪوڙي، هيٺيون چپ ڪڍي، هٿن کي موڙ ڏئي، چڙ ائين چيو: ”الائي ڇا ٿو چوين؟“ تڏهن چنيسر اها ڳالهه، جيڪا گهڻي عرصي کان هن جي اندر ۾ ککي ٿي، ”تون منهنجي زبان نٿي سمجهين، ته دل ڪيئن سمجهي سگهندينءَ!“

ائين چئي، هو هرويرو ٿهڪ ڏيڻ لڳو، جڻ ته ڳالهه کي کل ٿي کل ۾ اڏائڻ تي چاهيائين، جيئن محبوب کي رنج نه رسي. پر هو اندر ئي اندر مايوسين جي سمنڊ ۾ ٻڏڻ لڳو.

اوچتو ئي اوچتو هو چپ ٿي ويو.

شايد، نگهت هن جي اداسائي ڀانپي ورتي، ۽ اڻ وڻندڙ مانُ توڙڻ ۽ هن کي آٿت ڏيڻ خاطر چوڻ شروع ڪيائين: ”هاڻي اسان کي پنهنجي پنهنجي مائٽن سان، شاديءَ جي ڳالهه چورڻ گهرجي. مون کي اميد آهي ته منهنجي ماءُ منهنجو ساٿ ڏيندي. اسان جي خاندان مان هڪڙي ڇوڪري اڳي ئي سنڌيءَ سان پرڻيل آهي، ۽ سڀني کي خبر آهي ته هوءَ ڏاڍي سکي آهي. اها حقيقت به اسان جي فائدي ۾ ويندي.“

چنيسر جي چپن تي، مٺاڇري مُرڪ ظاهر ٿي.

○

ٻن چئن ڏينهن کان پوءِ ، هن پرڳڻي ۾ زبان جا فساد شروع ٿيا. چنيسر ڏٺو ته جن پرديسين کي، ديس وارن پناھ ڏني، مهمانوازي ڪئي، عزت بچائي، خدمت ڪئي، ملڪيتون ڏنيون، سي ساڳيا پرديسي ، انهن ئي ديس وارن کي لٽي رهيا آهن، هنن جي گهرن ۽ دڪانن کي باهيون ڏئي رهيا آهن ، هنن جي لڄن کي بي آبرو ڪري رهيا آهن، هنن جو رت وهائي رهيا آهن • هي ڏريان ئي ڏاريا هئا ۽ ڏاريائي رهيا.

هن جي ذهن کي نوان زلزلا آيا •

نيت ملڪ ۾ ڏاڍر ٿي •

هڪ ڏينهن چنيسر کي، نگهت جو خط مليو • پر اڄ خط پڙهي اڳي وانگر هن کي اڳين خوشي حاصل ڪانه ٿي، حالانڪ هميشه وانگر ان ۾ به پيار جي پڌرائي ۽ سڪ جو سنيهو هو .... هو ويچارن ۾ پئجي ويو • هو شش پنج ۾ پئجي ويو. هو ٻڌتر ۾ پئجي ويو.

پوءِ هن جي ذهن ۾ لطيف سائينءَ جو هڪڙو شعر اڀريو:

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا ٻرين،
لڏيو لاڏوڻا ڪيو ، پنهنجي ديس وڃن •

ان مان چڻ ته هن جي غمگين دل کي آٿت مليو.

دل ۾ چيائين، ”هي پرديسي اهي ناهن ، جي لڏي پنهنجي ديس ويندا آهن. هي ته پاڻ اسان کي لڏائڻ جي پيا سوچين • هي اسان جي ٻولي نه ڳا سگهن ۽ ٻولي نه چاهڻ ۾ به اهڙي ئي دوري پيدا ٿئي ٿي ، جهڙي

ٻئي ديس هلڻو وڃڻ سان. ديس جي ٻولي نہ سکڻ پرديس هلڻو وڃڻ جي برابر آهي.

پوءِ هن دل تي پٿر رکي پڪو فيصلو ڪيو.... ۽ نگهت کي آخري خط لکڻ ويٺو.

○

حيدرآباد: ٢٥- جنوري ١٩٧٤ع
سهڻي: مي ١٩٧٤ع

## سرٽيفڪيٽ

○

○

”جيٺي سنڌ“ پهربن اينڊڙ ڇوڪري، ڊاڪٽر سان هٿ ملائيندي چيو .

”سدا جيٺي ، سدا جيٺي .“ ڊاڪٽر ٻهڪندي جواب ڏنو.

ٻئي ڇوڪري به ڊاڪٽر سان هٿ ملايو .

”ويهو ادل ويهو.“

”سائين مهرباني.“

”خوش چڱا ڀلا، جوڙ متارا .“

”سائين خير هوندو.“

”ڪيئن اچڻ ٿيو آ؟“

”سائين گهڻي وقت کان توهان سان ملڻ جو شوق هو، پر ڊپ ٿيندو هو ته توهين وڏا ماڻهو، ناراض نه ٿيو ته هروبر ملڻ چو آيا آهن.“ پهرئين ڇوڪري چيو.

سارو وقت پهريون ڏي ڳالهائيندو رهيو، ٻيو ماٺ رهيو.

”نه بابا ، مان ان ڪري ناراض ڇو ٿيندس .“ ڊاڪٽر وراڻيو .

گهڻي عرصي کان توهان جون ڪهاڻيون ، اخبارن ۽ رسالن ۾ پڙهندا رهيا آهيون . ڏاڍو وڻنديون آهن ، ڏاڍو متاثر ٿيندا آهيون .“

”اڇا .“

”توهان جا شايع ٿيل ڪتاب پڻ پڙهيا اٿون. خوشامد

ڪانهي، توهين سنڌ جا بهترين اديب آهيو."

”مهرباني."

”توهان جهڙن سنڌ دوست ماڻهن ۾ ئي سنڌين جون اميدون آهن. اسان کي توهان تي ناز آهي."

ڊاڪٽر پنهنجي مُرڪ لڪائي نه سگهيو.

” پر ادل، توهان پنهنجي واقفيت ته ڪرائي ڪانه؟"

” سائين، اسين گورنمينٽ ڪاليج جا شاگرد آهيون."

” ڪهڙي ڪلاس ۾؟"

” سائين، بي-اي ۾."

” اڙي.... ڏسو مان سنڌي اچڻ وساري ويٺس. مهمانن کي چانهه جي صلاح به ڪونه ڪيم."

”نه سائين، چانهه جي تڪليف نه ڪريو. اسين هينئر پي آيا آهيون."

” حجاب نه ڪجو."

” نه سائين، حقيقت ۾ اسان چانهه پيتي آهي."

” ڀلا لکڻ پڙهڻ سان به شوق اٿو ، منهنجو مطلب آهي ڪورس ڪانسواءِ؟"

”سائين پڙهڻ سان ته آهي، باقي لکڻ ڪونه اچيم. البت قومي هلچل سان چڱو واسطو رهيو آهي."

” اڇا."

” ها سائين، مان پنهنجي ڪاليج ۾ جيئي سنڌ، شاگرد جماعت جو مکيه ڪارڪن پڻ رهيو آهيان. ڪاليج يونين جي چونڊن ۾ منهنجو وڏو هٿ هوندو آهي ۽ جيئي سنڌ وارن کي ڪٽرائڻ جي پوري ڪوشش ڪندو آهيان."

”ڏاڍو سٺو.“

”ها سائين، اهو ته اسان جو فرض آهي. اسين سنڌي ۽ سنڌ لاءِ نه ڪنداسون ته ٻيو ڪير ڪندو؟ مان ته ٿوري چوڪرن کي چوندو آهيان ته حڪومت جا پٺو نه بڻجو، پر عوام جا پٺو بڻجو. اسان کي هتي جي عوام کي پنهنجي حقن جو احساس ڏيارڻ، حقن لاءِ لڙڻ ۽ حقن حاصل ڪرڻ لاءِ تيار ڪرڻو آهي.“

”توهان شاگردن کي ٻهراڙيءَ ۾ وڃي ڪم ڪرڻ گهرجي. ٻهراڙي ئي سنڌ جي اصل طاقت آهي.“

”ها سائين، مان پاڻ جماعت ۾ رٿ پيش ڪرڻ وارو آهيان ته اسين جٿا ناهي، ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي ماڻهن ۾ شعور جاڳايون.“

”واهه واهه.“ ڊاڪٽر جي چهري تي خوشيءَ جا اهڃاڻ نظر آيا. هو چوڪري کان متاثر ٿي رهيو هو.

”سائين، اهي سڀ توهانجون دعائون ۽ توهان جهڙن جي رهنمائي آهي.“

”بابا، مون کي ايڏو نه پڏايو. مان ته رواجي ماڻهو آهيان.“

”سائين، مان پنهنجا حقيقي جذبا بيان ڪري رهيو آهيان.“

”ها پلا ڪاليج جو ماحول ڪيئن آهي، پڙهائيءَ جو ڪهڙو حال آهي؟“

”سائين پناهه گهر تعجب لڳايو ويٺا آهن، سڀ فري شپرن ۽ اسڪالر شپون پنهنجن کي ڏيارو ڇڏين، باقي غريب ۽

حقدار سنڌي شاگرد پاڻون ڪائيندا وتن.“

”پوءِ توهان ان بابت ڪجهه ڪيو ڪونه ٿا؟“

”ها سائين، گهڻو ڪجهه ڪري رهيا آهيون. جماعت طرفان ان ڳالهه کي ڪنيو اٿئون. سائين، ان کانسواءِ ٻيون پڻ ڪيتريون اسان سان ڏاڍايون آهن. امتحان ۾ به اسان کي نقصان رسائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. اجهو منهنجو پنهنجوئي مثال آهي. پرنسپال کي خبر آهي ته مان جيئي سنڌ شاگرد جماعت جو مکيه ماڻهو آهيان. ڪجهه جماعت جي جلسن، جلوسن جي سلسلي ۾، ۽ ڪجهه بيمار پوڻ ڪري، منهنجي حاضريءَ مان ڪجهه ڏينهن ڪٽي پيا آهن. بس هاڻي انهيءَ ڳالهه کي بهانو بنائي، پرنسپال منهنجي امتحان جو فارم نٿو پري ۽ منهنجو سال ٿو وڃائڻ چاهي.“

”هون.“ ڊاڪٽر چيو، ”ته پوءِ جيترا ڏينهن تنهنجا ڪٽن ٿا، اوترن ڏينهن جو مان توکي بيماريءَ جو سرٽيفڪيٽ ٿو ڏيان. پوءِ تنهنجي پرنسپال کي تنهنجو فارم رد ڪرڻ جو نه عذر رهندو ۽ نه اختيار.“

”نه سائين مان توهانکي اهڙي تڪليف ڏيڻ مناسب نٿو سمجهان.“

”نه بابا، تڪليف ڪهڙي آهي. اهڙي وقت به مان تو جهڙي مجاهد کي ڪم نه آيس ته پوءِ ڪڏهن ايندس.“

”سائين....“

”بس، تون پڌاءِ ڳهٽا ڏينهن ڪٽن ٿا؟“

”سائين.... ٽيهه ڏينهن.“

ڊاڪٽر رجسٽر ۾ داخلا ڪئي، سرٽيفڪيٽ لکيو ۽ هن کي ڏنو.

”سائين، هي ۽ ته توهان وڏي مهرباني ڪري ڇڏي. سائين، في ڪهڙي ڏيان؟“

”توکان في نه وٺبي. تو جهڙن نوجوانن جي في قوم جي ڪندي آهي.“

”سائين، توهانجا لک لک احسان. چڱو سائين، جيئي سنڌ“

”سدا جيئي!“

ٻئي ڇوڪرا اسپتال کان ٻاهر آيا.

ٻئي ڇوڪري، ٻهرين ڇوڪري کي چيو: ”اڙي پٽيا، تون نه ڪڏهين ڪو رسالو پڙهين نه ڪتاب، نه ادب سان واسطو، پوء تو ڊاڪٽر صاحب کي ڪيئن چيو ته: بهترين اديب آهيو ۽ بهترين قومي ڪهاڻيون لکندا آهيو. تنهن ڪانسواء ان ڪوڙ هڻڻ جو به ڪهڙو ضرور هو، ته تون جيئي سنڌ جو ڪارڪن آهين، حالانڪ تو نه ڪڏهن ان تحريڪ ۾ حصو ورتو، نه تو وٽ قومي جذبو آهي.“

”مون پهن کان پڌو آهي ته ڊاڪٽر صاحب ڪهاڻيڪار آهي ۽ قومي خيالن جو آهي.“

”پر به هيترو ڪوڙ ۽ لپاڙ ڇا لاء؟“

”سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاء.“

○

حيدرآباد: ٢٥- جنوري ١٩٧٤ع

سهڻي: اپريل ١٩٧٤ع

# سنڌي ڳائڻي جو سپنو

○
○

پڙاڏيءَ جي ميلي جو موقعو آهي. پٽ تي ماڻهن جي پيڙ آهي. محفل گهر ۾ راڳ جي محفل متل آهي. پڏڏڙن جا هشام آهن. اڳيان معتبر ماڻهو ڪوچن ۽ ڪرسين تي ويٺا آهن، پٺيان سيمنٽ جي بينچن تي عام ماڻهو ويٺا آهن. جن کي وهڻ جي جڳهه نه ملي آهي سي بيٺا آهن. ماڻهو هڪ ٻئي مٿان آهٽ تي رهيا آهن. چٽ ناڏين ماڻهو ئي ماڻهو آهن. هن پيري دستور جي ابتڙ عورتون ۽ ڇوڪريون به موجود آهن. اڳين قطار ۾ سائين جي-ايم-سيد، سائين ابراهيم جويو، سائين رسول بخش پليجو ۽ سائين ڏيپلائي جن پڻ ويٺا آهن. ٻئي پاسي ملڪ جو صدر ۽ سنڌ جا وزير ڏسجن ٿا.

ساهوڻ ٿلهي تي اعلان ڪندڙ، ڳائڻا ۽ ڳائڻيون، فنڪار ۽ سازن وارا، والنٽيئر ۽ ڪارڪن، ريڊئي ۽ ٽيليويزن وارا پنهنجي پنهنجي ساز سامان سميت پلٿي ماريو ويٺا آهن، يا هيڏانهن هوڏانهن پيا ڦرن.

وايومنڊل ۾ سنڌي صورتون آهن، سنڌي آواز آهن، سنڌي سُرَ آهن، سنڌي ڪيڪار آهي، سنڌي سڳنڌ آهي، پنڪن جي اڇاڻ آهي، اجرڪن جي ڳاڙهاڻ آهي.

فقير عبدالغفور ڳايو، زرينا بلوچ ڳايو، جمن ڳايو. محفل گرم ٿي چڪي آهي.

پوءِ اعلان ڪندڙ "آواز وڌائڻي" (لائوڊ اسپيڪر)

تي اعلان ڪري ٿو: ”هاڻي نواز چارڻ توهان جي سامهون اچي ٿو، هو اچا ايترو مشهور ڳائڻو نه ٿيو آهي، پر اڄ هو پنهنجا جوهر ۽ نوان ڪمال ڏيکاريندو.“

ٻيا ماڻهو ته عادت موجب تاڙيون وڄائڻ لڳن ٿا، پر هن جا دوست، واقفڪار ۽ سڄاڻو تاڙيون وڄائڻ وساري وهن ٿا. هو منجهي پون ٿا ۽ حيرت ۾ ٻڌي وڃن ٿا ته هيڙي اهم ۽ ڀريل ميڙ ۾ هو ڪيئن ٿو ڳائي! هنن جي چهرن مان ظاهر آهي ته اچرج سان گڏ هنن کي انديشو ٿي رهيو آهي ته سندن سنگتي هيڏي وڏي محفل ۾ پاڻ تي ماڻهو نه کلائي، پاڻ کي کلڻهاب نه ڪري.

○

هو ٿلهي تي چڙهي وڃي ٿو ۽ وڃي ٿو لائوڊ اسپيڪر سامهون بيهي، ڏاڍي خود اعتمادي ۽ مرڪندڙ مُکَ سان ساڄي ڪاپي ڪنڌ ڦيري، خلق تي نظرون ترڪائي ٿو. هن کي سنڌي ڪانئچ ۽ ڀهراڻ پيل آهي ۽ مٿي ۾ سنڌي ٽوپي اٿس.

هن اڳ ۾ ئي ٻيٽ شاهه ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ کان موڪل ورتي هئي ۽ هن کي پڪ ڏياري هئي ته محفل جو مزو خراب نه ڪندو. سيڪريٽري، خاص ڪري ان ڳالهه کان گهٻرائجي رهيو هو ته ملڪ جو صدر ۽ وزير به ويٺا هوندا، ائين نه ٿئي ته ٻيءَ سري ۽ اڻ ڄاڻوءَ کي هيڙي جشن ۾ ڳائڻ جي اجازت ڏيڻ ڪري ناراض ٿي وڃن. نواز ته هن کي ايترو به چيو هو ته منهنجو

راڳ دنيا ۾ پنهنجي نموني جو نئون اثر پيدا ڪري ڏيکاريندو. هن سيڪريٽريءَ کي اهو به عرض ڪيو هو ته جيڪي غير ملڪي اخبارن جا خاطو ۽ خابرو، ميلي جي روئداد لکڻ آيا آهن، تن کي خاص طرح هن محفل ۾ اچي منهنجو راڳ ٻڌڻ ۽ ان جو اثر ڏسڻ لاءِ تاڪيد ڪيو وڃي.

○

هن ڳائڻ کان اڳ ۾ مختصر تقرير ڪئي:

”پيارو، جيئي سنڌ. مان هينئر لطيف سائينءَ جو سُرُ سارنگ ڳائيندس. اڄ توهان سنڌي راڳ جو اثر ڏسندا. اڄ توهان سنڌي آواز جو ڪمال ڏسندا. مان ريڊيي ۽ ٽيليويزن وارن کي چوان ٿو ته هو هينئر منهنجو هڪ هڪ آواز رڪارڊ ڪن، ۽ منهنجي هڪ هڪ چرپر جي تصوير وٺن، متان پوءِ افسوس ڪرڻو پوين مون سازندن کي ڪجهه به نه چيو آهي ته منهنجي ڳائڻ سان گڏ هي يا هو سر ڪڍن. مونکي پڪ آهي ته هو منهنجو سُرُ ٻڌي بي اختيار ٿي،پنهنجا پنهنجا ساز وڄائڻ شروع ڪندا.

اڄ توهين جيڪو سنڌي راڳ جو اثر ڏسندا، سو ڪو معجزو نه آهي. ان جو بنياد سائنس تي آهي. ان جي سائنسي سمجهاڻي آهي، اها منهنجي کوجنا آهي لطيف سائينءَ جو شعر هڪ اوچي وٺ آهي. سنڌي راڳ هڪ بيحد اثرائتي چيز آهي. چڱو، مان هاڻي توهانکي عرض ڪريان ٿو ته توهين ڏسو ته آسمان برابر صاف آهي ۽ سج به ڏسجي پيو.“

ماڻهن جون نظرون پاڻمرادو درن درين ۽ ٻين وٿين

مان آپ طرف کڇي وڃن ٿيون.

هو اڌ گلاس پاڻيءَ جو گهرائي ٿو ۽ کيسي مان هڪڙي ٽڪي ڪڍي ان ۾ وجهي ٿو. اها پاڻيءَ ۾ ڳري وڃي ٿي ۽ پاڻيءَ جو رنگ آسمان جهڙو نيرو ٿي پوي ٿو. هو گلاس چپن سان ملائي، پنهنجا چپ آلا ڪري ٿو ۽ پوءِ ڳائڻ شروع ڪري ٿو.

جڏهن هو ڊگهي ”او....“ جو آواز ڪڍي ٿو ته آواز جي سُر، ميڻاج، بلندي ۽ لچڪ تي ماڻهن جون حيرت مان اکيون ڦاٽي وڃن ٿيون. پوءِ لطيف جي لفظن ۾ هن جو آواز فضا کي چيرڻ لڳي ٿو:

اڄ پڻ اتر پار ڏي، ٺاڙي ڪئي ٺنوار،
هارين هـر سنباهيا، سـرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار، وسڻ جا ويس ڪيا.

پوءِ هو ان سُرَ جو هڪ بيت ڳائيندو وڃي ٿو.

ماڻهن ۾ عجيب سرور جو نشو پيدا ٿئي ٿو، هنن ۾ خاموش بي آراميءَ جا اهڃاڻ ڏسجن ٿا.

سازن وارا پنهنجن سازن ۾ هٿ وجهن ٿا ۽ جهومندي انهن مان آواز ڪڍي، هن جي سُر سان ملائن ٿا. هن سريلي، مٺي ۽ لهرن واري آواز تي مست ٿي؛ ٿلهي تي ويٺل فنڪار ۽ راڪپينڊز بي تحاشو اٿي نچڻ ۽ جهمريون پائڻ لڳن ٿا. خلق مان به ڪيترا ماڻهو نچي رهيا آهن. سائين جي-ايم-سيد، سائين جويو، سائين پليجو ۽ سائين ڏيپلائي جن به موج ۾ اچي جهمر هڻي رهيا آهن.

هن جي دوستن جي نيڻن مان خوشيءَ جا ڳوڙها وهي نڪرن ٿا. صدر صاحب مٿي ٿلهي تي چڙهي اچي ٿو ۽ ٻين سان گڏ نچڻ لڳي ٿو.

جڏهن هن جو راڳ وڄندو وڃي ٿو، اپ تي تبديليون ٿينديون وڃن ٿيون. ڏڪر ظاهر ٿين ٿا، پهرين ڇڊا ۽ هلڪا پوءِ گهاٽا ۽ ڳهاٽا سڄ اوجهل ٿي وڃي ٿو جيئن هن جو آواز بلند ٿئي ٿو، ٿڌن وڄون چمڪن ٿيون، گجگوڙ ٿئي ٿي، بوندون وسن ٿيون، پوءِ وڏ ڦڙو پوي ٿو ۽ ڀلر جي ڀالوٽ ٿئي ٿي.

ماڻهو مست ۽ حيران آهن. ڪڏهن نچن ٿا، ڪڏهن ڳائڻي ڪي ڏسن ٿا، ڪڏهن آڪاس ڏي نگاهه ڪن ٿا.

هو ڳائيندو وڃي ٿو. رڳو وچ وچ ۾ گلاس واري نيري پاڻيءَ سان چپ آلا ڪري ٿو.

ويلڻ مان ٻه سهڻيون ڇوڪريون، جن کي نج سنڌي پوشاڪ پهريل آهي، سي بي حجاب ٿلهي تي چڙهي اچن ٿيون ۽ هڪڙي هن جي هڪڙي پاسي بيهي ٿي ۽ ٻي ٻئي پاسي. پوءِ ٻئي هٿ پير هلائي نچڻ لڳن ٿيون.

هو ڳائيندو رهي ٿو، لاڳيتو ڪلاڪن سر سارنگ جو وڏو حصو ڳائي چڪو ٿو.

نيٺ ڳائڻ بند ڪري ٿو. ٻڌندڙ منڊجي ويا آهن، ٻڌندڙ سراپجي ويا آهن، هو پنڊ پهڻ ٿي ويا آهن، ڄڻ سپنو ڏسي رهيا آهن. پوءِ هوش ۾ اچن ٿا، ڄڻ خواب مان اٿيا آهن.

هڪدم ٿلهي تي ويٺل مان ڪيچ ڳائڻا، موسيقار ۽

اهڙو اثر پيدا ڪن ٿيون، جنهن ڪري ڪڪر ٺهن ٿا ۽ مينهن پوڻ لڳي ٿو.

هو هنن کي ٻڌائي ٿو ته اهو فقط سنڌي ٻوليءَ جي آوازن سان ئي ممڪن آهي. ڳائڻ واري لاءِ اهو به ضروري آهي ته هو سنڌ جي ڌرتيءَ جو سرويچ هجي ۽ هن جي دل ۾ سنڌي زبان ۽ لطيف سائينءَ لاءِ اٿاهه پيار ۽ عزت هجي. اهڙي حالت ۾ ئي دل جي گهراين مان راڳ جو آواز اڀرندو ۽ فضا اندر گهربل لهرون پيدا ڪري سگهندو.

هن هنن کي اهو به ٻڌايو ته سر سارنگ جو مينهن ايتري ايراضيءَ ۾ پوندو جيتري ۾ اهو آواز ۽ ان جون لهرون پهچنديون. ان ڪري، جي وڏي ايراضيءَ ۾ بارش جي ضرورت آهي ته آواز وڌائڻا (لائوڊ اسپيڪر) لڳائڻا پوندا.

○

خلق هاڻي حيرت جي ڪُنَ ۾ نڪري چڪي آهي. هاڻي هو گهُر ڪري رهيا آهن ته هو وري ڪو ٻيو راڳ ٻڌائي.

هو وري "آواز وڌائڻي" جي سامهون اچي ٿو. ماڻهن جو سارو ڌيان هن ڏانهن ٿي وڃي ٿو. محفل گهر ۾ ماٺ چانئجي وڃي ٿي.

هو اعلان ڪري ٿو ته هو هاڻي ڪنور ڀڳت جو ڳايل هڪ راڳ ٻڌائيندو. آواز ۽ لهجو اهڙو هوندو جو توهان ڀائيندا ته ڪنور ڀڳت پاڻ ڳائي رهيو آهي. اهو ٻڌي، ماڻهو جوش مان ڏاڍيون تاڙيون وڄائين ٿا. هو

خوش ٿئي ٿو تہ ھڪ سنڌيءَ لاءِ اڄ بہ سنڌين ڪي ايترو پيار ۽ ايترو قدر آھي.

اتي ٿلھي تي ويٺل ھڪڙو مشھور ڳائڻو ڇيريون ڪٽي ھن جي پيرسان اڇي ٿو ۽ ٻانھون ٻڌي، اشاري سان چوي ٿو تہ ھو اھي ھن جي پيرن ۾ ٻڌڻ چاھي ٿو.

ھو مرڪي چوي ٿو "ھا بابا، تون مون کي پورو ڀڳت بنائڻ چاھين ٿو."

اھو ٻڌي ماڻھن ۾ ٺھڪڙو مچي ٿو.

ھو ھن جي ٻنھي مُرن ۾ ڇيريون ٻڌي ٿو.

ھو ڳائڻ شروع ڪري ٿو: "نالي الک جي ٻيڙو تار منھنجو...."

ماڻھو منھجي وچن ٿا. ھن جو آواز ۽ لھجو نسورو ڀڳت ڪنور رام جھڙو آھي.

پوءِ ماڻھن ۾ مستيءَ جي ڪيفيت ڇانئجي وڃي ٿي. ڪي ڪنڌ لوڏن ٿا، ڪي جھومن ٿا، ڪي نچن ٿا.

ھو ڳائي ٿو، ھو ڇيريون پائي ٿو، ھو نچي ٿو ۽ صفا ڀڳت بڻجي وڃي ٿو.

راڳ پورو ٿئي ٿو.

ماڻھو رڙيون ڪن ٿا.

"سائين، ٻيھر ٻڌايو!"

"سائين، ٻيو بہ ٻڌايو!"

ھو شور بند ٿيڻ تائين ترسي ٿو پوءِ چوي ٿو.

"ان ڳائيندس. مان رات جو ٻارھين بجي 'ھوجمالو' ڳائيندس. مان ڳائيندس، توھين ڳائيندا، مان نچندس توھين

چوڪيدار، پير سان ٺوڪر هڻي رڙ ڪري چئي رهيو هو: ”او سنڌي ٻچا، هتي ڇو سمهيو آهين. هتان هٽي پري ٿيءُ.“

هو اکيون مهٽي اٿي ويٺو. هن کي ياد آيو ته هو ٽي ڏينهن اڳ ٽيليويزن ۾ پروگرام حاصل ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ آيو هو. اڳي به ڇهين ڇهين مهني پيو ايندو هو. گذريل پنجن سالن ۾ جڏهن به هو آيو هو، هن کي پروگرام مليو هو پر هن ڀيري هن کي ٽي ڏينهن آسري ۾ رلايو ويو ۽ نيٺ گذريل رات صفا جواب ڏنو ويو. ان وقت تائين هن جو کيسو صفا خالي ٿي چڪو هو. خيال ڪيائين ته رات فوٽ پاٿ تي سمهي گذاريان ٿو صبح جو ٽيليويزن هائوس ۾ ايندڙ ڪو سنڌي ملازم يا فنڪار واقف نڪتو ته هن کان ڪجهه ڏوڪڙ آڌارا وٺي ڳوٺ پهچندس....

○

حيدرآباد: ٢٧- جنوري ١٩٧٤ع

## هٿڪڙيون

○

○

هو هٿ منهن ڌوئي، اچي ٽيبل تي ويٺو. جوٽس اخبار آڏي پيرسان رکيس. اخبار تي نگاهه پوڻ سان، ٻيهرين حيراني ٿيس ۽ پوءِ باهه لڳي ويس. رڙ ڪري چيائين:

”اردو اخبار ڇو ورتي اٿو؟“

”اسان ورتي ٿوروئي آهي، اخبار وارو اِها ڦٽي ڪري ويو آهي.“ جوءِ جواب ڏنو.

هو سدائين سنڌي اخبار وٺندو آيو هو. اڄ شايد پيل ڪان اخبار وارو، سنڌي اخبار بدران، اردو اخبار ڏئي ويو هو.

هو چار پنج درجا سنڌي پڙهيو هو. ان وقت هٿي اردو ڪانه هئي. ايترو ٻڌ بي يا ڳالهائي به ڪانه هئي، سواءِ فلمن جي، ۽ هو فلمون ڪونه ڏسندو هو. اڄ تائين هن، ڪي اردو پوري سمجهه ۾ ڪونه ايندي هئي، ۽ ضرورت يا مجبوريءَ جي حالت ۾، سنڌي ڳاڏڙ ٽٽل ڦٽل لفظ ڳالهائي سگهندو هو.

هڪ ڏينهن ڏاڍي مزيدار ڳالهه ٿي. الائي ڇا جي سلسلي ۾ پنهنجي دڪان جي نوڪر کان پڇيائين:

”اڄ ڪهڙو ڏينهن آهي؟“

”سائين جمعي رات جو ڏينهن.“ هن ورندي ڏني.

”اڙي مان پڇان ٿو ته ڏينهن ڪهڙو آهي، ۽ هينئر

ڏينهن جو وقت آهي، ۽ تون رات جي ڳالهه ڪري رهيو آهين."

"سائين اهوئي ته ٻڌاير ته اڄ خميس جو ڏينهن آهي. چا ڪريون، اڄڪلهه اردو ٻڌي ٻڌي، ان تي هري ويا آهيون، اردو ۾ ٿي خميس ڏينهن کي جمعي رات چوندا آهن."

"ڏينهن کي رات چوندا آهن؟"

"ها سائين."

"عجيب ٻولي آهي."

"۽ ها سائين، ڇنڇر جي ڏينهن کي هفتو چوندا آهن"

نوڪر پنهنجي قابليت ڏيکارڻ خاطر چيو.

"ڏينهن کي هفتو چوندا آهن!"

پوءِ هو پنهنجي منهن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪندو رهيو: "عجيب ٻولي آهي.... عجيب ٻولي آهي.... عجيب ٻولي آهي"

○

هن اخبار پڙهڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. نيرن ڪائڻ ۾ جنبي ويو. اوچتو هن جي ڳره وارو هٿ، وات وٽ ايندي رڪجي ويو، چاپا ڏيندي چاڙيون بند ٿي ويون ۽ اکيون اخبار ۾ کپي ويون.

ڳالهه هيءَ ٿي، جو ماڻي کائيندي، اڻين ٿي هن جي نگاهه، اخبار تي لکيل تاريخ تي پئجي وئي، ۽ ٢٨ فيبروري ١٩٧٣ع ڏسي، هن کان ڇرڪ نڪري ويو.

ان تاريخ تي هن جي ڪيس جي شنوائي رکيل هئي ۽ هن جي ذهن ۾ هو ته اها تاريخ اڄ نه آهي.

○

اڄ ننڍ مان به دير سان جاڳ ٿي هئس. رات جو پٽ جون ڳالهيون ٻڌي، ڪجهه پريشان ٿي ويو هو. ان ڪري ليٽڻ کان پوءِ، گهڻي مهل تائين سوچيندو ۽ پاسا ورائيندو رهيو.

جنهن وقت، هن جو هيءُ پٽ پڙهڻ ويٺو هو، اهو ون يونٽ جو زمانو هو. سنڌي زبان کي ڪابه نصابي حيثيت حاصل ڪونه هئي. تنهن ڪانسواءِ، ويجهڙ ۾ ڪو سنڌي اسڪول هو به ڪونه. ان ڪري هن کي پنهنجي پٽ کي اهڙي اسڪول ۾ وهارڻو پيو، جتي اردوءَ ۾ تعليم ڏني ويندي هئي.

هاڻي هو مئٽرڪ ۾ هو. ڪافي سمجهدار ٿي چڪو هو. ذهين ۽ هوشيار ڇوڪرو هو. ملڪ ۾ زبان جي باري ۾ ٿيل چڪتاڻ ڏسي چڪو هو. ان دوران جدا جدا زبانن جي خوبين ۽ خامين جي باري ۾، مادري زبان جي اهميت ۽ قومي زبان جي نظرين بابت ڪيئي ليک اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيا هئا. هو اهي به پڙهندو هو. ساڳئي وقت، ٻولين جي حقن جي سلسلي ۾ جاسا جلوس، بحث مباحثا، تقريرون ۽ تبصرا، ڪانفرنسون ۽ ڪنوينشنون ٿينديون رهيون. هي ڇوڪرو انهن سڀني سرگرمين سان انهه وچڙ ۾ رهيو. ان ڪري ٻوليءَ جي باري ۾، هن ۾ ڪافي شعور ۽ احساس پيدا ٿي چڪو هو.

ان رات، پيءُ سان ڏاڍي گنڀيرائيءَ سان ان موضوع تي گفتگو ڪيائين:

”مادري زبان ۾ تعليم حاصل ڪرڻ نه رڳو سهاوڙڪ ۽

۾ لکي ڪونه ٿو سگهان. ان هوندي به جو ڪجهه اڪٺو پوي ٿو، اهو ڪل جهڙو ٿيو پوي."

پٽ محنتي ۽ هوشيار هو. پيءُ ڪي، پٽ کي پڙهائڻ جو ڏاڍو شوق هو. هو پاڻ ڏکيو سکيو وقت ڪاٽي به، هن جي تعليم پوري ڪرڻ لاءِ تيار هو . هن کي اميد هئي ته پٽس هڪ ڏينهن ڊاڪٽر بڻجي ويندو . پر پٽ جون اڃوڪيون ڳالهيون پڌي ، هن کي وسوسو جاڳيو ته متان زبان جي نقص ڪري، گهٽ مارڪون کڻي ۽ ڊاڪٽري ڪاليج ۾ داخلا کان محروم رهجي وڃي.

○

هن جي عمر پنجاهه ڪن هئي. هن کي هڪڙو ننڍڙو ڏوهڪو دڪان هو. هن جي رهڻي ڪرڻي سادي سودي ۽ پراڻي طرز جي هئي . قميص ۽ ڪانئچ پائيندو هو ، جي سدائين اڇي رنگ جا هوندا هئا. انهن متان جرڪندڙ اجرڪ ۽ مٿي تي ترڪي ٽوپي. ٻاهر نڪرڻ تي سدائين ساڄي هٿ ۾ لڪڻ کڻي هلندو هو. پنهنجي ڪم سان ڪم . نه ڪنهن سان دشمني نه ڪنهن کي ستائڻ ، نه ڪنهن جي ڏني ۾ ، نه ڪنهن ونٽي ۾ . پنهنجي عمر جا، ننڍي هوندي جا، ٻه چار پوڙها سنگتي هئس. فرصت وقت انهن وٽ وڃي ڪچهري ڪندو هو . سڀ سنڌي ڳالهائيندڙ هئا.

هن کي ٽي ٻار ٿيا هئا. ٻه نياڻيون، جن جي شادي ڪرائي چڪو هو . پٽ هڪ ئي هوس، ۽ سينئي ۾ ننڍڙو هو .

اخبار تي پهرين تاريخ ڏسي ، هن لاءِ ماني وٺي، ٽپي
وئي. ڪافي دير ٿي وئي هئي. هڪدم اٿي ڪپڙا ٽيو ۽
ڪورٽ ڏانهن روانو ٿيو.

ڪورٽ ۾ هيڏانهن هوڏانهن جاچيائين، پر ڪيس پنهنجو
وڪيل نظر ڪونه آيو. پنهنجي مخالف ڌر وارن يا شاهدن
مان به ڪا پهر نظر ڪانه آيس. هو منجهي پيو ته
ڪهڙي ماجرا آهي؟

ڪورٽ جي آفيس ۾ ويو. شنوائين جي تاريخ ڏيڻ
واري ڪلارڪ جي چوڌاري ماڻهن جو ميڙ لڳو پيو
هو. هو پنهنجي ڪم ۾ ڏاڍو رڌل ٿي نظر آيو. هو
اردو دان هو. ڏاتر ڏني جون ڪيتريون ئي شنوايون ٿي
چڪيون هيون. ان ڪري هن کي سڃاڻي ويو هو. ڏاتر ڏنو
به هر پيري هن کي خرچي پيو ڪرائيندو هو.

ڪنهن نموني ، ماڻهن جي وچ مان کچي ڪيڏي
وڏي آواز سان، ڪلارڪ کان، ڪاڏڙ ساڏڙ اردوءَ ۾ پڇيائين:

”بابو صاحب! منهنجي ڪيس جو ڇا ٿيو؟“

ڪلارڪ کي ته گهڻن ڪيسن جون تاريخون بر زبان
هونديون هيون. چيائين: ”ڪل، ڪل.“

”ڪلهه ٿي ويو؟“ ڏاتر ڏني پڇيو.

ڪلارڪ کي سنڌي ڪانه ٿي آئي. وري پڻ ڪيترن
ماڻهن به ساڳئي وقت سوال پئي پڇيس ۽ ڪاڪهارس. هن
وري ساڳيا لفظ ورجايا ”ڪل، ڪل.“

ڏاتر ڏنو ٻاهر نڪري آيو. هن کي فڪر ويڙهي ويو

ته هو ٢٧- تاريخ بدران ٢٨- تاريخ تي شنوائي سمجهي ويٺو هو. هو ته ڪلهوڪي شنوائيءَ تي غير حاضر رهيو هو. الائي ڇا ٿيو، وڃي وڪيل سان مليو. ڪورٽن ۾ هو نظر ڪونه آيس. هن جي آفيس تي ويو. پتو پيس ته هو ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ ٻئي شهر ڏانهن ويل آهي.

هو سڌو پنهنجي دڪان تي آيو. نوڪر ٻڌايس ته تار آيل آهي ته سندس نياڻو سخت بيمار آهي. اهو نياڻو هن شهر کان چاليهه ميل پري، هڪ ٻئي شهر ۾ رهندو هو.

هو تڙ تڪڙ ۾ اوڏانهن روانو ٿي ويو. ٻه ڏينهن اتي رهيو. ٽئين ڏينهن منجهند ڌاري، سڌو دڪان تي پهتو. اڃا ساهه مس پٽيائين ته ٻه پوليس وارا هٿڪڙيون کڻي اچي پهتا. هنن وٽ ڏاتر ڏني کي گرفتار ڪرڻ جو وارنٽ هو ۽ اهو وارنٽ به ضامن جوڳو نه هو.

وارنٽ ۾ لکيل هو ته ”٢٨ فيبروري، بنا سبب ڄاڻائڻ تي غير حاضر رهڻ ڪري، تنهنجو ضامن رد ڪيو ٿو وڃي ۽ توکي هن وارنٽ ذريعي گرفتار ڪيو ٿو وڃي.“

ڏاتر ڏني رڙ ڪئي ”مان ته ٽيو ڏينهن ٢٨- تاريخ ڪورٽ ۾ حاضر ٿيو هوس.“

هڪ سپاهيءَ چيو ”٢٨ ٽيو ڏينهن نه، پر ڪالهه هئي.“

”نه، نه، ٢٨ تاريخ ٽيو ڏينهن هئي. مون پاڻ اردو

اخبار ۾ اها تاريخ لکيل ڏني هئي."

"توهان پليو آهيو، تنهنجي شنوائي ڪالهه هئي."

سپاهيءَ چيو.

"پر ٽيهو ڏينهن ڪلارڪ مون کي ٻڌايو ته تنهنجي شنوائي ڪالهه تي وئي. يعني اڄ کان ٽي ڏينهن اڳ."

"اسان ڪجهه نه ٿا چاهيون. هلي ڪورٽ ۾ جواب ڏجانءِ."

ڏاتر ڏني جي دڪان جو نوڪر، هيءَ ساري گفتگو گنڀيرائيءَ سان ٻڌي رهيو هو، سو سارو قصو سمجهي ويو. چوڻ لڳو:

"سائين توهان دوکو کاڌو آهي. اردو اخبارن وارا، اخبار تي هڪ ڏينهن پوءِ واري تاريخ وجهندا آهن. ٽيهو ڏينهن جو توهان اردو اخبار تي ٢٨- فيبروري ڏني سا تاريخ حقيقت ۾ ٢٧- فيبروري هئي. مون ٻڌو آهي ته دنيا جي ڪنهن به ٻي ٻوليءَ جي اخبار ۾ اڳين اڳوات ڪا تاريخ ڪانه وڌي ويندي آهي. توهان ان کان بيخبر هئا. ان ڪري دوکو کائي ويا. وري اردو دان ڪلارڪ توهان کي شنوائيءَ جو پڇڻ تي 'ڪل، ڪل' چيو. اردوءَ ۾ سڀاڻي توڙي ڪالهه کي 'ڪل' چوندا آهن. سو توهان 'ڪل' جو اکر ٻڌي سمجهيو ته شنوائي ڪلهه ٿي وئي. جيتوڻيڪ ڪلارڪ جو مقصد هو ته شنوائي سڀاڻي ٿيندي."

اهي ڳالهيون ڏاتر ڏني کي به دل سان لڳيون.

○

سپاهيءَ هن کي هٿڪڙيون لڳايون.
ڊاڪٽر ڏني جي اکين ۾ بي وسيءَ جا ڳوڙها تري آيا
پٽ پٽ ڪري چيائين:
”هٿڪڙيون ته اصل جوابدار کي لڳڻ کپن....“

○

حيدرآباد: ٢٨- فيبروري ١٩٧٤ع
ڪلاڪار: اپريل ١٩٧٥ع

# پٽڪي جو پلاند

مون ويچاريو تہ ٻير جي وڻ هيٺان بيٺل هن شخص جي حياتي بہ ٻير جي وڻ وانگر ڪنڊن سان ڀريل آهي.

مان پنهنجي ڳوٺ جي هڪ ماڻهوءَ سان ڀر واري ڳوٺ کان پنهنجي ڳوٺ موٽي رهيو هوس. اسين ٻنهي جي وچ مان پيچرن تان هلي رهيا هئاسين. ٻنهي ۾ ڪڻڪ جو فصل پچي راس ٿي رهيو هو. ڏانڊيون، ٻن ۽ سنگ سونهري ۽ ڀورا ٿي ويا هئا. هاري ڪانڀاٽيون ڦيرائي ۽ هوڪرا ڪري، جهار هڪلي رهيا هئا. پنهنجي تيار ۽ ڀلي فصل ڏي نهاري، هنن جي ٿڪل ۽ آس جي ساڙيل چهرن تي اميدن جو ريکائون ٿي ڀهڪڻ لڳيون.

سج ڪاپار تي هو. سخت گرمي شروع ٿي وئي هئي. جهولو اهڙو هو جڻ باهہ جي جهر جهڙيءَ کي ٿي ڇهيو.

اوچتو هڪ هنڌ مان ٻيهي رهيس هڪ جهار هڪليندڙ هاريءَ طرف منهنجو ڌيان ڇڪجي ويو هو. هو اهڙو ڏٻرو، سڪل ۽ سڙيل هو جو ائين ٿي لڳو جڻ تہ مڙدو قبر مان اٿي آيو آهي. هن جي اکين هنڌ ائين کُٻَ هئا، جڻ تہ مُڙدي مان ڳجهون تارا ڪڍي ويون هيون. هو ڪافي وڏي عمر جو ٿي ڏٺو. ڏاڙهي اڇي ۽ ٻُچي هئس. مٿي تي ڦاٽل پٽڪو ويڙهيل، ٻيو ٻان تي ڪپڙو

آهي. هو مهنجي ڪن ڪان جيل ۾ آهي."
"ڇو؟" مون پڇيو.
"چوريءَ جي الزام ۾."
"پر هي مڙهه ته ڪنهن به طرح ڪم ڪرڻ جي لائق ناهي."
"جڏهن ته گهر ۾ ٻيو ڪو مڙسالو ڪونهي، ان ڪري چاچي ٻيل ڪي، اپاهج ۽ پوڙهو هوندي به پاڻ پوک جي سنڀال ڪرڻي پوي ٿي، نه ته هيءَ پڪل کيتي ناس ٿي وڃي ها. هن جي ڇهن مهنن جي محنت ۽ جياپي جو هڪ ئي وسيلو بيڪار ٿي وڃي ها. پاڙي وارا هاري هن جي مدد ڪندا آهن. هو هن کي هٿ کان وٺي، هن وڻ جي ڇانوَ ۾ ڇڏي ويندا آهن. هو جهار هڪليندو رهندو آهي. ٿڪجي پوندو آهي ته اتي ئي ٽي آهاي پوندو آهي. اڄ لڳندي اٿس ته ان گهڙي مان پڻ اوتي پئندو آهي."
"زال زنب ڪانه اٿس؟"
"زال اٿس، جا سندس جهڙي پوڙهي ۽ هڏ هيڻي آهي. هوءَ گهر جي سنڀال ڪندي آهي ۽ پوڙهي کي ماني ڪارائي ويندي آهي. پاڙي وارن هارين هن کي پاڻي وراڻ ۽ فصل کي ڀائي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. هاڻي هو هن کي لابارو وجهي ڏيندا ۽ ڳاهڻ ۽ واڻڻ ۾ به واهرو ٿيندا. سڀني ڳوٺ ۽ نَرَ وارن جي هن غريب سان دلي همدردي آهي."
ان ڏينهن کي ٻارنهن مهناگذري چڪا آهن. برووقت

ڪئي آهي. پوءِ ٻه ٽي ڏينهن جهليون ڪرڻ ۽ پيڙا ڏيڻ بعد رشوت گهرندي هئي. ڪڏهن پنجاهه رپيا، ڪڏهن سؤ رپيا، ڪڏهن ٻه سؤ رپيا. جڏهن هن جا مٽ مائٽ، پٽ ست ڪري اها رقم پوليس کي پهچائيندا هئا، تڏهن مس مس وڃي هن جا بند خلاص ٿيندا هئا.

اهڙي طرح هو مارون، مصيبتون، ايذاءَ، عذاب، درد، پيڙا ۽ غير انساني سلوڪ سهندو رهيو. هن کي ڏنڊن سان ماريو ويندو هو، هن کي ڏنڀ ڏنا ويندا هئا، هن کي چهبڪ هڻي رتو رت ڪيو ويندو هو، هن کي اونڌو ڪري ٽنگيو ويندو هو، هن کي ان ۽ پاڻيءَ لاءِ سڪايو ويندو هو، هن کي ننڊ به نه ڪرڻ ڏني ويندي هئي، هن کي پيشاب پياريو ويندو هو، هن کي هيٺان ڏنڊا لنگهايا ويندا هئا. اهي تعديون ايستائين هلنديون هيون، جيستائين پوليس جي مٺ گرم نه ٿيندي هئي.

جنهن پيري جو مون مٿي ذڪر ڪيو آهي، ان پيري ۾ پوليس کنهن چوريءَ جي ڪوڙي الزام ۾ پڪڙي هن کي ڪاٺ ۾ وڌو هو. هن کان ٻه سؤ رپيا رشوت گهري وئي هئي، پر هن جا مائٽ اها رقم کنهن به ريت مهيا ڪري ڪونه سگهيا هئا. پوليس ڪيس چالان ڪيو هو ۽ هن کي جيل ۾ وڌو ويو هو. هن جي مائٽن کي ايتري توفيق ڪانه هئي جو وڪيل ڪري هن جو ضامن ڪڍائن. نه وري ڪو اهڙو واقفڪار هئن، جو هن مسڪين جو ضامن پوي. ان ڪري هو مهني کان جيل ۾ هو ۽ هن جو فصل تباهيءَ جي

خطري مان بچائڻ خاطر اندو بيءُ هٿ ٻير هلائي رهيو هو.

ڪيس ڪورٽ ۾ هليو. هن تي ڏوهه ثابت ڪونه ٿيو ۽ هن کي آزاد ڪيو ويو. پر ڪيس جو فيصلو ٿيڻ تائين، بي ڏوهي هوندي به هن کي پورا چار مهنا جيل ڪاٽڻو پيو.

○

ڪنهن وقت، هن تعلقي جي عوام جون پڪارون ٿيون ته چورين ۽ ڌاڙن جون وارداتون وڌي ويون آهن، بدمعاشي ۽ غنڊاگرديءَ ۾ اضافو ٿي ويو آهي، خونين ۽ قاتلن کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو ويو آهي؛ نه ڪنهن جي عزت محفوظ آهي نه ملڪيت ۽ نه جان. اخبارن به انهن خبرن کي ٿلهين سرخين سان شايع ڪيو ۽ ايڊيٽوريل لکيا. حڪومت جي مٿي ۾ جُون چُري.

واسطيدار وزير، جو اتفاق سان انهيءَ تر جو هو، تنهن ڪامورن ۽ پوليس عملدارن ڏي سختيءَ سان حڪم جاري ڪيا ته هر طريقي سان تعلقي ۾ امن امان ڪيو وڃي ۽ ڏوهارين جي پڪڙ پڇاڙ ڪئي وڃي. پوليس کي خاص اختياريون مليون ۽ قلم ١١٠ جي عام استعمال جي کلي اجازت ملي.

پوليس، ڪامورن ۽ وڏيرن کي پنهنجون شخصي ۽ سياسي دشمنيون پاڙڻ جو سونهري موقعو ملي ويو. هونءَ به ڏوهيءَ کي ڳولڻ ۽ پڪڙڻ مشڪل ڪم آهي. ان جي ڀيٽ ۾ بي ڏوهي هرهنڌ ۽ سولائيءَ سان هٿ اچي سگهن ٿا. تنهن ڪانسواءِ پوليس لاءِ چڙهه ته سون جي

ڪاڻ جي نئين سرنگهه کلي پئي . وات ويندي ڪهڙن شريف يا سفيد پوش يا مڇي مانيءَ واري کي ڏسندا هئا ته وچي ڪنڌ ۾ هٿ وجهندا هئس ته هل ٺاڻي تي، تنهنجي خلاف ۱۱۰ هيٺ وارنٽ آهي. پوءِ اهو ماڻهو عزت بچائڻ خاطر پوليس واري جو کيسو گرم ڪندو هو، تڏهن وڃي جند ڇٽندي هئس.

انهن ئي ڏينهن ۾ ، پنهنجي خاص يارن جي محفل ۾ شراب پئندي ، نشي ۾ جهومندي ، هن ٺاڻي واري جمعدار چيو: ”هن مهني ته فضل ربي پنجوڙو ڏنو آهي. اسان جا آفيسر به خوش ته اسين به خوش.“

○

نهال پيسي وارو ته ڪونه هو، پر پوليس لاءِ قربانيءَ جو بڪرو ضرور هو. هڪڙي ڏينهن هو ڳوٺ جي بزار مان لنگهي رهيو هو ته اوچتو جمعدار جو ڪڙڪيدار آواز پڌائين:

”اڙي نهال جا بچا، هيڏي آ.“

نهال جو منهن ننڍڙو ٿي ويو. دل ۾ چيائين خدا خير ڪري. جمعدار ڏي وڌندي، ٻئي ٻانهون ٻڌي چيائين:

”حاضر سائين.... حڪم ...“

”حڪم جا پٽ، هل ٺاڻي تي، تنهنجي خلاف ۱۱۰ قلم هيٺ گرفتاريءَ جو وارنٽ آهي“

”جمعدار صاحب وارنٽ ڇاجو، مون ڇا ڪيو آهي؟“

اهو ٻڌي جمعدار کي چوچڙي لڳي ويئي.

”سوئر جا ڦر، ڪتي جا اولاد ، مون سان سوال

طرف منهن ڪري ڀڳو.

ڪيترن ماڻهن، جمعدار کي مارجندو پئي ڏٺو، پر ڪوبہ هن کي ڇڏائڻ يا هن جي واهر ڪرڻ واسطي ڪونہ وڌيو. حقيقت ۾ هن ڳوٺ جا ماڻهو پوليس جا اهڙا آزاريل هئا، جو ڪنهن جي بہ هن سان ٿورڙي جيتري بہ همدردي ڪانہ هئي. هنن تہ دل جي گهراين ۾ پاڻ جمعدار سان اهڙي جٽ ڪرڻ چاهي ٿي، جهڙي نهال هن سان ٿي ڪئي، پر ڪم همتيءَ ڪري نہ ٿي ڪري سگهيا. هنن کي جمعدار جي درگتي ڏسي، روحاني تسڪين حاصل ٿي رهي هئي.

جڏهن نهال هليو ويو، تڏهن ڪي خوشامدڙيا دڪاندار خوشامد ڪرڻ خاطر ۽ ڪي روُنشي باز هن جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ لاءِ، هن جي ويجهو آيا:

”جمعدار صاحب چا ٿيو؟“

”جمعدار صاحب بچاءُ تہ ٿيو؟“

”جمعدار صاحب، هن چٽ کي توهان سان هٿ کڻڻ جي جرئت ڪيئن ٿي؟“

”جمعدار صاحب، هي جيتامڙو، تو شير سان ڪهڙو مقابلو ڪري سگهندو!“

”۽ ڪيستائين ڪري سگهندو!“

”جمعدار صاحب! اسان تہ هن کي ٻُج ٻُج ڪري ڇڏيون ها، پر اسان سمجهيو توهين اڪيلائي هن لاءِ ڪافي آهيو.“

جمعدار ڦڙهہ ٿيو، پٽ تي پيو هو. هن جي نڪ

مان نڪتو رت ۽ مهارن مان پاڻ گاڏڙ رت وهي رهيو هو. هن جي منهن تي رهڙن ۽ رانبوٽن جا رت هاڻا نشان هئا. اکيون سڄنديون ٿي ويس. ڪپڙا، وار ۽ سڄو بدن ڏڌڙ سان پرجي ويل هئس. هن جو سارو ٽڪڙو ٽڪڙو ڪجي رهيو هو. هن جي ٽوپي پري وڃي ڪري هئي. هن جو تنگ پاجامو هڪ پن هنڌان ڦاٽي پيو هو.

هڪڙو دڪاندار پاڻيءَ جو گلاس پري آيو. ٻئي هن جا ڪپڙا چنڊي، ٽيڪ ڏئي هن کي وهاريو. ٽئين ٽوپي صفا ڪري مٿي ۾ پاتس.

هاڻي هو هوش ۾ اچي رهيو هو گلاس هن جي چپن تي رکيو ويو. پاڻيءَ جا ٻه ٽي ڍڪ پيتائين.

هڪڙي چئي پڇيو ”جمعدار صاحب، طبيعت ڪيئن ٿا محسوس ڪيو؟“

هن جا حواس درست ٿي رهيا هئا ۽ هن کي احساس ٿيڻ لڳو ته هن سان ڇا ٿي گذريو آهي. پوءِ هن ۾ جمعداريءَ جي رڳ ڦڙڪي. چوڌاري بيٺل ماڻهن ڏي نهاري، واڪو ڪري چيائين:

”هٽي پري ٿيو مون ڪان، حرامزادو!“

هو هڪدم اٿي کڙو ٿيو. وري بيٺلن تي ڦهرناڪ ۽ غضبناڪ نگاهه وڌائين. هٿيار هجيس ها ته هڙني کي نشانو بنائي ها. پوءِ منهن ڦيري ٽڪڙو ٽڪڙو ٿاڻي طرف وک وڌايائين.

ان ڏينهن نهال ۽ جمعدار ٻئي ڳوٺ مان غائب ٿي ويا. نهال پوليس کان بچڻ لاءِ روپوش ٿي ويو، ۽ جمعدار

علاج لاءِ ٻہ هفتا موڪل تي ويو .

ڀئيان سپاهين ، وڏيري جي مدد سان ، نهال خلاف جڙتو ڌاڙي جو ڪيس گهڙيو.

○

نهال چار مهنا روپوش رهيو. ان وچ ۾ هن جو ٻيءَ ۽ هن جي ماءُ ٻئي صدمي ڪري يا بک ۽ بيماريءَ وگهي يا بيواهي ۽ بيوسيءَ سبب مري ويا .

جمعدار بدلي جي باهہ ۾ جلي رهيو هو. موڪل تان واپس اچي هن پنهنجي سر نهال جي ڳولا ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيو. پر هن کي پڪڙڻ ۾ چار مهنا لڳي ويس .

پڪڙجڻ ڪانپوءِ جي، خانگي خبر هيءَ آهي تہ پوليس رات جي وڳڙي ۾ نهال کي جهنگ ۾ وٺي وئي. هن کي ماري ماري اڌ مئو تہ اول ڌي ڪري ڇڏيو هئائون. هائي ٽن سپاهين بندوقون ڏيکاري، هن کي هڪ هنڌ سڌو ٿي بيهڻ لاءِ چيو. جمعدار هن جي ڀئيان ٽورو پريرو وڃي بيٺو ۽ لاڳيتو ڪيئي گوليون نهال جي پٺيءَ ۾ چوڙيائين. هو وڃي ڪريو ۽ ڦٿڪي ساهہ ڏنائين.

سرڪاري خبر، جا اخبارن ۾ آئي، سان هن ريت هئي :

مشهور ۽ بدنام ڌاڙيل نهال، جو ڪيترن ئي خونن ۽ ڌاڙن جي ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هو، سو ٻيلي ۾ پوليس سان مقابلو ڪندي مارجي ويو . هن جا ٻيا ساٿي ڀڄڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا .

○

اهـا خبر مون بہ اخبار ۾ پڙهي • خبر سان گڏ، نهال جي لاش جي تصوير پڻ ڏني وئي هئي. هو اونڌو ڪريل هو • مون غور سان ڏٺو ته هـن جا ٻئي هٿ پنهنجي پٽڪي ۾ پيل هئا.

○

حيدرآباد: ٢٠- اپريل ١٩٧٥ع
ممبئي: فيبروري ١٩٧٨ع

## تصوير

○
○

”ڪتاب ته واهه جو ڇپايو اٿئي • پر ڇپائڻ ۾ تڪڙ ڪئي اٿئي.“

”ڪيئن ڀلا؟“

”تو ادبي دنيا ۾ اڃا تازو تازو قدم رکيو آهي • مس مس ٻه ٽي ٻيون ڪهاڻيون، سي به گهٽ ڇاڙتل رسالن ۾ ڇپيون اٿئي • تون ڀاڻ ٿي چوندو آهين ته ايڊيٽر تنهنجيون ڪهاڻيون واپس ڪيو ڇڏين يا شايع نه ٿا ڪن.“

”ها، ائين ته آهي •“

”يا تون انهن اديبن مان آهين، جن جون لکڻيون شايع ڪرڻ کان ايڊيٽر انڪار ڪندا آهن، ته هو غصي ۾ اچي ، پنهنجيون لکڻيون شايع ڪري ڏيکارڻ لاءِ ڪو رسالو ڪڍڻ شروع ڪندا آهن ، يا پنهنجين لکڻين جو ڪتاب پاڻ ڇپرائيندا آهن؟“

”ائين ته نه آهي.“

”تون ته اهو به چوين ٿو ته تو وٽ ڪتاب جيترو مواد به ڪونه هو ، پر تڙ تڪڙ ۾ ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون لکي، تو ڪتاب جي پورت ڪئي آهي. هاڻي اهڙيون شيون شايع ڪري، تون ادب جي خدمت جي هام هڻڻ چاهين ٿو؟“

”ائين به ڪونهي.“

”توکي اهو بہ احساس هجڻ گهرجي تہ تون اڻ سڄاتل ۽ اڻڇپيل سيڪڙاٽ ڪهاڻيڪار آهن. ان ڪري تنهنجي هن ڪتاب جو ڪاپو گهٽ ٽپندو ۽ توکي گهاٽو پوندو. ان جو مطلب تہ تو رڳو پنهنجو نالو ڪتاب مٿان ڏسڻ ۽ ڏيکارڻ جي شوق ۾ يا شايد ڪتاب مفت ورهائڻ واسطي، هيڏو سارو خرچ ڪيو آهي.“

”ائين بہ نہ آهي.“

”شايد ان ۾ ڪي سنڌ جي مسئلن تي ڪهاڻيون ڏنيون اٿئي، جنهن سرڪار ان کي سنڌو ديش جو پرچار سمجهي ضبط ڪري ۽ تنهنجو نالو شهيدن ۾ شمار ٿئي.“

”منهنجي هڪڙي بہ اهڙي قسم جي ڪهاڻي ڪانهي.“

”تہ پوءِ ساڳئي مقصد لاءِ جنسيات تي ڪهاڻيون ڏنيون هوندءِ؟“

”ائين بہ نہ آهي.“

”بي خاص ڳالهہ جا مون کي تنهنجي هن ڪتاب ۾ نظر اچي ٿي، سا اها آهي تہ تو ڪتاب تي ايترو خرچ ۽ ايتري محنت نہ ڪئي آهي، جيتري ان جي پوش تي. پوش ڏاڍو ٺاهوڪو آهي. ڇا اهو ان خيال کان تہ هي ڏيک ويک جو زمانو آهي، شئي ڀلي کهڙي بہ هجي، پر جي پيڪنگ دلڪش هوندس تہ ماڻهو هرو ڀرو بہ خريد ڪرڻ تي هرکندا؟“

”نہ، ائين بہ ڪونهي.“

”وري پوش جي پٺيان واري صفحي تي پنهنجو فوٽو فرسٽ ڪلاس ۽ ڏاڍو چٽو ڇپرايو اٿئي ۽ آهي

ٻه وري تمام وڏو، پورو صفحو والاريو اٿئين. هڪڙو ته ان جي بلاڪ ڏوڪڙ ڏاڍا ڪاڏا هوندا، ۽ ٻيو ڏسڻ وارا چوندا ته هي ترڙو آهي ۽ پنهنجي تصوير جي نمائش ڪرڻ جو ڏاڍو شوق اٿس.“

”يار، تو ڪان لڪ لڪاءُ ڪهڙو منهنجي محبوبڙيءَ جي تمنا هئي ته هوءَ منهنجي تصوير پاڻ وٽ رکي. پر هوءَ هڪ غير آدميءَ جي تصوير پنهنجي گهر ۾ ڪيئن ٿي رکي سگهي. ان لاءِ ٿي هيءَ ترڪيب سوچيم. هاڻي هوءَ هي ڪتاب پنهنجي گهر ۾ رکي سگهندي ۽ منهنجي تصوير ڏسندي رهندي.“

○

حيدرآباد: ١٢- مي ١٩٧٥ع

نئين دنيا: جنوري ١٩٧٦ع

# اهي ڏينهن، اهي نينهن

○

○

”.... هي آواز،
اهوئي ته آهي،
ها، اهوئي ته آهي،
منهنجي من جون تارون ڇيڙيندڙ،
منهنجي دل جي درياهہ ۾ طوفان اٿاريندڙ،
پيار ۾ ٻڏل، مون کي پنهنجو ڪوئيندڙ،
منهنجي جيءَ جي جوت، منهنجي ساهہ جو سُرندو،
منهنجي ڪنن جو ميٺاج، منهنجي روح جي راحت.
جنهن کي سوَن هزارن آوازن ۾ سڃاڻان،
۽ جتي هجي اهو آواز،
ڪَنَ ٻڌو آواز ٻڌن ڇو ٿا!
هن جي ٽهڪڙن جون ٽلڙيون،
هن جي سرگوشين جا گهنگهرو،
ڦهلائيندڙيون هيون فضا ۾،
ماکيءَ جهڙيون مٺڙيون لهرون.
منهنجي سيني تي رکي مٿو،
هن جي مُک جي مکڙيءَ مان
ڦٽندڙ جهونگار،
ڪندي هئي پيدا
اڻ پيتي جا خمار.

ان آواز ۾ ٿي گونجندا هئا:
منهنجي سک جا سنيها،
منهنجي نينهن جا نغما.
منهنجي من چاهيو هو:
اهڙي مٺڙي آواز جا،
اهڙا سهٽا پڙاڏا،
سانڍي رکان،
سدا حيات بڻايان...."

○

ارباب، پنهنجي سوچن جي سنسار ۾ گم هو، جو وچندڙ ريڊيئي تي "پراڻو چنڊ" پروگرام شروع ٿيو. هن پروگرام کي پيش ڪندڙ ڇوڪريءَ جي آواز بلند ٿيڻ سان، ارباب جا ڪن هڪدم کڙا ٿي ويا. هيءُ آواز ته چنبيليءَ جو هو، جنهن بابت هميشه سوچي رهيو هو، ۽ جا اڪثر هن جي سوچن جو محور هوندي هئي.

هو هن آواز جي لهرن ۾ لُڙهڻ لڳو. ريڊيئي کي چاتيءَ سان لڳائي، ان کي پاڪر پاتائين. "منهنجي چنبيلي!" هن جي وات مان نڪتو. هن جي نيڻن مان لُڙڪن جون لارون وهي، ڳٽن تان ٿينديون، وهائي کي آلو ڪرڻ لڳيون.

○

هن کي پهرين پهرين هن جي شڪل مست ڪيو هو يا هن جي آواز؟

هڪڙي ڏينهن، هو ڪاليج جي هڪڙي جشن ۾

اسٽيج تي ڳائڻ آئي ته، هن چنبيليءَ کي پهريون ڀيرو ڏٺو، ۽ ڏسڻ سان ئي هن کي اهڙي وٺي، جو ڪا مهل ته هن مان نظرون ئي ڪونه ڪڍيائين، ڇڻ نظرون ڪوئنئر سان هن ۾ چنبڙي پيون هُيس.

جڏهن وري هن ڳائڻ شروع ڪيو، تڏهن هن جو آواز اهڙو چيٽو، رس ڀريو، سهڻو ۽ سريلو محسوس ٿيس، جو الائي ڇو اعتبار نه ڪري سگهيو ته اهو آواز انهن چپن مان نڪري رهيو آهي. ايتري قدر جو اٿي، اسٽيج جي ويجهو وڃي پڪ ڪيائين ته هوءَ ئي ڳائي رهي آهي.

رنگ مشڪي، اڇا به سانورو، پر نڪ-نقشا ۽ منهن-مهاندا اهڙا دلڪش، جسم اهڙو جوان ۽ ڀرپور، ۽ لوڏ ڪوڏ اهڙي وڻندڙ، جو هزارين ڀورين ڇوڪرين ۾ به نظر وڃيو هن تي ڪُڇي ۽ اتان ڇُرڻ جو نالو ئي نه وٺي. آواز اهڙو سريلو ۽ سوز وارو، جو ٻڌندڙ جهومڻ لڳندا هئا. هن جي جسم کان وڌيڪ، هن جي آواز جا چاهيندڙ هئا.

هن جي آواز ۾ سُر، سوز ۽ ميٺاج ان وقت کان اڃا به وڌي ويو، جنهن وقت کان هوءَ ارباب سان نينهن جي ناتي ۾ ڳنڍجي وئي.

پيار به سيلاب وانگر آهي. ان کي روڪي نٿو سگهجي. اهو رڪاوٽون پاش پاش ڪندو وڃي، بند ٽوڙيندو وڃي، تباهيون ڪندو وڃي.

سماجي بندشون غير مناسب، غير سڀاوڪ ۽ غير فطري

سهي ، پر انهن جي ٽوڙڻ لاءِ وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوي ٿي.

ارباب ۽ چنبيلي پيار جي وهڪري ۾ وهڻ ڪان پاڻ کي روڪي نه سگهيا. چنبيليءَ کي خبر هئي ته ارباب پرڻيل آهي ۽ ٻه ٻار ٻچا اٿس. ٻنهي کي احساس هو ته هنن جي شادي ناممڪن آهي اهڙيءَ حالت ۾ پريم جي ناتي کي جاري رکڻ سان، هو سماج جي عتاب جو شڪار ٿيندا ۽ ڪنهن به وقت ٻنهي جي ڀيٽ گهٽ ۾ گهٽ چنبيليءَ جي تباهي ٿي سگهي ٿي.

پر عمر اهڙي هئن جو پاڻ کي پلي نه ٿي سگهيا، يا شايد سمجهيائون ٿي ته محبت جي منزل هرويرو شادي نه آهي، يا پڙهيل ڳڙهيل هجڻ ڪري سماج سان بغاوت ڪرڻ جي جوکي کڻڻ جو جذبو موجود هئن. هو پوري خبرداري وٺي، لوڪ ڪان لڪي، پيار جي سيلاب ۾ وهندا رهيا.

○

ارباب هڪ ننڍي ڳوٺ جو رهاڪو هو. مائٽن هن جي ننڍپڻ ۾ ئي شادي ڪرائي ڇڏي هئي. هن کي ٻه ٻار ٿي چڪا هئا. هتي شهر ۾ ڪاليج ۾ پڙهڻ آيو هو ۽ هاسٽل ۾ رهندو هو. ارباب جي حياتيءَ ۾ محبت خوشگوار تبديلي آندي هئي، هو ڏاڍو خوشمزاج ۽ زنده دل ٿي پيو هو. زندگيءَ ۾ هن کي جڻ ڪو مقصد ملي ويو هو ۽ هو ڏاڍي محنت ۽ شوق سان پڙهڻ لڳو هو. ڳوٺ ويندو هو ته زال ۽ ٻارن ٽي اڳي ڪان وڌيڪ

مهربان ڏسڻ ۾ ايندو هو ۽ هنن کي گهڻو قرب ڏيندو هو.
ڏکري پاس ڪرڻ کان پوءِ، ارباب کي نوڪري به هن شهر ۾ ملي ويئي. هو هاڻي مسواڙ تي گهر وٺي رهڻ لڳو.

پريمي پنهنجو ناتو نباهيندا آيا. هنن جي پيار کي ست سال اچي ٿيا.

چنبيليءَ جي هڪ ٻئي شخص سان شاديءَ جي تاريخ مقرر ٿي. ان کان پوءِ ٻئي مليا ته هڪ ٻئي سان گلي ملي ڏاڍو رنائون. هڪ ٻئي کي ڏک- ڏوراپا به ڏنائون ته همت کان ڪم وٺي حالتن جو مقابلو ڪري، اسان کي پاڻ ۾ شادي ڪرڻ کپي ها. پوءِ سماج کي لوڙڻ لڳا، جو اونداهي دؤر جون پابنديون اڃا تائين قائم رکيو ويٺو آهي، پر هنن کي الائي ڇو اهو اطمينان هو ته ڇا به ٿي پئي ، هو هڪ ٻئي سان ملندا رهندا ۽ دنيا جي ڪابه طاقت هنن کي ائين ڪرڻ کان روڪي نه سگهندي.

ارباب کي رقابت جي احساس ڏاڍو اداس بڻايو. پر پاڻ کي ان خيال سان آٿت ڏنائين ته آخر منهنجو به ته ٻيءَ عورت سان سنبنڌ آهي ، جا منهنجي زال آهي . چنبيلي جي ڪٿي مجبور ٿي ، رسمي طرح پنهنجو جسم مڙس جي حوالي ڪيو ته به دلي طرح ته منهنجي آهي.

شاديءَ کان پوءِ به چنبيلي دستور موجب ارباب سان ملندي رهي. محبت جا گيت گونجندا رهيا. ارباب هن جي پيار ۾ ڪنهن به قسم جي ڪمي محسوس نه ڪئي. هوءَ هن کي ٻڌائيندي هئي ته مڙس ڪيس ڏاڍو پيارو ٿو

۽ هن مان راضي آهي ۽ گهر جو چرخو به سک- سانت
سان پيو هلي. چنبيليءَ کي ٻار ٿيو.
اهڙيءَ ريت ٽي سال گذري ويا.

○

هڪڙي ڏينهن چنبيلي، ارباب سان ملڻ آئي ته ڏاڍي
اداس هئي، ۽ اچڻ سان اچي روئڻ ۾ چٽڪي. اکين جا
نار بند ٿي نه ٿينس. سڏڪن جي رفتار وڌي ٿي نه ڏئي.
جڏهن ڪجهه ڳالهائڻ جهڙي ٿي، تڏهن چيائين:
”منهنجي مڙس کي ڪُڙڪ پئجي وئي آهي يا ڪنهن
چُغلي هنئي آهي. اڄ سنئون سڌو پڇيائين ته تنهنجي
ڪنهن ٻئي مرد سان دوستي آهي ڇا؟ مان ته صفا آلي
وئس. پر هن مون کي چتاءُ ڏنو ته جي ڪابه اهڙي
ڳالهه معلوم ٿي ته پوءِ يا خون ڪندوسانءِ يا گهر مان
ڪيدي ڇڏيندوسانءِ.... پر منهنجا سائين! مان توکان سواءِ
جيئري رهي ڪانه سگهنديس. مان توکي نٿي ڇڏي سگهان،
ڀلي ته مڙس مون کي ڪيدي ڇڏي، ختم ڪري ڇڏي.“
ارباب غمگين ۽ گنڀير ٿي ويو. هو سوچ جي ساگر
۾ گم ٿي ويو.
”تون ڇو ماٺ ٿي وئين مئڙا، مون کي تنهنجي
تسليءَ جي ضرورت آهي. ٻڌاءِ مان ڇا ڪريان؟“
ارباب ڦهريون پيرو، چنبيليءَ سان سختيءَ ۽ رکائي
سان ڳالهايو:
”اسان کي هڪ ٻئي سان ملڻ نه گهرجي، آئينده
ڪڏهن به مون سان گڏجڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ.

اسان جي محبت اسان جي دلين ۾ موجود رهندي، پر مان توکي ائين تباه ٿيڻ نه ڏيندس. مان تنهنجو گهر بار تباه ٿيندو ڏسڻ نٿو چاهيان."

ٻئي نمڻا مان نير وهائيندا رهيا.

○

ان ڏينهن کي پنج سال گذري ويا هئا. هو پاڻ ۾ اڪثر نه ڳنڍيا هئا. جڏهن ڇماهيءَ رستي ويندي، آمهون سامهون ٿيندا هئا ته پنهنجي چهرن تي مرڪڻ جي بهار ڇانئجي ويندي هئي. پوءِ هو مرڪندا هڪ ٻئي ڏي ليڪل نگاهن سان نهاريندا، بنا ڳالهائڻ جي اوپرن وانگر پنهنجو پنهنجو رستو وٺي ويندا هئا.

هنن جا زخم نئين سر اُڪري پوندا هئا، نئين سر پوسرندا هئا، نئين سر ڪُرندا هئا. درد جون سوٽون تازيون ٿينديون هيون. اکين ۾ ڳوڙهن جا تلاءَ تري ايندا هئا. دل جي دک جي ساڳئي هوندي به جدا جدا واٽون وٺندا هئا: اُداس اُداس واٽون، اجڙيل اجڙيل واٽون، اڪيليون اڪيليون واٽون. پوءِ هو پنهنجي پنهنجي مُنهن ماضيءَ جي دنيا ۾ پهچي، پنهنجي بيقرار دلين کي ٿاپر ڏيڻ جا جتن ڪندا هئا.

○

ارباب اڪثر هن قسم جي ويچارن وارا گيت جهونگاريندو هو:

اها پڪ، اهو يقين، اهو ڀروسو،
محبوب جي آهي محبت حاصل،

چاهيون ٿا هڪ ٻئي کي،
دل جي گهراين مان،
ڏور هوندي به هڪ ٻئي کي
آهيون ويجهن کان ويجها.
اها ڳڪ آهي منهنجي جيون جي ٽيڪ؛
اهو يقين حياتيءَ جو سهارو؛
اهو ڀروسو بخشي ٿو،
جياپي لاءِ جاکوڙ جو آتساهه.
اهڙو محبت جو اطمينان،
بڻائي ٿو زندگي رهڻ لائق.
هن جي محبت جي خاطري،
هو آهي منهنجي اونداهي دنيا جو چمڪندڙ چنڊ،
چوڏهينءَ جو چنڊ، پورو چنڊ، پراڻو چنڊ.

○

ارباب جو وڏو ڀاءُ مري ويو ته مرحيات جي رنڙ زال واسطي سوچيو ويو ته گهر ۾ ٻيو ته ڇوڪرو ڪونهي فقط ارباب ئي آهي. هو ان وقت ساماڻل به ڪونه هو ۽ هن جي اها ڪنوار هن کان چمار ۾ ڏهه سال وڏي هئي، پر تنهن هوندي به هن کي شاديءَ جي صليب تي چاڙهيو ويو.

ارباب ڪڏهن ڪڏهن ويچاريندو هو:

”مان ائين ڪونه ٿو چوان ته منهنجي اهڙي اڻ ٺهڪندڙ شادي نه ٿئي ها ته چنبيليءَ سان پريت جو پيچ ڪونه ٻڌجي ها. چنبلي ته اڻ پڙهيل هئي، پوءِ به هن

گڏ خوشبن جا خزانا لڳيلدو.

هي آهي ريفريجريٽر، جنهن ۾ هو سدائين اهو ثربت موجود رکندو آهي جو چنبيليءَ کي پسند هو. چنبيليءَ کي رس گلا ڏاڍا وڻندا هئا، هو اهي سدائين وٺي رکندو آهي. ڪهڙي خبر هوءَ ڪهڙي وقت اچي وڃي!

هي اهوئي پرائو ريڊيو آهي، جنهن تي هو ٻئي گڏجي راڳ ٻڌندا هئا ۽ گڏ جهومندا هئا ۽ هڪ ٻئي سان اکيون ملائي مرڪندا هئا.

هي آهي رڪارڊ پليئر. ان جي رڪارڊن ۾ اهي سڀ رڪارڊ موجود رکيا اٿائين، جي چنبيليءَ کي پسند ايندا هئا.

هي آهي ٽيپ رڪارڊر، جنهن جي ٽيپن تي چنبيليءَ جا اهي سڀ ڳايل راڳ ۽ گيت ڀريل آهن جي هن، وت اڪيلائيءَ ۾ يا ڪاليج جي محفلن ۾ ڳايا هئا.

هي آهي اهو ڪبٽ، جنهن ۾ چنبيليءَ جي هڪ هڪ چيز سانڍي رکي اٿائين. هن جي خطن جو هڪ خوبصورت فائيل ٺاهيو اٿائين. هن جي تصويرن جو به هڪ سهڻي ۾ سهڻو آلبم بنايو اٿس. هن جون ڏنل سڀ ڪ جون سوکڙيون: ڪتاب، عيد ڪارڊ، عطر جون شيشيون ٽايون، رومال، پنهنجي هٿ جون ڀريل چادرون، وهائو، جون چڱون ۽ سبز پوش. هن انهن گلاب جن گلن جون سڪل پنکڙيون، پلاسٽڪ جي شفاف دٻليءَ ۾ سانڍي رکيون هيون، جي گل چوڏهن پندرهن سال اڳ، چنبيليءَ هن کي پيار مان پيش ڪيا هئا.

هيڏانهن هي سوڙهو پلنگ آهي، جنهن بابت چنبيليءَ سان اڪثر مذاق ڪندو هو.

هو انهن شين کي ڏسي سوچيندو هو ته جڏهن چنبيلي ايندي، تڏهن اهي شيون ڏيکاري چوندوسانس ته ڏس تنهنجي لاءِ منهنجو پيار اڄ به تازو آهي!

هو سوچيندو هو .... ۽ هي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو! هوءَ ايندي ته ان جي ٿڌڙي ٿڌڙي ماحول ۽ سوڙهي پلنگ تي ويهي ڪلاڪن جا ڪلاڪ، پهرن جا پهر، قرب جي ڪچهري ڪنداسين.

هو جڏهن بزار ويندو هو يا سوات يا ڪوئٽيا طرف گهمڻ ويندو هو تڏهن اتي دڪانن تي ڪابه سهڻي ۽ نئين نموني جي سوڪڙي ڏيڻ جهڙي شئي ڏسندو هو ته هن جي دل چاهيندي هئي ته هو اها پنهنجي چنبيليءَ واسطي وٺي. هوءَ اها ڏسي ڪيترو نه خوش ٿيندي ۽ هن کي خوش ڏسي، ڪيس به دنيا جون مڙئي خوشيون حاصل ٿي وينديون.

شين خريد ڪرڻ وقت به هن کي عجيب راحت ۽ تسڪين حاصل ٿيندي هئي.

انهيءَ اُمنگ ۽ شوق هيٺ، هن چنبيليءَ لاءِ ڪوڙ سوکڙيون ورتيون هيون: ننڍڙو پتڪڙو ريڊيو، ولايتي ڪپڙا ولايتي سئيٽر، خوبصورت واچ، عطر، ڪيترائي پرس، ڪنن جا پنڙا، موتين جا هار، منڊيون، سُرها سُرها ولايتي صابڻ. انهن مان ڪي شيون ته ڪنهن نه ڪنهن نموني، هن کي پهچائي به سگهيو هو، پر گهڻو

جا رايا ونندا هئا، ۽ هڪ ٻئي جي خوشيءَ شريڪ ٿيندا هئا • جي خلاصي ملاقات جو وجھہ نہ ملندو هون ، تہ ڪلاس ۾ يا ڪاليج ۾ ڪنھن نہ ڪنھن ريت هڪ ٻئي جي آڏو اچي ، اُن شئي يا ڪپڙي طرف اشارن سان ، هڪ ٻئي جو ڌيان ڇڪائيندا هئا.

ڪبڙانھن ويا، اهي ڏينھڙا؟
ڪٿي ڳوليان اهي لمحا ؟

هائي تہ انهن جذبن جو دم گھٽي ، انهن اُنگن کي دفن ڪري ، سارو سرير قبرستان بنجندو وڃي !

○

ارباب چنبيليءَ جي باري ۾ ڪنھن نہ ڪنھن طريقي سڌ سماءُ رکندو هو• هن جي گھرو حالت کھڙي آهي، هن جي چڱيلائيءَ جي خبرچار، ٻارن جو چمڻ وغيره •

هن کي خبر هئي تہ ڇھہ مھينا اڳ هن جي مڙس کي نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو هو ۽ هو بيروزگار هو• پر اها چاڻ ڪانہ پيئي هئس تہ مالي مجبورين ڪري ، چنبيليءَ تازوئي ريڊيي ۾ اناؤنسر جي نوڪري ڪئي هئي•

○

اڄ اوچتوئي ريڊيي تي هن جو آواز اپريو هو•
چنبيلي چئي رهي هئي:

”هن پروگرام ۾ گيتن سان گڏ، حياتيءَ جي ڪنھن روشن رخ تي لطيفا، ٽوٽڪا ۽ واقعا ٻڌايا ويندا آهن • اڄ توهان کي پيار ڪندڙن جا ڪجھہ ٽوٽڪا ٻڌائبا• پر

ڪنهن جا آهن. ان خيال کان ڪپڙن ڏيڻ وقت وڏيل همت ڪٽي پوئني هٽاياڏن.

ڇوڪريءَ عجب مان پڇيو ”ڪهڙي ڳالهه آهي؟“

”حجاب ٿو ٿئيم.“

” آخر هي نئون حجاب ڇا لاءِ؟“

”ڪپڙا تمام ميرا آهن.“

”مون کي ڀيو ڇاگهرجي!“ ائين چوندي، ڇوڪري جو منهن سچ پچ ڀڪڻ لڳو.

”مون نہ سمجهيو.“ ڇوڪري چيو.

خبر اٿو،ان تي ڇوڪريءَ ڪهڙو جواب ڏنو.جواب ڏنائين:

”پوءِ نہ انهن ڪپڙن ۾ تنهنجي بدن جو ڏاڍو سڳند هوندو، جو مون کي ڏاڍو وڻندو آهي، ڏاڍو پيارو لڳندو آهي.“

ارباب جا ڏاڪ لڳي ويا. هو بت بڻيو ڏندو رهيو. چنبيليءَ جو لفظ هن جي دل ۾ ڇپندو ۽ مٺڙو درد پيدا ڪندو رهيو. هوءَ پنهنجي ۽ هن جي محبت جون ڳالهيون ڪري رهي هئي. اهو ڪپڙن وارو واقعو، اها گفتگو، هن جي حياتيءَ جي حقيقت هئي. جيڪو رڪارڊ هن ڀڏايو هو، سو پڻ ارباب جي پسند جو هو، ۽ هن جي ئي چوڻ تي، چنبيلي هن جي سيني تي متو رکي، اڪثر هن کي ڳائي ٻڌائيندي هئي.

هن وقت ارباب جو ذرو ذرو ۽ هن جو انگ انگ چڻ ڪن بڻجي چڪو هو. ريڊئي جي آواز کان سواءِ هن واسطي هر شئي حو وجود ئي چڪو هو. هن کي اهو بہ هوش نہ رهيو هو تہ هن جي نيڻن مان ڳوڙهن

جو مهراڻ جاري آهي.

○

هوءَ هن جي ۽ پنهنجي پريت جون گذريل ڪهاڻيون ٻي ٻڌائيندي رهي. هن جيڪي رڪارڊ ٻڌايا، سي سڀ ارباب جي پسند جا هئا.

هينئر جيڪو رڪارڊ وڄي رهيو هو، سو هي هو:

اڄ پڻ وايون ڪن، ونجارا وڃڻ جون،
هاڻ هارا سپرين، رڏان تـان نه رهن،
آءُ جهليندي ڪيترو، آيل! ساموندين،
پڳهه ڇوڙي جــن، وڏا ٻيڙا ٻار ۾.

○

وري چنبيليءَ جو آواز بلند ٿيو:

”ٻن پريمين هڪڙي ڪمري ۾، هڪ ٻي ڪوچ تي ويٺي، قرب جي ڪچهري ڪئي.

ڳالهيون ٻولهيون ڪندي، هو ڪنهن ڳالهه تي هڪ ٻئي سان ڪاوڙجي پيا. ڇوڪري رُسي، اتان اٿي سامهون پريرو پيل ڪرسيءَ تي وڃي ويٺي. ڇوڪري ٻه-ٽي دفعا ڇوڪريءَ کي چيو ته واپس اچي منهنجي ڀرسان ويهه. پر ڇوڪري نه آئي.

ڪجهه مهل ٻيئي ماٺ ۾ رهيا.

پوءِ ڇوڪري هلڪو ٿهڪو ڏنو. ڇوڪري رنل رهي ۽ منهن مٿي ڪونه ڪنيائين ۽ نه ٻي هن ڏي نهاريائين.

ان تي ڇوڪري چوڻ شروع ڪيو: ”تون جواب ڏين نه ڏين، پر هينئر مون کي ذهن ۾ هڪ دلچسپ

خيال آيو آهي، ’هو پڌايان ته ... جڏهن اسان ٻنهي جي شادي ٿي وينديءَ، تڏهن مان، اسان ٻنهي واري ڪمري ۾ ٻيو ڪو به فرنيچر يعني ڪرسيون يا ڪوچ نه رکرائيندس. اتي فقط هڪڙو پلنگ هوندو، ۽ اهو به تمام سوڙهو هوندو، يعني رڳو ٿي فوٽ ويڪرو. اهو ان لاءِ ته جي تون مون سان رُسين ۽ مون کان پري ٿيڻ چاهين، ته به پري ٿي نه سگهين. منهن ڀلي ٻئي پاسي ڪندينءَ، پر جسم ته جسم سان لڳل رهندو.“

پوءِ وري هي بيت وچڻ لڳو:

نمڻ نه نندون ڪن، ٻيو آرس اکين،
اجهاميو ٻرن، توکي ساريو سپرين!

○

رات پوري ٿيڻ کان پوءِ، چنبيليءَ جو آواز آيو:
ٻن پريمين جي گفتگو پڌو:
ڇوڪرو ٿو چوي: ”اڄ هڪ راز جي ڳالهه ٿو پڌايانءِ. لفافو اڪثر ٻيڪَ سان بند ڪيو ويندو آهي. پر توڏانهن خط موڪلڻ وقت مون کي خيال ايندو آهي ته پنهنجي پرينءَ ڏي اِڪلي خط کي ٻيڪَ ڪيئن لڳايان ان کري پاڻيءَ سان آلو ڪري بند ڪندو آهيان.“
ڇوڪريءَ جي وات مان رڙ نڪري ٿي: ”اڙي!....“
ڇوڪرو حيرت مان ٿو پڇي: ”ڇو، ڇا آهي؟“
ڇوڪري ٿي جواب ڏئي: ”مان وري سمجهندي آهيان ته تو وٽان آيل لفافي تي تنهنجي ’لعاب‘ لڳل آهي. ان ڪري لفافو رواجي طرح کولڻ واري بدران

نہ ڪوليندي آهي، پر پاسي کان ڦاڙي ڪوليندي آهيان. مان نہ رڳو تنهنجا خط رکندي ويندي آهيان. پر تو وارا لفافا بہ سانڍيندي ويندي آهيان، جو مان سمجهندي آهيان تہ انهن ڪي تنهنجي 'لعاب' لڳل آهي ۽ منهنجي لاءِ پيرن مرشدن جي لعاب وانگر، محبوب جي لعاب پڻ 'پاڪ چيز' آهي."

○

اهي هيون ڪجهہ پريمين جون ڪجهہ پريم ڪهاڻيون، هاڻي اچوڪي پروگرام جو آخري ايٽم پڌو:

هلو، هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اڇل،
نہ ڪا جهل نہ پل، سڀڪو پسي پرينءَ کي.

—

هلو، هلو ڪاڪ تڙين، جتي گهڙجي نينهن،
نہ ڪا رات نہ ڏينهن، سڀڪو پسي پرينءَ کي.

پروگرام پوري ٿيڻ جو اعلان ڪري، جڏهن، چنبيليءَ چيو "الهہ واهي!" تڏهن ارباب چڻ سڀني مان سجاڳ ٿيو. ان وقت هن جون نہ رڳو اکيون آليون هيون، پر پورو جسم پگهر ۾ پُسي چڪو هو.

○

هو ريڊيو بند ڪري، تو ۽ ڪو وقت اُئين ويٺو رهي تو. هن جي من ۾ ٿاڦر اچي ٿي، هو دل ئي دل ۾ پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي ٿو:

ها، هوءَ پڻ ياد ڪري ٿي،
اهي ڏينهن اهي نينهن،

ماضيءَ جا محبت ڀريا لمحا،
پيار جي انهن يادين کي،
سمجهي ٿي جيون جو سرمايو.
مان به ته اهڙين ڪريان پيو،
مان به ته اهڙين ڪندو آهيان.
پر هاڻي ته مرڻ تائين،
ارمان ئي ارمان رهندا،
حسرتون ئي حسرتون رهنديون،
۽ نصيب ٿينديون:
ناميدون، نراسايون، ناڪاميون،
ٽٽل دل،
ٽٽل رهندي.
پوءِ به پراڻين يادگيرين تي راضي رهڻ،
حال ۾ ڪجهه به نه ڪرڻ،
يا ڪجهه به نه ڪري سگهڻ.
ڪوڙو آٿت،
ڀاڙاتي تسلي،
زوريءَ،
خوابن ۽ خيالن جي دنيا ۾ رهڻ جي ڪوشش،
احمقن جي جنت!
يا بيوسيءَ جي انتها!

○

حيدرآباد: ٢- جولاء ١٩٧٥ع
مهراڻ ٤- ١٩٧٥ع

# ڪنول

○
○

ڪنول، هن گهر ڪي پنهنجو سمجهي پيئي ايندي ويندي هئي. اڄ در ڪڙڪايائين ته ظفر اچي کوليو. هوءَ اندر گهڙي ڪوٺيءَ ۾ وڃي کوچ تي ويٺي، ظفر به اچي سندس پرسان ويٺو.

ظفر، ڪنول جي پرڏيهي نثار سان گڏ هن جاءِ ۾ رهندو هو. هوءَ هن کان پڻ واقف هئي.

پنهي هڪ ٻئي کي ڪيڪاريو ۽ ڪجهه رسمي ڳالهيون ٻولهيون ڪيائون.

پوءِ ڪنول هيڏانهن هوڏانهن نهاري پڇيو:

”نثار ڪٿي آهي؟“

”مان جو ويٺو آهيان؟“ ظفر، شرارت آميز لهجي ۾ وراڻيو.

ڪنول ڪِلي ڏنو. هن جو ڪِلڻ سُريلو هو.

”سو ته مان ڏسان ويٺي، پر نثار جو ٿي پڇان. ٻئي ڪمري ۾ آهي يا ٻهنجڻ جاءِ ۾؟“

”هو گهر ۾ آهي ئي ڪونه.“

”گهر ۾ آهي ئي ڪونه!“

”نه رڳو گهر ۾ ڪونهي، پر هن شهر ۾ ئي ڪونهي.“

”پر هن مون کي هن وقت اچڻ جو پروگرام ڏنو هو، پوءِ پاڻ ڪيڏانهن ويو؟“

”اها منهنجي قسمت چئبي جو توکي ٽائيم ڏيڻ

کان پوءِ، هن کي ڪا ضروري تار اچي ويئي ۽ توکي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ، هن کي تڙتڪڙ ۾ ٻئي شهر ڏانهن وڃڻو پيو، جو هتان کان ٻه سو ميل پري آهي ۽ جتي هن کي ٽي-چار ڏينهن رهڻو پوندو. اڄ تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ ڪابه رڪاوٽ نه آهي."

"چڏ چرچا، ٻڌاءِ ته ڪهڙي تار آئي هئس؟"

"مان چرچا ڪونه ٿو ڪريان. مان ٻن سالن کان وٺي اڄ جهڙي نويڪلائيءَ جي وجهه جي تاڙ ۾ رهيو آهيان. تون ٻن سالن کان هن گهر ۾ ايندي رهي آهين ۽ مان پري کان ٿي تنهنجي شباب جي شربت پيئڻ لاءِ تڙڦندو رهيو آهيان."

"چڱو چڏ هاڻي مسخري، مون کي گهڻو نه ستاءِ."

"مان سچ ٿو چوان ته، تنهنجي جاڙن ڀرن جي تيرن مون کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي. تنهنجي وڏين وڏين، ڪارين اکڙين جي چشمن مان مون آبحيات جون چسڪيون ڀرڻ چاهيو آهي- تنهنجي موتيءَ جهڙن ڏندن، تنهنجي گلابي چپن، تنهنجي گوري بدن، تنهنجي ڀرپور جوانيءَ تي پنهنجي جند جان گهورڻ جي تمنا پئي ڪئي اٿم."

"اهي فلمي ڊائلاگ ڪڏهن کان سکيا اٿئي؟"

"اهي فلمي ڊائلاگ نه آهن، اها منهنجي دل جي پڪار ۽ مان توکي حاصل ڪري رهندس."

ڪنول هلڪو چرڪ ڀريو، هن ظفر ڏانهن نهاريو. جن نگاهن لاءِ هن سدائين سمجهيو هو ته انهن ۾ هن

لاءِ عزت آهي، اڄ انهن نگاهن ۾ هن کي هوس جو ناتگ ڪتر ڪٽندي نظر آيو.

”توکي اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ نٿيون جڳائين. مان وڃان ٿي.“

ائين چئي، هوءَ اٿي ڪڙي ٿي ۽ دروازي ڏانهن وڌي. ظفر به ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ هن جي سامهون بيهي رستي روڪ ڪري بيٺو.

”اڄ مان توکي ايستائين وڃڻ نه ڏيندس، جيستائين مون پنهنجي پياس نه بجهائي آهي. مون ههڙي موقعي لاءِ ڪافي انتظار ڪيو آهي. مان هي موقعو هٿان وڃڻ نه ڏيندس، چاهي مون کي زبردستي ئي ڪرڻي پوي.“

”مان چوان ٿي مون کي وڃڻ ڏي، نه ته مان رڙيون ڪري شور مچائيندي س.“

”جي تون گوڙ يا گڙٻڙ ڪندينءَ ۽ منهنجو چيو نه مڃيندينءَ ته مان سڀڪجهه تنهنجي پيءُ-ماءُ ۽ ڀين مائٽن کي ٻڌائيندس ته ڪيئن تون ڪارو منهن پيئي ڪرائيندي رهي آهين.“

ڪنول روئڻ لڳي. هن جي نيڻن مان ڳوڙهن جا درياءَ وهي نڪتا.

”خدا جي واسطي مون کي وڃڻ ڏي.“

”مان اهڙو بيوقوف ڪونه آهيان، جو هٿ ۾ آيل پکي ڇڏي ڏيان.“

هوءَ روئندي رهي ۽ ڪي پلڪون هن جي وات مان ڪو اکر اڪاري نه سگهيو. هوءَ ٻه-ٽي وکون هٽي

هن کان پري ٿي بيٺي.

”توکي پنهنجي دوست سان دغا ڪرڻ، اڪيلي ۽ بيوس ڇوڪريءَ جي مجبوريءَ مان فائدي وٺڻ ۾ شرم نٿو اچي.“

”تون ڪو منهنجي دوست جي نڪاح پڌل زال ڪونه آهين، ۽ نه وري پاڪدامن آهين. تو جهڙي آواره سان آوارگي ڪرڻ ۾ شرم ڇا جو!“

”تنهنجو ڪنهن سان پيار هجي ها ته ڪڏهن به اهڙا لفظ ڪونه چئين ها.“

”مان اجايو بحث ڪري وقت وڃائڻ نٿو چاهيان.“

ائين چئي، سٽ ڏئي، اچي هن کي ڀڪ وڌائين.

ڪنول ڦٿڪندي، لڇندي ۽ تڙپندي رهي. هن جو انگ انگ احتجاج ڪندو رهيو. زبان سان آزيون نيزاردون ڪيائين. البت واڪا ڪونه ڪيائين، شور ڪونه مچايائين.

ظفر کي رحم ڪونه پيو، هو ڪونه مڙيو.

اهائي گهڙي، جا ڪنول واسطي سدائين گلن جي سيج ٿي پوندي هئي، سا اڄ هن لاءِ ڪنڊن جي سيج بنجي پئي.

○

ان کان پوءِ به ظفر، ڪنول کي ايڪ ڇپ ۾ ملڻ لاءِ مجبور ڪندو رهيو.

نثار ته هن کي دل سان چاهيندو هو، ان ڪري ڪنول جي زندگي، مستقبل ۽ عزت جو پورو پورو وو رکندو هو. هو پوري ذميواريءَ کان ڪم وٺندو هو،

ماءُ، ڏيءُ کي ڪي گهڻو گرم ڦڪيون ڦڪايون ۽ ڪاڙها پيارياءِ ڪو ڪڙتل ڪونه نڪتو.

هن کي ڪي دايون سڃهيون ٿي، جي ان ڪم جون ماهر سمجهيون وينديون هيون. پر خيال ڪيائين ته هنن رنن جي پيٽ ۾ ڪاڳاٺهه ماپيندي ڪاڻ ۽ گهر گهر پڙهو ڏينديون وتنديون يا شايد ان خيال کان به، انهن جي ور چڙهڻ نه چاهيائين، جو ڪي واقعا اهڙا پڌا هئائين، جن ۾ بار ڪيرائڻ جي ڪوشش ۾ ڪنوارين کي حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻا پيا، يا ڪن خرابين ٿيڻ ڪري عمر لاءِ روڳي بڻجي ويون.

هن کي شهر ۾ هڪڙو ڊاڪٽر سڃهيو ٿي، جنهن وٽ هوءَ ڪڏهن پنهنجو يا ٻارن جو علاج ڪرائڻ ويندي هئي. هن کي هو ڪافي همدرد انسان نظر ايندو هو ۽ اميد جاڳيس ته هو، هن جي مشڪل ۾ واهر ڪندو.

○

ماءُ ڊاڪٽر جي پرسان ويهي، سُس پُس ۾ پنهنجي مدعا پڌائي؛ ۽ آزي نيزاري ڪيائين ته هاڻي هنن جي عزت سندس هٿ ۾ آهي، خدا جي واسطي سندن مدد ڪري.

ڊاڪٽر جون نظرون باربار ڪنول طرف کڄي ٿي ويون. هوءَ نوجوان، مَنُ موهڻي ۽ ڏاڍي سهڻي هئي.

ڊاڪٽر به نوجوان هو، پر ڏاڍو ڪوجهو ۽ ڪارو. ڪنول کي خيال آيو ته هيڙي ڪراهت واري شڪل

اکين ، ڇهري ، وارن ۽ ڪپڙن جي حالت اهڙي هئي جو پڌرو هو ته هوءَ ڪنڊن جي سيج تان آئي آهي.

ماڻ، ڏيءَ کي ڏسي سڀڪجهه سمجهي وئي. ڪجهه ڪونه ڪڇي ، زهر جو ڍڪ پيي وئي ۽ ڪنڌ ڪٽي هيٺ ڪيائين.

ٻئي ڏينهن هو ڪمپائونڊر سان گڏجي، ڊاڪٽر جي گهر ويون. اڳئين ڏينهن واري ڪاروائي دهرائي ويئي. موٽندي ، اڌ واٽ تي ڪمپائونڊر هنن کي چيو :

”منهنجو گهر اجهو اهو آهي، چانهه پئندا وڃو.“

ماڻ ۽ ڌيءَ کي نوان انديشا جاڳيا. هنن بهانو ڏيئي انڪار ڪيو. پر ڪمپائونڊر سنئون سڌو چئي ڏنن: ”توهان جي عزت منهنجي ٻه هٿ ۾ آهي، ان ڪري مون کي ٻه راضي ڪرڻو پوندوَ.“

هنن واسطي ڪهڙي واهه هئي . مجبور ٿي ڪنول کي ڪمپائونڊر جي ڪنڊن جي سيج تي ٻه ليٽڻو پيو .

ڏهه ڏينهن لاڳيتو ڊاڪٽر ۽ ڪمپائونڊر جي ڪار روائي ٿيندي رهي . يارهين ڏينهن وڃي ڊاڪٽر اها سٺي هنئي جا هو پهرين ڏينهن تي اسپتال ۾ ٻه هٽي تي سگهيو . ڪنول جي جان، بدناميءَ جي داغ کان آجي ٿي.

○

ان جي چوٿين ڏينهن، اوچتو ڪنول کي ڇاتيءَ ۾ سور پيو. سور وڌندو ٿي ويو . ۽ سهڻ کان ٻاهر ٿيندو ٿي ويو . ساهه کڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳس . ماڻ ساڳئي ڊاڪٽر کي گهر وٺي آئي. ڊاڪٽر ڇڪاس ڪري سمجهي

ويو ته ٻار ڪيرائڻ جي نتيجي ۾، چمپل رت جو ڳنڍيو رت جي
نالين رستي ڦڦڙن ۾ پهتو آهي ۽ اتي اٽڪي پيو آهي. هن بيماري ۽
۾ ڇوڪري مري به سگهي ٿي. جي مري پيئي ته پوءِ
سڄي ڳالهه کلندي ۽ هن جي ڪچي ۾ به ڪٿ پوندو.
ڇوڪريءَ جي ماءُ کي چيائين ته ڪنول کي هڪدم
چاتيءَ جي بيمارين جي ماهر ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃ. نه
رڳو ايترو پر ماءُ کي اهو به چيائين ته جيڪو به خرچ
ايندو اهو هو پاڻ ڀريندو.

○

ڪنول، جنهن مان ماڪ ۾ وهنتل ڪنول گل وانگر
تازگي، سرهاڻ ۽ اڄاڻ پيئي ٽپڪندي هئي، سا سڪل
ڏنڊ جو مرجهايل گل بنجي ويئي هئي.
ساهه دير دير سان ۽ وات کولي، ڇڪي ٿي کنيائين.
ساهه ٻاهر ڪيڻ ۽ ساهه اندر نيڻ وقت هٿ سان ڇاتيءَ
جي ان حصي کي ٿي پڪڙيائين، جتان سور جي سوٽ
ٿي ابريس.
ڏيل ڏبرو، چهرو پيلو ۽ چپ نيرا ٿي ويا هئس.
ويچارين نظرن سان هيڏي هوڏي پئي واجهايائين. ڪڏهن
سور جي سختيءَ کان اکيون ٻوٽي ٿي ڇڏيائين.
هن کي پورو زور لڳائي ساهه کڻڻو ٿي پيو، ۽ وات
پئي، وات مان به ساهه ٿي کنيائين. ان ڪري هن جو وات
سڪي ٺوٺ ٿي ٿي ويو، ۽ زبان ڦيري چپن کي آلي
ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائين. گهڙيءَ گهڙي پاڻيءَ
جي تانگهه به ٿي محسوس ڪيائين. ٿيڪ ڏيئي ويهاري

هن کي ٻاڻيءَ چڪو ڀاريو ٿي ويو. ٻاڻي ٻيڻ کان ٻوه ھڪدم الٽي ٿي آيس. الٽيءَ ڪري ھيڪاري گھٽو ساڻي ۽ نستي ٿي ٿي ويئي ۽ سھڪي ۾ واڏارو اچي ٿي ويس ۽ چپ وڏيڪ نيرا ٿي ٿي ويس.

هن جي وات لاڳيتي ڪنجھڪار نڪري رھي ھئي. ڪڏھن سور وڌيڪ ٿي ٿيس ته زور سان دانھن ٿي ڪيائين. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته ھوءَ جيئڻ کان وڌي جاکوڙ ڪري رھي ھئي.

ماءُ، ڪنول کي اچي ٻڌايو ته علاج لاءِ ھڪ ماھر ڊاڪٽر وٽ ھلڻو آھي. ڪنول، جا ان وقت مشڪل سان ڳالھائي ٿي سگھي ۽ آواز ڪڍڻ جي به پوري سگھه ڪانه رھي ھئس، تنھن بدن جو پورو زور لڳائي پڇيو.

”اھو ماھر ڊاڪٽر مرد آھي يا عورت...؟“

○

حيدرآباد : ٢١- جولاءِ ١٩٧٥ع
مھراڻ : ١- ١٩٧٦ع

# دلفريب راتين جا دشمن

○

○

دوست کان موڪلائڻ لاءِ اٿيس ته چيائين:

”مسٽر وليم ڪي ٻه ڪنيو وڃ. شهر ۾ جنهن هوٽل ۾ ٽڪيل آهي، اتي لاهيندو وڃجانس.“

مسٽر وليم منهنجي هن دوست واري کاتي ۾ غير ملڪي ماهر صلاحڪار هو. هو انگريز هو. مان هن کي ڪٺي، ڄامشوري مان روانو ٿيس. اڳ ۾ واقفيت ڪانه هئي، پر گاڏيءَ ۾ جوڳڻ ويٺاسين ته ڪانه ڪا گفتگو ڪرڻي پئي.

شروعات هن ڪئي:

”توهين ڊاڪٽر آهيو، ٻڌائي سگهندا ته هتي سڀ کان وڌيڪ عام بيماري ڪهڙي آهي؟“

”هتي مليريا تمام گهڻي ٿئي.“

”منهنجو اندازو به اهوئي هو. مليريا جو ڪارڻ مڇر ٿي آهن؟“

”هائو، مليريا جا جيوڙا مڇر ئي پکيڙين ٿا.“

”مون ڏٺو آهي ته هتي مڇر ڏاڍا ٿا ٿين. مون کي ڪڏهن ڪڏهن ڪوٽن ۽ ننڍين شهرن ۾ رات گذارڻ جو اتفاق ٿيو آهي. اتي ته نسورو ناحق آهي. ايترا مڇر آهن ۽ اهڙا تيز چڪ هڻن ٿا، جو ننڊ ڪرڻ ناممڪن ٿيو پوي. سڄي رات پيا پٽڻ. سڄايو چڙين. ڪنهي ڪنهي ڏينهن ٿيو پون.“

”وڏن شهرن ۾ به مڇر گهٽ ڪونه آهن.“ مون چيو.

”ها ضرور هوندا. پر وڏن شهرن ۾ مان سٺين سٺين هوٽلن ۾ پئي رهيو آهيان، جن جا ڪمرا ڄاريدار درن دربن وارا، يا بند ايئرڪنڊيشنڊ ٿين ٿا ۽ انهن ۾ فلٽ يا ٻيون ڪيڙامار دوائون استعمال ڪيون وڃن ٿيون. ان ڪري مڇرن کان مڙئي بچاءُ ٿيو وڃي.“

”ها، مڇرن جي مصيبت ڪري گهڻن ماڻهن کي باهر جي تازي هوا ڇڏي، اندر اُپ وارن بند ڪمرن ۾ بجلي پنکن جي هٽرادو هوا ۾ سمهڻو پوي ٿو. باقي غريب، جن وٽ بجلي ڪانهي، سي ساري رات مڇرن سان مقابلو ڪندي ڪاٽين ۽ مڇرن جي چڪن ڪري جلدي جلدي مليريا جو شڪار پيا ٿين.“

”مڇر هڪ ٻي محروميءَ جو باعث پڻ بڻجن ٿا. مون محسوس ڪيو آهي ته اونهاري ۾ سنڌ جي هن حصي جون راتيون سڄي دنيا ۾ بهترين ٿين ٿيون. اهڙي تازي ۽ وڻندڙ هوا پئي گهلندي آهي جو بيٺي بيٺي ننڊ ڪنيو وڃي. چاندوڪيون راتيون ته تهائين وڌيڪ دلفريب ٿين ٿيون. پر مڇرن جي ڪري مجبور ٿي، وڻندڙ ماحول کي ڇڏي، ڪمري جي گهٽيندڙ ماحول ۾ پناهه وٺڻي ٿي پئي.“

”مڇرن مان پيا به وڏا وڏا نقصان رسن ٿا. گهڻي ۾ گهڻا موت مليريا ڪري ٿين ٿا. ماڻهو مليريا جي مرض جا ڏاڍا عذاب سهن ٿا. مليريا بدن ۾ ڪمزوري پيدا ڪري ٿي، ان ڪري ٻيون ڪيتريون ئي بيماريون

حملو ڪن ٿيون. مليريا مان وڏو اقتصادي نقصان ٿي آهي. هزارين لکين ماڻهو مليريا ڪري، ڏينهن جا ڏينهن ڪم ۽ آفيس مان غير حاضر رهن ٿا، انڪري ملڪي پيداوار ۽ سرڪاري ڪارڪردگيءَ تي وڏو اثر پوي ٿو. انهن ڳالهين ڪري ضروري آهي ته هتي مڇرن کي ختم ڪرڻ خاطر سڀ وسيلا ڪتب آندا وڃن."

"مونکي ياد آيو ته منهنجو هڪ هم ملڪي ۽ دوست ڊاڪٽر ٿامسن، شايد ساڳئي پيشي وارو هئڻ ڪري توهان هن کي ڏٺو هجي يا هن جو نالو ٻڌو هجي، سو مليريا ختم ڪرڻ واري کاتي جو ڊائريڪٽر مقرر ڪري، هتي گهرايو ويو هو. پر هو ٻه سال رهي ڪانپوءِ استعيفا ڏئي هليو ويو. سبب اهو هو جو مڇرن ختم ڪرڻ ۽ مليريا کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ جيڪي رٿون هن پيش ڪيون، تن کي عملي صورت ڏيڻ لاءِ سرڪار چيو ته نه پيسو آهي ۽ نه بجيٽ ۾ گنجائش. انڪري ڊاڪٽر چيو ته پوءِ منهنجي هتي رهڻ جو ڪو مقصد ڪونهي، ۽ استعيفا ڏئي هليو ويو."

○

ان وقت اسين عيدگاه وٽان لنگهي رهيا هئاسين. مسٽر وليم چوڻ لڳو:

"هتي ڏاڍيون سٺيون سٺيون ۽ عاليشان عاليشان مسجدون آهن ۽ تعداد ۾ به ڏاڍيون گهڻيون آهن."

مون مرڪي جواب ڏنو مانس: "هن ملڪ وارن

وٽ مليريا ختم ڪرڻ لاءِ پيسو ڪونهي، پر مسجدون اڏائڻ لاءِ پيسو جام آهي."

اهو جواب ٻڌي، ٻهرين هن مون ڏي گنڀير ٿي نهاريو. شايد سوچيائين ته ڳالهه اهڙي آهي، جو ڪيس هرو ڀرو به گنڀير ٿيڻ گهرجي، متان ڪا غلط فهمي نه پيدا ٿئي. پر منهنجي لاڳيتي مرڪ ڏسي، پاڻ به مرڪي ڏنائين.

پوءِ هن چيو "پر اهي به عبادت لاءِ ضروري آهن."

ان تي، اڻويهين صديءَ ۾ اٽليءَ جي هڪ ڊاڪٽر جي لکيل ڪتاب جو هڪڙو ٽڪرو، منهنجي ذهن تي تري آيو. ان زماني ۾ اٽليءَ ۾ ديواليون جام ٺهي رهيون هيون. اهو ڊاڪٽر پنهنجي ديس واسين کي مخاطب ٿي چوي ٿو.

"اسانکي ديولين کان وڌيڪ اسپتالن جي ضرورت آهي. عبادت رستي تي به ڪري سگهجي ٿي، پر آپريشن رستي تي ٿي نٿي سگهي."

سو مون خيال ڪيو ته جي هن انگريز جو ان اٽليءَ جي ڊاڪٽر جو اهو ڪتاب پڙهيل نه آهي ته، منهنجي ساڳئي قسم جي جواب کان ضرور متاثر ٿيندو.

مون چيو "هڪڙو ته ايترا نمازي ڪونهن جيتريون مسجدون آهن ۽ جي سدائين خالي رهن ٿيون، ٻيو ته ماڻهو عبادت، گهر يا ڪنهن ميدان تي به ڪري سگهي ٿو. پر مڇر مار دوائن ڏاهڻ ۽ مليريا کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ

ڪارخانا، ليبارٽريون ۽ اسپتالون ڪليل ميدان ٿي نہ ٿا سگهن."

انگريز اهو جواب ٻڌي بہ مرڪندوئي رهيو.

○

حيدرآباد: ٢۴- نومبر ١٩٧٥ع
منصورہ: نومبر ١٩٧٦ع

## ڪارو صوبيدار

○
○

صوبيدار گم هو !
پڇايو ويو هو ؟
يا روپوش ٿيو هو ؟
روپوش ٿيڻ لاءِ
سبب ته ڪونه هوس.
تڏهن ڇا
ضد ۾ اچي،
بدلي وٺڻ لاءِ،
هن کي ڪنهن
زوريءَ ڪنيو آهي.
اغوا ڪيو آهي !
پڇي هن جي ساٿين ۾ ڦڙڦڙي:
اڄ جي پڇايو ويو
ساٿي اسان جو هڪڙو،
ساڳي ڪار تي سگهي تي
سڀاڻي اسان سان پيي.
ڪم ته ساڳيا آهن،
ڪارناما ته اهي ئي آهن.
تنهن ڪري زمين آسمان هڪ ڪري،
صوبيدار سندو سراغ لهبو،
ڏوهارين کي پڪڙبو

۽ ڏبا انهن کي اهڙا عذاب،
ست پيڙهيون ڪندن ياد.

○

ان وقت انگولا جي انقلابي تحريڪن جي پرپٺ هئي. ماڻهو اڃا سڄاڳيءَ جا ڦيريان ڪر موڙي رهيا هئا.

صوبيدار جي غالب ٽيڙ ڪري سڄو پوليس کاتو ٽرٽلي ۾ اچي ويو. نه رڳو هن شهر جا پوليس آفيسر، پر پوري ملڪ جي پوليس عملي جي ننڊ حرام ٿي وئي. اڏين پٺي ڏنو چڙ ته سڀڪنهن کي پنهنجي سر جي اچي لڳي آهي. تنهن ڪانسواء پورچوگيز سرڪار خاص حڪم جاري ڪيا ته سڀ حيلا هلائي به ڪم ٽيل صوبيدار کي کي صحيح سلامت هٿ ڪيو وڃي.

پوليس عملدارن جون خاص ميٽنگون ٿيون، گنڀير صلاح مشورا ٿيا، پري پري تائين جاسوس موڪليا ويا، شڪي گهرن ۽ گهاٽن تي ڇاپا هنيا ويا.

هي ڪم هڪ شخص جو آهي يا ڪنهن ٽولي جو؟ هن جي سنگتين ۽ آفيسرن کي خبر هئي ته هو ظالم، رشوتخور، لالچي ۽ بدڪردار هو.

جن ماڻهن ۾ شڪ ٿي ٿي سگهيو، تن جي باري ۾ هر آفيسر پنهنجا رايا پيش ڪرڻ لڳو:

”پيسن ڪيڻ خاطر فلاڻي کي چوريءَ جي الزام ۾ ٿاڻي تي گهرائي، سڄي رات اڀو بيهو، اگهاڙو ۽ اوجاڳي ۾ رکي، ڦٽڪا هنيائين. چهبڪن سان مارايائين، اونڌو ٽنگايائين، مٽ پيارايائين، ۽ مرچ وڌائين. پٺي ڏينهن

پنج سؤ رپيا وٺي ، بيهوش ۾ اڌ مئل حالت ۾ ماڻهن جي حوالي ڪيائين.“

”فلاڻي جي ڪنواري ڌيءَ کي زوريءَ ڪڍائي، ڏهه ڏينهن پاڻ وٽ رهايائين ۽ زبردستيءَ هن جي آبرو لٽيندو رهيو. هو ويچارو ٿاڻن ۽ آفيسرن جي درن تي ڌڪا کائيندو رهيو، ڪنهن فرياد به ڪونه ورتس.“

”فلاڻي کي ، فلاڻي زميندار کان وڏي رقم وٺي ، خون جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايائين، جو نيٺ ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو. حالانڪ هڙني کي خبر هئي ته اصل قاتل اهو زميندار پاڻ هو.“

”فلاڻي جي ڪنواري ڌيءَ کي سندس اڏو اگهاڙو ڪري، نازيبا حرڪتون ڪيائين.“

”فلاڻي کي هروڀرو ٿاڻي تي گهرائي، ايترو ڪٽيائين، جو هو مري ويو. پوءِ هن جو لاش ڇت تان ڪيرائي ظاهر ڪيائين ته هن خودڪشي ڪئي آهي.“

”اڙي سائين، هن جا اهڙا ڪارناما بيان ڪندي ته سڄو ڏينهن گذري ويندو. پر مان سمجهان ٿو ته انهن ماڻهن ۾ شڪ ڪرڻ اجايو آهي. هن وقت پاڻ ۾ ويٺا آهيون. اسان آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا ته اهي سڀ ماڻهو يا انهن جا مائٽ بيڏوهي هئا. انهن ۾ ڪوبه خوني يا بدمعاش ڪونه هو. اهي سڀ شريف، مسڪين بيپهچ ۽ ڪمزور ماڻهو هئا ، جن کان هن پيسا ڪڍڻ خاطر هنن تي اهڙا ظلم پئي ڪيا آهن. ان ڪري اهو چوڻ ته هنن ۾ ايتري همت هئي يا اهڙي رٿابندي ڪين ،

جو هڪ پوليس آفيسر کي اغوا ڪري ويا، يا لڪايو
اٿن، سو اجايو آهي. اهو ٿي نه ٿو سگهي."
"پر جيڪي سچ پچ بدمعاش، ڌوهاري، سمگلر، خوني
ڌاڙيل ۽ قاتل آهن، سي ته هن جا ويري ۽ دشمن ٿي
نه ٿا سگهن. انهن جي ته هو پشت پناهي ڪندو آهي.
هن کي انهن وٽان پنهنجو حصو باقاعدي جو پيو
ملندو آهي."

مهيني کان مٿي ٿي ويو هو، پر صوبيدار جو ڪو
سراغ ڪونه مليو هو.

○

سج ڪاپار تي آهي. ڪاڙهو وڌي رهيو آهي. انگولا
جي گاديءَ واري شهر لئانڊا جي رستن ۽ بازارين ۾
ماڻهن ۽ گاڏين جي پيهه لڳي پئي آهي. عمارتن جون
ڇتيون، جي گهڻو ڪري ڳاڙهي رنگ جون آهن، سي
سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيون آهن. هڪڙو ڪارو
شخص جدا جدا گهٽين مان هلندو، هيڏانهن هوڏانهن
نهاريندو، هڪڙي سائيڪلن جي دڪان تان ڀاڙي جي
سائيڪل اچي وٺي ٿو. هو قداور ۽ جانٺو جوان آهي.
هن کي آفريڪي نموني جو سادو ۽ پراڻو ويس پهريل
آهي. هو جڏهن پيدل پئي هليو تڏهن به، ۽ هاڻي جڏهن
سائيڪل تي پئي ويو تڏهن به، هن جي دماغ ۾ خيالن
جو طوفان ۽ هن جي دل ۾ جوش جو ڀرنڊڙ ڪورو آهي.
هن کي جيڏانهن وڃڻو آهي، اوڏانهن وڃڻ واسطي
شهر پار ڪرڻ لاءِ سڌو رستو به آهي، پر "ڪارن"

کي ان رستي تان لنگھڻ جي منع آهي. ان کري هن کي وڏو وڪڙ ڪري، شهر جا ڪيترائي رستا ۽ گهٽيون لتاڙي، شهر اڪرڻو پوي ٿو.

هو سوچي ٿو:

”هي ملڪ اسان جو آهي، هي ڌرتي اسان جي آهي، پر اسان جي حيثيت جانورن کان به بدتر آهي. هتي جا حاڪم اڇي چمڙيءَ وارا آهن. هن شهر ۾ ڪئي ڪيتريون اهڙيون هوٽلون، ڪلبون ۽ تفريح گاه آهن، جتي فقط گورا وڃي سگهن ٿا. ڪاري چمڙيءَ وارن کي اتي قدم رکڻ جي اجازت ڪانهي. ڪي خاص گورن جي رهڻ جا پاڙا آهن، جتي اسان ڪارن کي وڃڻ جي موڪل ناهي. ڪن رستن تان اسانکي لنگهڻ جي منع آهي. ڪن رستن تان اسانکي لنگهڻ جي ان شرط سان اجازت آهي ته اسين ڪنڌ جهڪائي لنگهون ۽ ڪنهن به گهر، در يا دريءَ ڏانهن نگاه نه ڪئون.“

”شهر جي سٺن ۽ عاليشان گهرن ۾ غير انگولي رهن ٿا. انگولي سرمائيدار، انگولي زميندار ۽ انگولي ڪامورا، جي ڌارين اڇي چمڙيءَ وارن جا دلال آهن، سي پڻ سٺن گهرن ۾ رهن ٿا. باقي عام پورهيت انگولين کي مٿي ڍڪڻ لاءِ پوري ڇت به ڪانهي. غير انگولي فوجين کي به پڪيون پڪيون ڪالونيون بنائي ڏنيون ويون آهن. هنن کي اسان جون زمينون بخشيش ۾ ڏنيون ويون آهن.“

هو شهر پار ڪري، ٻاهر پهتو. جلدئي اڇي زمينزي

جهنگ ۾ پهچي، هن سائيڪل مقرر محفوظ جڳهه ۾ لڪائي. ٿورو اندر تي وڃي، پنهنجو نڪل ڏڦو ۽ رائيفل ڪڍيائين.

هو به ميل کن هلندو هليو. پوء اهڙي هنڌ پهتو، جتان جبلن جون قطارون شروع ٿي ٿيون. اهي جبل پٽ وٽن ۽ پوڙن سان ڍڪيل هئا. هو جبلن تان چڙهندو ۽ لهندو هليو.

هڪڙي جڳهه تي وڃي رڪيو. پهرين چوطرف نهاريائين. پوء پٿر تان پٿر ڪٽي، خاص نموني ”ٺڪ، ٺڪ“ ڪيائين.

هن جي سامهون، جو ظاهري طرح پوڙن جو جهنگڙو هو، تنهن ۾ چر پر ٿي، ۽ پوء اهو دروازي وانگر کلي پيو. ڪولينڊز هن کي فوجي سلام ڪيو، ۽ هو اندر غار ۾ گهڙي ويو. جڏهن اتان ٻاهر نڪتو، تڏهن هن کي فوجي نموني جي وردي پهريل هئي. پوڙن پريل دروازو وري بند ٿي ويو.

هو هڪ ٻئي پهاڙ تي چڙهي ويو. اتي به ساڳئي طريقي دروازو کولرايائين. هي غار ڪافي ڪشادو هو. هتي ڪيترائي ڪاريگر ۽ مستري بندوقون، باروت، بم ۽ ڪي ٻيهي هتيار ٺاهي رهيا هئا. هن هرهڪ جي ڪم چڪاس ڪئي ۽ هدايتون ڏنيون پوء اتان نڪتو. وري ٽئين غار اندر ويو. اهو ولايتي هتيارن جو اسٽور هو. هن ان جي به چڪاس ڪئي.

پوء هو به ٽي پهاڙيون ٽپي، اهڙي هنڌ پهتو جتي جبلن جي وچ ۾، کليل حصي تائين ڪي قدر سنئون سڌو

ڪنگهندو ۽ ڪونه هو؛ بلڪ هنن سان هرپرو ٻه پيو جهيڙو ڪندو هو، هنن کان بيگر ۾ ڪم وٺندو هو، هنن کي زميندارن ۽ سيٺين جي چوڻ تي سزائون ڏيندو هو ۽ جلسن جلوسن ۾ هنن سان تعديون ڪندو ۽ جيلن ۾ واڙيندو هو.

هتي هي ڪارروايون ڏسي، صوبيدار دل ۾ سوچڻ لڳو: مان ڪنهن نموني هتان بچي، پڇي نڪران ته اختياريءَ وارن وٽ وڃي هيءَ ڦاٽ ڦاڙيان، هن بغاوت ۽ راڄدروهيءَ جي قلعي کوليان ته مونکي وڏا انعام اڪرام ملندا. مونکي تڪڙي ترقي ملندي ۽ مان فورن ايس-پي ته ضرور بڻايو ويندس. حالانڪ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به ديسيءَ کي صوبيدارڪان مٿي عهدو نه ڏنو ويو آهي، پر منهنجو هي ڪارنامو اهڙو ٿيندو جو مون کي ايس-پي ضرور بڻايو ويندو.

صوبيدار نگاه مٿي ڪئي ته ڏٺائين ته ڪارنيٽو سڄي پلٽڻ جي سلامي وٺي رهيو هو.

پوءِ سڄي پلٽڻ صوبيدار جي ويجهوئي پلٽي ماري اچي پٽ تي ويٺي. ڪنهن به صوبيدار سان نه ڪي ڳالهايو نڪي هن ڏي ڌيان ڏنو. پهرين هڪ گوريلي هيءَ گيت ڳايو:

مونکي فخر آهي مان ڪارو آهيان.
مونکي ڏهاڙي ذليل ڪيو ٿو وڃي.
منهنجيءَ قوم سان هر گهڙيءَ جهيون ڪيو وڃن ٿيون.
پر اهو ڏينهن ايندو،

جڏهن مان آزاد ٿيندس.
گورن جي غلاميءَ کان.
ڪارا ماڻهو، ڪاري قوم !
اٿو ننڊ مان اٿو !
تيار ٿيو ان جنگ لاءِ،
جا اسين شروع ڪرڻ وارا آهيون.

ڪارنيٿي اٿي بيهي بلند ۽ باوقار آواز ۾ چيو:
”ساٿيو ! اڄ هن صوبيدا جو فيصلو ڪرڻو آهي. توهان مان هن بابت جنهن کي جيتري ڄاڻ هجي سا ٻڌائي ۽ هن جي ڏوهه ۽ سزا جي باري ۾ پنهنجي پنهنجي راءِ پڌري ڪري.“

پوءِ جنهن ڳالهائڻ چاهيو، تنهن اٿي بيهي ڳالهايو. ڪيترن ئي هڪ ٻئي پٺيان ڳالهايو:
”هي صوبيدار وڏو ظالم آهي. هن پنهنجي ماڻهن سان غير انساني ڏاڍايون ڪيون آهن. هن بيڏوهن کي ڦيپون ڏياريون آهن ۽ ڦاسين تي چاڙهايو آهي.“
”هو مٿئين ظالم طبقي جو چاڙتو آهي. هن سرمائيدارن ۽ جاگيردان جي چوڻ تي هزارين هارين ۽ پورهيتن جو رت وهايو آهي.“
”هو غير ملڪي سامراجين جو دلال آهي. پنهنجي اڇي چمڙيءَ وارن آقائن کي خوش ڪرڻ خاطر، هن پنهنجي قوم جي مذاق اڏائي آهي. اسانجي قوميت جي نظرئي تي چٿرون ڪيون آهن. اسانجي قومي ۽ سياسي تنظيمن کي دٻائڻ لاءِ پنهنجي ديس واسين سان غير انساني

سلوڪ ڪيو آهي. پنهنجي غير ملڪي آقائن يعني رچو ڳيزن وٺان انعام حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾، پنهنجي وطن جي قومي مدبرن، قومي اديبن ۽ قومي شاعرن کي قيد جي ڪوٺڙين ۾ بند ڪيو آهي، ۽ هنن کي طرحين طرحين ذهني ۽ جسماني ايذاءُ ڏنا آهن.“

”اسان اهو به برداشت ڪيو. اسان کي خبر آهي ته رياست، ڪامورا شاهي ۽ پوليس سامراجيت جو حصو هوندا آهن. طبقاتي ڪشمڪش ۾ اهي ٽيئي مٿئين ظالم ۽ سامراج طبقي جا هٿيا بنجندا آهن ، دلال ٿيندا آهن. هي صوبيدار به انهيءَ نظام جو حصو آهي. اسان جي تنظيم اڃا ان پد تي ڪانه پهتي آهي جو اهڙن ملڪي ظالم ڪامورن تي سڌيءَ طرح قدم کڻي. پر اسان جو مستقبل ۾ ڀروسو آهي ته جڏهن اسان سوشلزم ۽ ان کان به اڳتي وڌنداسين ۽ سارو پرماري نظام ختم ٿيندو ان ۾ رياست، ڪامورا شاهي ۽ پوليس جو وجود ئي ڪونه هوندو.“

”پر هاڻي هي صوبيدار اسان جي تحريڪ ۾ رڪاوٽون وجهڻ لڳو هو. اسان جي ڪارڪنن کي ته وقت بوقت تڪليف ۽ پيڙا پئي ڏني اٿائين. مثال طور، اسانجي ٻن ڪارڪنن کي پٽين تي پوسٽر لڳائيندي پڪڙيائين. انهن ۾ ڪو اعتراض جوڳو مواد به ڪونه هو، پر هن صوبيدار انهن ٻن ڇٽن کي ايترو ماريو ، جو ٻنهي جي چنگهن جا هڏا ڀڃي پيا ۽ هڪڙي جي ٽنگ ته ايتري چٿجي وئي جو ڊاڪٽرن کي اها ڪاٽڻي پئي. نتيجي ۾

”اسان چئن رستي صوبيدار کي عرض ڪيو ته ڪارنيٽو غريب، شريف ۽ ايماندار شهري آهي. هن کي بار بار ڪوڙن الزامن عيث تنگ نه ڪيو وڃي. پر هن انهن خطن جو ڪو اثر ڪونه ورتو. پاڻ هن تي وڏيڪ سختي ڪيائين ۽ سمجهائين ته هن جي پٺيان ڪا سٺي آسامي آهي. ان ڪريٰ لالچ وڏيس.“

”پنهنجن کي شڪار بنڌڻ اسان جي اصولن مان نه آهي. پر ڪني آگر وڏي پوندي آهي. بدن ۾ زهر پيدا ٿي پوي ته اهو ڪيڏو پوندو آهي.“

”پوءِ مجبور ٿي، صلاح مشوري سان اسان فيصلو ڪيو ته رستي جو هيءُ پٿر هٽايو وڃي. اسان هن جي تاڙ ۾ رهياسين. نيٺ اسان جا ٻه بهادر نوجوان هن کي پڪڙي هن اڏي تي آڻڻ ۾ سوڀارا ٿيا. هاڻي جيڪو فيصلو ڪيو.“

”ڪني آگر وڏي وڃي!“ ڪيترن ئي يڪ آواز ٿي چيو.

سيني ڪمانڊر ڪارنيٽو ڏي نهاريو. هن ڪنڌ لوڏي اجازت ڏني. ٽي گوريلا رائيفلون سڌيون ڪري، صوبيدار ڪان ڪجهه مفاصلي تي ٿي بيٺا. ڪمانڊر اشارو ڏنو. هڪ ئي پل پٺيان ٽي ٺڪاءَ گونجيا. صوبيدار جي مسي لڙڪي پئي.

○

حيدرآباد : ١٢- مارچ ١٩٧٦ع
پرڪ : ١- ١٩٧٧ع

# غيرت جو غلاف

○

○

اهو بہ وقت هو، جڏهن ڳوٺ جو هر مرد ملوڪان تي مست هوندو هو. جڏهن هوءَ ٻڪريون چارڻ نڪرندي هئي، يا پيءُ کي ٻنيءَ تي ماني پهچائڻ ويندي هئي، تڏهن آن وائرينديءَ خميسي جي واچ گودو ٿي ويندي هئي، گاگڙو خالي ٿي ويندو هو تہ بہ هن کي سڌ ڪانہ رهندي هئي ۽ خالي گاگڙو لوڏيندو رهندو هو. ساوڻ پاڻي ورائيندي، اڏ ۾ سڌو ٿي بيهي هن کي گهوريندو هو، ڪوڏر هٿ ۾ هوندي هئس ۽ ايترو پتو ڪونہ پوندو هوس تہ ٻارو ٻرجي ويو آهي ۽ پاڻي ٻنن تان اٿلي رهيو آهي. پريل، هن جو ڌيان ڇڪائڻ خاطر، جهار هڪليندي، ڪانياڻي ڦيرائي، ان کي اهڙي نموني اڇل ڏيندو هو جو ڳوڙهو وڃي ملوڪان جي آڏو ڪرندو هو. بادل هن کي واپسيءَ تي ڏسڻ جي انتظار ۾، ڊرٽيءَ جو ڪليل ميدان ۾ بيهي رهندو هو ۽ سڄو پگهر ۾ وهنجي ويندو هو.

ڳوٺ جو هر نوجوان هن سان لائون اهڻ جا سپنا ڏسندو هو. ڪنوارن ۽ ڇڙن ڇوڪرن جون مائرون، ملوڪان جي ٻانهن هٿ ڪرڻ خاطر هن گهر جي ووڙ ڏينديون رهنديون هيون. ذات وارا هن جو سنگ ڇڪڻ لاءِ هزارين حيلا بهانا هلائيندا هئا. پوڙها ۽ ٻيرسن بہ...

هھڙي لال ڪنوار حاصل ڪرڻ خاطر ٻدلي ۾ پنھنجيون ڌيئر قربان ڪرڻ جو سوچيندا هئا. وڏيري جي ٻڻ هن ۾ اک هئي.

پر ان واقعي ڪانپوءِ ڦرڪو ڦري ويو.

خميسو، ساوڻ، پريل ۽ بادل، جي پيار، عزت ۽ حياءَ سان ملوڪان ڏي نھاريندا ۽ پيش ايندا هئا، سي هاڻ ڏاڍي بي حيائيءَ سان ڏند ڪڍي، هن کي تاڙيندا هئا، واهيات اشارا ڏيندا هئا ۽ فحش هوڪرا ڪندا هئا.

ماڙرون ۽ مائٽياڻيون، جي هن گهر ۾ گهوڙڻ واسطي بهانا پيون ڳوليندڙيون هيون، سي هائي ضرورت وقت به هن گهر جي چائٺ اڪرڻ کان ڪترائڻ لڳيون.

پوڙهن جي غيرت جي رڳ هڙني کان سرس ڦڙڪي.

هنن ته هن گهر کي ئي هتان لڏڻ ئي گهريو.

ملوڪان جو پيءُ متارو، سزا جو مدو به ختم ڪري جيل مان نڪتو. وقت گذرندو ئي ويو. ملوڪان جي عمر وڌندي ئي وئي. ڪو پيغام ڪونه آيو. ڪنهن پيغام جو آسرو ڪونه ئي ڏنو.

هائي هنن پاڻ ڇوڪريءَ کي شينهن ڪاهي چاڙهڻ لاءِ هٿ پير هلائڻ شروع ڪيا.

پنھنجن، پراون، برادريءَ وارن، ذات وارن، غير ذات وارن، متارو جن وٽ به ويو يا جن کي به چوارايائين، تن هن کي منهن ڪونه ڏنو يا آڏو ابتو جواب ڏيئي موٽائي ڇڏيو.

جڏهن پنھنجي سڀي پاڻتي کي چيائون:

”نوڪري ته ذاتي طرح چاڻ آهي ته ملوڪان تي هي الزام هٿرادو مڙهيل آهي، تڏهن به تون هن جو سنڌ قبول ڪرڻ جي هام نه ٿو ڀرين. تون ته پنهنجو رت آهين.“

تڏهن هن وراڻيو:

”چاچا، مان مجبور آهيان، هوءَ هن معاملي ڪري ايترو بدنام ٿي وئي آهي، جو مان هن سان پرڻجڻ ڪانپوءِ ڳوٺ ۾ ڪنهن ڪي منهن ڏيکارڻ جي لائق نه رهندس.“

سدوري جا ملوڪان سان نندي هوندي کان پريت جا پيچ هئا. هڪ ٻئي تي ساهه ڇڏيندا هئا ۽ عمر پرگذ گذارڻ جا انجام اڪرام ڪيا هئائون. ملوڪان هن ڪي پيار جا واسطا وڌا، واقعي جي اصل حقيقت کان واقف ڪيو، پنهنجي بيگناهيءَ جو يقين ڏيارڻ جا جتن ڪيا، پر سدوري تريءَ تيل لڳڻ نه ڏنو. هو ڪنهن به حالت ۾ ملوڪان تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيو ۽ هن ڪي ڪتو جواب ڏئي ڇڏيائين. هن سان شادي ڪرڻ کان صفا نابري واريائين.

جوانيءَ جو جوالا مکي . امنگن جي آگ . تمنائن جو طوفان. جذبن جو درياهه. خواهشن جو سيلاب. سڪ جو سمنڊ. بي آرامي، اوجاڳو . سارو ڏينهن سڙڻ پر پاهر ٻاڦ نه ڪيڻ. پوءِ ناڪاميون، محروميون ۽ دٻيل خواهشون ”هسٽيريا“ جي دورن جي روپ ۾ اپرڻ لڳيون. ڳوٺ ۾ هُلي ويو ته ملوڪان تي جنات جو اثر ٿيو آهي . هن جي صحت ڪرندي وئي، صورت بگڙجندي وئي،

سپاهہ بدلبو ويو. سڪي سڙي ڪاراٽجي وئي. سونهن سوبيا نہ رهي. ڪلنڊڙ ۽ مرڪنڊڙ ڇهري تي مايوسين ۽ ويرانن اچي واسو ڪيو.

○

اهو ڏينهن هن جي ڇهري وانگر اداس ۽ ويران هو. تنل ڏينهن ۽ تاڪ منجهند هوءَ ليٽندي پاسا ورائيندي رهي هئي. صبح وارو وقت تہ ڪم ڪار ۾ جئن تئن ڪٽجي ويندو هو. هوءَ ماءُ جي زور پرڻ تي بہ ماءُ کي ڪو ڪم ڪرڻ نہ ڏيندي هئي. سڀ ڪم پاڻ ڪندي هئي. شايد ڪم ۾ رڌل هجڻ وقت هوءَ ذهني پيڙا کان بچي سگهندي هئي.

پنيرڪي جو سپني کان سوير اٿندي هئي ۽ ڪم ۾ جنبي ويندي هئي: جنڊ پيهڻ، پڪربون ڏهڻ، بهاري پائڻ، پاڻي پرڻ، ڏڌ ولوڙڻ، رڌ پچاءُ ڪرڻ، ٿانوَ مانجڻ، ڪپڙا ڌوئڻ، ڪپڙا سبڻ، ان ڇڙڻ ۽ ٻيا ڪم هوءَ ڪندي رهندي هئي.

○

اڄ هن سان بہ واقعا ٿيا هئا. صبح جو ڪير ڏهي، هڪ دڪي ڪٽي تي آئي تہ ٿاٻو اچي ويس ۽ دڪي وچي پٽ تي ڪري ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويئي ۽ ساروڪير هارجي ويو. ماءُ هاڻي هن کي ڇيپيندي ڪونہ هئي. ٽڪڙو هن ڏي آئي ۽ ڏادي پاٻوهہ مان پڇيائين:

”ڏيءَ ڪير ويو تہ گهوريو، توکي تہ ڏڪ نہ لڳو؟“

ٻيو واقعو منجهند جي ماني پچائڻ وقت ٿيو: جوڙر

نم جي ڇانوَ ۾ پٽ تي ويهي رهي. دماغ ۾ اهي خيال هئس جي ورهين کان وٺي ور ور ڪري پئي ورجائيندي هئي. پوءِ ڪنڌ هيٺان ٻانهن رکي ليٽي پئي.

○

هن جي دلگهري ساهيڙي ٻصران، جنهن جي شادي پرپرو هڪ ڳوٺ ۾ ٿيل هئي، سا گهڻي عرصي کانپوءِ ڳوٺ آئي هئي. هن جا ههڙا هيٺا حال ڏسي، ڳوڙها روڪي نه سگهي. پوءِ ٻئي ساهڙيون هڪ ٻئي کي ڳراٽڙي پائي، ڪا مهل هنجون هاريندييون رهيون.

جڏهن ٻصران نڙيءَ مان آواز ڪيڻ جهڙي ٿي، تڏهن پڇيائين:

”توکي چاچي ۽ چاچيءَ ڏاڍو پئي ماردو ۽ تنگ ڪيو آهي ڇا؟“

ملوڪان ڪان جواب ڪونه اڪليو. هوءَ زور زور سان سڏڪا ڀريندي رهي.

”پاڻ کي ايترو ڇو ٿي جهورين، غلطي انسان کان ٿي ٿيندي آهي.“

”غلطي ڪريان ها ته پوءِ افسوس ڪونه ٿيم ها. پر مان ڪجهه به ڪونه ڪيو آهي ته به پئي لوڙيان.“

”پوءِ هي قصو جو ٻڌوسين؟“

”سچ ائين نه آهي،“

”ائين سچ نه آهي!“

”نه“

”تڏهن سچ ڇا آهي؟“

”مان ڇا ٻڌايان، ڪهڙي منهن سان ٻڌايان.“

”اسان ته اتي ٻڌو ته تنهنجي پيءُ، ڪرڙ کي ڪارو ڪري ماريو ۽ پوءِ رت ڀريل ڪهاڙي سميت وڃي ٿاڻي تي پيش پيو.“

”پيو ڇا ٻڌو؟“

”اهو ته هن ڪرڙ کي توسان پڪڙيو. هن کي غيرت اچي وئي. ڪهاڙيءَ سان هن تي وار ڪيائين. هو وٺي ڀڳو. پر تنهنجو پيءُ وڃي پهتس ۽ ڪهاڙيءَ سان ڪپا ڪپا ڪري ڇڏيائينس. توکي وٺي ملي وئي ۽ تون اتان ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي وئينءَ. ان ڪري بچي وئينءَ، نه ته توکي به تڏي تي خون ڪري ها.“

”تون سمجهين ٿي ته اهو سچ آهي؟“

مون کي اهو ٻڌي ڏاڍو عجب لڳو هو ۽ اعتبار ڪونه آيو هو. مان ته ننڍي هوندي کان تنهنجي رڳ رڳ جي واقف آهيان. مان ته اڄ تائين اهو مڃي ڪونه سگهي آهيان ته تو اهڙو ڪچو ڪم ڪيو هوندو.“

”توکي خبر آهي ته بابو، اهو خون ڪرڻ کانپوءِ ۽ ٿاڻي ۾ وڃڻ کان اڳ گهر آيو هو؟“

”نه، مون کي ڪهڙي خبر.“

”هو گهر ۾ اهو ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ آيو هو ته مان پوليس کي اهو بيان ڏيان ته مان جهنگ ۾ ڪرڙ سان ڪارو منهن ڪري رهي هئس ته اتفاق سان بابو اچي نڪتو. هن جوش ۽ غيرت وچان ڪرڙ تي ڪهاڙيءَ سان حملو ڪيو. ايتري ۾ مان وجهه وٺي ڀڄڻ ۾ ڪامياب

ٿيس. هو اما کي تاڪيد ڪري ويو ته مون کي اهڙو بيان ڏيڻ تي تيار ۽ پڪو ڪري."

"تنهنجو مطلب آهي ته تون جهنگ ۾ ڪرڙ سان گڏ ڪونه هئين؟"

"پيو تڏهن توسان به ڪوڙ ڳالهائينديس مان ته ان ڏينهن گهر کان به ٻاهر ڪونه نڪتي هئس."

"خدا جي پناهه. پنهنجي ڏيءُ تي اهڙو گندو الزام!"

"ان ڪانپوءِ مون کي ساڳئي بيان واري شاهدي ڪورٽ ۾ ڏيڻ لاءِ چيو ويو. اما ۽ وڪيل ور ور ڪري مون کي ان بيان جو سبق پڙهائيندا رهيا، اهو سبق پڪو ڪرائيندا رهيا. اها به تنبيهه ڪندا رهيا ته جي مان ان تان ڦري ويس ته بابي کي ڦاسي ملندي. اهڙيءَ ريت مون کي بابي جي حياتيءَ جا واسطا تي وڌا ويا. ساڳئي وقت ڌمڪيون به ڏنائون ته جي ڪورٽ ۾ هنن جي هدايتن موجب شاهدي نه ڏنم ته مون کي گهٽو ڏئي ماريو ويندو."

"پلا چاچي، ڪرڙ کي قتل ڇو ڪيو؟"

"مون کي ڪا خبر ڪانهي. خبر ناهي ته ان ڏينهن جهنگ ۾ هن سان ڪو جهڳڙو ٿيس يا ڪو دشمنيءَ جو پراڻو پلاند ونئو هوس ۽ ان ڏينهن بل ملي ويس. پوءِ سزا کان بچڻ لاءِ، يا گهٽ سزا ڪاٽڻ لاءِ مون کي قربانيءَ جي ٻڪري بنايو ويو. مون کي 'ڪاري' ٺيڻ جو ڍونگ، رچائڻ تي مجبور ڪيو ويو. بابي کي فقط

ٻه سال جيل مليو. هو ڦاسي يا جنم ٽيپ کان بچي ويو پر مان....“

انهن چئي هوءَ اوڇنگارون ڏئي وري روئڻ لڳي.

○

حيدرآباد: ٢١- مي ١٩٧٦ع

برسات: ڊسمبر ١٩٧٦ع

## جـهـار

○
○

اَڏ جي ٻني تي، جهرڪيءَ کي چٽيل مٽي سان ڏسي، ڀرين چام دل ۾ چيو: چگو ٿيو ، تنهنجي سزا اها ئي هئي. اسين ٻارين ٻچين ڇهه مهينا ڏينهن رات محنت ڪري، ڪاڙهي، ولهه، وچن، نانگن، اونداهين ۽ مينهن سان منهن ڏئي، وڏيرن جون آماڙيون سهي، پوک پوکيون ۽ ان کي تاتيون نپايون ، پوءِ جڏهن فصل پچي تيار ٿئي ته توهين اچيو کايو چٽ ڪريو وڃو.

هو صبح کان وٺي، پيهي تي بيهي پوک تان جهار هڪليندو ۽ پکي پڄائيندو رهيو هو. هن چوڌاري پئي نظرون ڊوڙايون. جيئن ئي پکين جو ولر اڏامندو اچي ٿي پوک تي ويٺو ته ان ٽڪر کي نشانو بنائي، وات سان ”اِهو اِهو“ ”ٻلو ٻلو“ ”اچئي ٿو ، اچئي ٿو“ جا هوڪرا ڪندي، ڪانڀاٽي ڦيرائيندي زور سان گوڙهو ٿي اڇلايائين ۽ گوڙهو راڪيٽ وانگر هوا کي چيريندو، ٺڪ وڃي ٿي ولر جي وچ ۾ ڪريو ۽ پکي پڙڪو ڪائي ، ڀر ڦڙڪائي اڏامي ٿي ويا. ڪڏهن اهو ولر اڏامي، ڦيرو ڏئي وري فصل جي ڪنهن ٻئي حصي تي ٿي اچي ويٺو ۽ هن وري ان حصي کي ٿي چٽيو.

هو هڪ ماهر ۽ سورهه سپاهيءَ وانگر ڄڻ جنگي محاذ تي لڙي رهيو هو. پيهو هن جو مورچو هو، هوڪرا هن جا نعرا هئا، مٽيءَ جا گوڙها هن جو بارود هئا ،

ڪانڀاڙي هن جو هشيار هو. هن ۾ پنهنجي زمين ۽ ٻوڪ کي ڌاڙين جي حملي کان بچائڻ جو ڀرپور جذبو موجود هو. هو ڪيڪي سر وڙهي رهيو هو ۽ ڪاميابيءَ سان دشمن کي پڇاڙي رهيو هو.

هو ٿڪ ۾ چُور چُور ٿي ويو ۽ هن جو بدن پگهر ۾ وهنجي ويو. ويساهي ان وقت مليس جڏهن جوڻس ماني کڻي آئي. هن وٺهي ماني کاڌي ۽ جوڻس ٻيهي جهار هڪلي.

ٻوڪ پچي وڏي هئي. ڏانديون، ٽبليون، ٻن ۽ سنگ هڙئي سونهري رنگ جا ٿي ويا هئا ۽ سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيا هئا. جام کي اٿين ٿي لڳو ڄڻ سڄن ٻهڪي رهيو هجي. هوا لڳڻ ڪري فصل ۾ سونهري لهرون ٿي پيدا ٿيون ۽ سنهڙو آواز ٿي نڪتو جو جام کي سرندي مان نڪرندڙ مٺڙو سُر ٿي محسوس ٿيو. هن جي دل جون تارون ٻه ٿي چڙيون ۽ هو وچ وچ ۾ ڳائڻ ٿي لڳو يا مٿيءَ جو ٻوٽيندو ٿي وڄايائين.

ٻوء هو ٿڪجي، ڏاڍو بي حال ۽ بيزار ٿي پيو. سج ڪاپار تي اچي پهتو هو ۽ گرمي وڌي وڏي هئي. هو ٻيهي تان لهي، اڌ وٺي، سنجهيءَ جي وڻ ڏانهن وڃڻ لڳو ته ان جي ڇانو ۾ وڃي ليٽي ۽ ٿڪ پڇي. هڪڙي هند اڌ جي ٻني تي هن کي مٿل جهرڪي نظر آئي، جنهن جو مٿو چٿيل هو. ان جو وات ڦاٽل هو ۽ چهنبن جي وچ ۾ ننڍڙي زبان ڏسڻ ۾ ٿي آئي. هو

گهر جي لانڍيءَ جي ڪام ۽ ڇت جي وچ ۾ وٺيءَ ۾ وجي اڪيرو ٺاهينديون هيون. ان ڪري لانڍيءَ اندر پٽ تي ڪکن، پنن، ڪنيڻ ۽ وٺين جو ڏاڍو ڪچرو ٿيندو رهندو هو. هن جي زال ان تي چڙي پوندي هئي ۽ ڏکهو ڪانو ڪٺي، آکيرو هيٺ ڪيرائڻ لڳندي هئي، پر چام هن کي سختيءَ سان منع ڪندو هو. چوندو هوس ته هنن جا ننڍڙا ۽ ٻيوس ٻچڙا آهن، جي اجا اڏامي به نه ٿا سگهن، انهن جو ڇا ٿيندو؟ هو هن کي مثال ڏيندو هو ته جڏهن اسان هارين جا گهر ڊهرائي يا ساڙائي اسانکي زمين تان زميندار بيدخل ڪندو آهي ۽ اگهاڙين پيرين ڪڍي ڇڏيندو آهي، تڏهن اسانجي ۽ اسانجي ٻچڙن جي ڪهڙي نه خراب حالت ٿيندي آهي.

○

هينئر اڏ ۾ رت هاڙو پاڻي ڏسي، چام جي دماغ ۾ نون ويچارن جي ڪانپاڻي ڦرڻ لڳي:

ڪجهه سال اڳ، هن اهي ڳالهيون ٻڌيون هيون ته هاڻي اهو زمانو اچي ويو آهي جو زمين، زميندارن جي نه رهندي پر هارين کي ملندي، جو کيڙيندو سو کائيندو، سموري پيدائش هاريءَ جي ملڪيت ٿيندي، ڪو هن کان ٻنئي نه وٺندو. اهڙيون ڳالهيون ڳوٺ جي پڙهيلن ڳڙهيلن به ڪيون، اخبارن ۾ ۽ ريڊئي تي به آيون ۽ جيڪي ووٽ وٺڻ آيا تن پڻ چيون. البت ائين چيو ويو ته ائين تڏهن ٿيندو جڏهن فلاڻيءَ پارٽيءَ کي ووٽ ڏبو ۽ انجي حڪومت قائم ٿيندي.

ميمبر ۽ وزير ته خود زميندار آهن، سي ڪيئن خوشيءَ سان زمين جهڙي ملڪيت ۽ زمينداريءَ جهڙي حاڪميت تان هٿ ڪڍندا. اهو به اسان سان نئون ۽ نرالو دوکو هو. زمين جي ملڪيت جو حق حاصل ڪرڻ خاطر اسان هارين کي ڏي پنهنجي پيڙي ۽ پنهنجي هلچل تي ڀاڙڻو پوندو. ان احساس جا سلا ڦٽا آهن، نيٺ ته فصل بچي راس ٿيندو.

○

هن مثل جهرڪيءَ ڏي نهاري ويچاريو ته هن پکيءَ وڏ ۾ وڏ منهنجا پنج ڇهه ڪٽا ڪاڏا هوندا ته مون ان کي اڦٽ ماري وڌو آهي، جيتوڻيڪ مان پکين تي کهل ڪندڙ ۽ انهن کي دوست سمجهندڙ آهيان. پر زميندارِي ۽ وڏيرا شاهي جيڪا هڪ وڏي ۽ خطرناڪ جهار آهي، ۽ جيڪا منهنجي دشمن ۽ پيڙيندڙ آهي، سا منهنجي آن جا خرارن جا خرار کنيو وڃي ۽ مونکي ساري عمر بکون ڪاڙڻ ۽ ڏکيا ڏينهن ڏسڻ تي مجبور ٿي ڪري، تنهن کي مون ڇو پئي برداشت ڪيو آهي؟.... ڇو پئي برداشت ڪيو آهي؟...

○

حيدرآباد: ١٥- آگسٽ ١٩٧٧ع

تحريڪ: نومبر ١٩٧٧ع

## هي راهون، هي رهنما

○
○

نئين شهر ۾ بدلي ٿئي حبيب کي سال کن ٿيو آهي. هو پنهنجي گهاٽي ۽ رازدار دوست سانوڻ کي دعوت ڏئي، شهر جي هڪ شاندار هوٽل ۾ وٺي آيو آهي.

ڳالهائيندي هو شڪايت ڪري ٿو:

”يار، هتي منهنجا لاهه نڪري ويا آهن.“

”ڪيئن ڀلا؟“ سانوڻ پڇي ٿو.

”ڪوٽ ۾ پيو وڃان.“

سانوڻ هن جي صحتمند سرير کي ڏسي ٿو، جو مقدار ۾ اڳئين کان ڏيڍوڻو ٿي ويو آهي. هو هن جي ڳاڙهي چهري ڏي نهاري ٿو، جو خوشحاليءَ سان خماريل آهي. هو ميز تي رکيل چٽين سوڊن واري وسڪيءَ جي بوتل تي نگاهه ڪري ٿو، جا پٽندي، اڌ رات تائين هو ناچڻين جا ٿڙڪندڙ اگهاڙا ۽ اڌ اگهاڙا جسم ڏسندا رهندا. هو بجليءَ جي تارن واري ڇت، خوبصورت فرنيچر، قيمتي ساز سامان جي ناهه ٺوهه تي نظر ڦيري ٿو. هو ميزن جي چوڌاري ويٺلن سهڻين عورتن ۽ خوش لباس مردن ڏي اک ٽيٽ ڪري ٿو، جن جي هر چرپر، هر لفظ ۽ بنا سبب گونجندڙ ٽهڪن مان خواهه مخواهه خوشي ۽ جوانيءَ جو اظهار پئي ٿيو. هو ٿلهي تي آمريڪي پوشاڪ ۾ ۽ آمريڪي ساز وڄائيندڙ فنڪارن طرف نهاري ٿو. پوءِ حبيب ڏي منهن ڪري چوي ٿو:

”تنهنجو پيٽ ڪڏهن ڀرڙو به آهي.“

”نه ڀاڏو، سچ پچ هتي منهنجيون پڳڙيون ڍي ويون آهن.“

سانوڻ وري هن جي نيري رنگ جي ولايتي فل سوٽ ڏي ڏسي ٿو، هن جي ولايتي ٽاءِ ڏي ڏسي ٿو، جنهن ۾ سوني پن لڳل آهي ۽ جنهن کي ٺيڪ جاءِ تي بيهارڻ لاءِ هو ٿوري ٿوري وٿيءَ کانپوءِ هٿ لڳائي ٿو. هو هن جي هٿن ۾ پيل سونين منڊين کي ڏسي ٿو، هو هن جي ڇٽين هزارن واري راڊو واچ ڏسي ٿو، جنهن ۾ ٻن هزارن وارو سونو پٽو پيل آهي، ۽ جنهن تان، ٻانهن کي چنبڪو ڏئي گهڙيءَ گهڙيءَ وقت ڏسڻ جو هو عادي آهي. دل ۾ چوي ٿو: ڪير چوندو ته هي پنج سؤ پگهار وارو معمولي ڪامورو آهي.

پوءِ وسڪيءَ جي سرڪي ڀري زور سان چوي ٿو:
”اڪن ۾ پيو ڪيڏين. پاڻ ئي ته چوندو هئين ته اڳئين شهر ۾ توکي هر مهني پنج هزار مٿين ڪمائيءَ مان بچندا هئا، پر هن شهر ۾ پندرهن سورهن هزار يا ان کان به وڌيڪ رقم جو ڪٽو آهي. انهيءَ ڪري ئي ته ڏهه هزار رپيا رشوت ڏئي هتي بدلي ڪرائي.“

”اهي سڀ ڪاٿا صحيح نڪتا. ايتري ئي رقم هٿ اچي ٿي، پر آهي رڳو اکين جو ڏؤ.“

”ڪولي ٻڌاءِ ته خبر پوي.“

”اسان جي ڪاٽي واري وزير جو گهر هن شهر ۾

آهي. هو پاڻ ته ڳاديءَ واري شهر ۾ هوندو آهي، پر سندس خاندان هتي رهي ٿو."

"پوءِ ڇا ٿيو؟"

"هن جي گهر ۽ خاندان جي سار سنڀال منهنجي حوالي آهي. ڪاٻه شئي کپندي اٿن ته ان جي پوراڻي ڪرڻ لاءِ مون کي فون ڪندا آهن. پڪرو آهي ته مان گهر وارن کان انهن شين يا انهن ضرورتن جي قيمت وصول ڪري نه ٿو سگهان."

"اهي ڪهڙيون شيون ۽ ضرورتون هونديون آهن؟"

"ڪڏهن بيگم صاحبه فون ڪندي آهي ته فلاڻي سئنيما جي فلاڻي شو جون ڏهه ٽڪيٽون کپن. ڪڏهن فرمائيندي آهي اڄ هيترا مهمان اچي ويا آهن تن واسطي هيترا ڪڪڙ، هيترو گيهه، هيترو تيوڻ، هيترا چانور ۽ ٻيو سامان گهرجي...."

اتي اوچتو حبيب جو آواز روڪجي ويو ٿو. هال جي روشني جهڪي ٿي وئي آهي، ڇو ته چند اڌو ڪڪر اچي ويا هجن. چرندڙ ڦرندڙ رنگين روشنيون ناچڻيءَ جو گهيرو ڪنديون رهن ٿيون. هن هيئنر ميزن جي وچ ۾ نچڻ شروع ڪيو آهي.

حبيب هيڪي نگاهن ۽ ڦريل واڇن سان هن ڏي نهاري ٿو. ناچڻي: ڏاڍي پوري، ڏاڍي جوان. ناچ ۾ هرڻيءَ واري چال، ڪنوڻ واري تڙف، ريڙ واري لچڪيداري، ڇقمق واري ڪشش، ڪنپ واري هلڪائي.

حبيب، سانوڻ کي اک پيڇي جوري ٿو:

هر مهيني سورنهن سترنهن هزار رپيا ٿين ٿا، پر انهن مان سٺئون سٺو ٽيرنهن چوڏنهن هزار وزير صاحب جي گهر ۽ خاندان پٺيان خرچ ٿيو وڃن.“

”الا!“

”تڏهن وري.“

”تون ته آهين پيسي جو پٽ، سو تو لاءِ واقعي ئي هي عذاب آهي.“

”پر مان به وجهه لاءِ پيو واجهايان. هاڻي منهنجي سٺو سٺئون وزير وٽ پهچ آهي. مون هن جي ۽ هن جي خاندان جي گهڻي خدمت ڪئي آهي. هو مون تي ڏاڍو مهربان آهي. بيگم صاحبه به مون مان خوش آهي. ڏسجانءِ ته مان نه رڳو نوڪريءَ ۾ ترقي ڪري انسپيڪٽر مان اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ٿيندس، پر مقرري به اهڙي جڳهه تي ٿيندي، جو مٿين ڪمائيءَ جي اڳين پوئين ڪسر پوري ٿي ويندي.“

ائين چئي، حبيب، داد طلب نگاهن سان پنهنجي دوست ڏي نهاري ٿو.

سانوڻ جو ڏيان، ٿلهي تي ساز وڄائيندڙن جي ڪنهن آمريڪي ڌُنَ جي تيز ٿيندڙ آواز ڏانهن ڇڪجي وڃي ٿو. هو ناچڻيءَ طرف نظر ڪري ٿو، جنهن جي ٿڙڪڻيءَ ۾ جوش اچي ويو آهي ۽ جا پنهنجا ڪپڙا لاهيندي لاهيندي، ذري گهٽ صفا اگهاڙي ٿي چڪي آهي.

○

حيدرآباد: ١٠- آڪٽوبر ١٩٧٧ع

تحريڪ: ڊسمبر ١٩٧٧ع

# انگ اکر

○

○

هوٽل ۾ پيهه لڳي پئي هئي. ٽيليويزن ڪري هتي هر روز سانجهيءَ جو ماڻهن جي اچ وڃ وڌي ويندي هئي. ويٽرن ڪڍالهايو به پئي پر آهستي آهستي، ٺهڪ به ڏنن پئي پر هلڪا هلڪا. گلاسن، پليٽن، ڪوپن ۽ ساسرن جا ڪڙڪا به هئا ۽ بيرن جا آواز پڻ. ڪي پوري ڌيان سان ٽي-وي ڏسي رهيا هئا. ڪن پاڻ ۾ تصويرن تي ٽيڪا ٽپڻي پئي ڪئي.

خبرون شروع ٿيون ته سڀ سانت ٿي ويا. وچ اوير جون خبرون ٻڌائيندي اسرائيل جي وڏي وزير بيگن جي مورت ڏيکاري وئي ته گهڻن ڏسندڙن ”لعنت، لعنت“ جا آواز بلند ڪيا. صدر سادات جي مورت تي ”شرم شرم“ جو شور برپا ٿي ويو. ياسر عرفات کي ڏسي ماڻهن زور زور سان تاڙيون وڄايون.

دودو ۽ مانجهي اڄ هتي چانهه پيئڻ آيا هئا. خبرون پوريون ٿيون ته ٻاهر نڪتا. رستي هلندي دودي، مانجهيءَ کان پڇيو:

”يار، هي فلسطين ۽ اسرائيل وارو ڪهڙو معاملو آهي؟“

”ڪمال ٿو ڪرين، ٻارن کي به اها ڄاڻ آهي ۽ تون ماستر ٿي ڪري مون کان ٿو پڇين.“

”اڙي يار، اسين پنهنجين ڳڻتين ۾ پورا، ورهين

ڪرهين ڪا اخبار پڙهون سا به مٿاڇري. بهرحال پڙاءِ ته سهي."

"ان مسئلي جو واسطو ته ان ڳالھ، سان آهي جنهن تي اڄڪلھ، تنهنجي ڊيوٽي لڳل آهي."

"يعني؟"

"آدمشماري."

"آدمشماري!"

"ها، جنهن ملڪ کي اسرائيل چيو ٿو وڃي سو اصل ۾ فلسطين هو. ان جا اصل رهاڪو فلسطيني هئا، جن ۾ يهودي رڳو ڏهه سيڪڙو هئا. اهي انگ اڪر ١٩١٧ ڪان اڳ جا آهن. پوءِ يهودين جي آدمشماري وڌندي وئي. ١٩٣٥ع ۾ ٽيهه سيڪڙو ٿيا، ١٩٤٨ع ۾ پنجھتر سيڪڙو ۽ هاڻي نوي سيڪڙو آهن. جڏن هو ڳاڻيٽي ۾ وڌيا ته هنن گهر ڪئي ته فلسطين کي ٽڪرا ڪري، اسانکي جدا رياست قائم ڪرڻ ڏني وڃي. فلسطنين جي مرضيءَ خلاف ۽ هنن جي مخالفت هوندي به نيٺ ائين ٿيو. يهودين پنهنجي نئين ملڪ جو نالو اسرائيل رکيو. نه رڳو ايترو، پر يهودين جنگ ۽ ڌاڙائيءَ ذريعي فلسطينن وارو ملڪ جو حصو به پنهنجي ملڪ اسرائيل سان ملائي ڇڏيو ۽ هاڻي فلسطيني پنهنجو وطن واپس وٺڻ واسطي جاکوڙ ڪري رهيا آهن."

"اڇا، پر اها ڳالھ، سمجھ، ۾ ڪونه آئي ته رڳو يهودين جو تعداد ڇو وڌيو؟ ڇا فلسطيني عربن ورِي

پنھنجن ٻارن کي پيدا ٿيڻ سان ئي جيڪي ٻوڙن وارو پراڻو ڏنڊو شروع ڪيو هو؟"

"نه، اها ته هن زماني ۾ ٿيڻ جهڙي ڳالهه. ڪانهي الحت نسل ڪشيءَ جي موجوده صورت اها آهي ته ٻار کي پنھنجي ٻولي ۽ پنھنجي قومي سڃاڻپ کان پري رکيو وڃي. اهڙو ٻار گهٽ ۾ گهٽ پنھنجي وطن واسطي جيڪي ڏي پوريل بڻجي وڃي ٿو . پر فلسطينين سان اهڙي ڳالهه به لاڳو نه آهي."

"ته ڇا فلسطيني ڪڏهن ٿي ويا هئا؟" دودي ڪلندي پڇيو.

"گهٽ ۾ گهٽ جسماني طرح ته نه." مانجهيءَ مرڪي وراڻيو "حقيقت ۾ ٻين ملڪن مان يهودي هتي آندا ويا.

"اهو ڪيئن ڀلا؟"

"جدا جدا بهانن سان. اصل ۾ هنن جو چوڻ هو ته فلسطين جي سر زمين تي آباد ٿيڻ جو يهودين کي مذهبي حق آهي. ان بنياد تي يورپ، عرب ملڪن ۽ آمريڪا مان لکين يهودي لڏائي هتي آندا ويا. هٽلر جا موچڙا پئين ته انهن يهودين کي ستايل ڪوٺي، جرمنيءَ مان آڻي هتي پناهه ڏني وئي. اهڙي ريت هو مڪڙن وانگر ملڪ تي ڇانئجي ويا."

○

ٻئي ڏينهن دودو شهر جي هڪڙي پاڙي ۾ آدمشماريءَ جي سلسلي ۾ انگ اکر گڏ ڪرڻ واسطي نڪتو. هر

پئي هڪ اهڙي گهر وٽ پهتو، جنهن ۾ زال سنڌڻ هئي ۽ مڙس غير سنڌي. هو هن کي پڻ سڃاڻندو هو. ڪالم پري، ڪاغذن تي نظر وڌائين. گهر جي ڇهن ڀاتين مان رڳو زال پنهنجي مادري زبان سنڌي لکرائي هئي.

اهڙن گهرن ۾ اڳي به پئي ويو هو، پر اڄ هن کي اتي اوپرائپ ٿي محسوس ٿي، وسوسا ٿي پيدا ٿيا ۽ من مرجهائجي ٿي ويو. ڄڻ پنهنجي ڌرتيءَ کان ڪٽجي ويو هجي، ڄڻ پنهنجي وار کان وڇڙي ويو هجي، ڄڻ ايندي ٿي ڪارو ڪڪر ڇانئجي ويو هجي.

اڄ اهڙيون داخلائون ڪندي، هن جي دل ۾ بي آرامي پيدا ٿيندي رهي، هٿ ڏڪندا رهيا، قلم ڪُرڪندو رهيو ۽ اکر واسينگ بڻجي هن جي مس جو ڪير پيئندا رهيا... ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ هن جي ويچارن ۾، رات مانجهيءَ سان ٿيل گفتگو گهڙي ايندي رهي.

○

حيدرآباد : ٧- فيبروري ١٩٧٨ع

# گولين پريا گيت

○

○

اڄ شاعر جي گيتن جي اثر جي آزمائش آهي.

سڄي قوم ۽ خاص ڪري هن ننڍڙي شهر ۾ هن جا گيت گونجيا هئا. ماڻهن اهي گيت ٻڌا هئا، اهي پڙهيا هئا، اهي ڳايا هئا. ٻڌڻ سان هنن بي اختيار ٿي بغاوت جا نعرا هڻيا هئا، پڙهڻ سان هنن ۾ جوش جو طوفان جاڳيو هو ۽ ڳائڻ سان هنن جي انقلابي ارادن ۾ پختگي آئي هئي. هن فلسطيني شاعر محمود جو وڏي واڪي چوڻ هو ته دشمن واسطي منهنجا گيت، منهنجي مشين گن کان وڌيڪ خطرناڪ آهن.

او منهنجي ڌرتيءَ جا دشمنو!
آءٌ هزارن سورن سهڻ ڪانپوءِ به،
اوهان سان ٺاهه نه ڪندس،
۽ آخري پساهه تائين،
وڙهندو رهندس.

اتي جا ماڻهو چوندا آهن ته هن جا گيت اثرائتا ان ڪري آهن جو هو خود به جنگ جي ميدان تي لڙندو هو.

هن جا گيت اهڙي قسم جا نه هوندا هئا ته:
”اٿم آس اها، ڪڏهن ڪرائيندين ڪوٺ ڪي!“
هو ڪنهن آسماني طاقت ۾ آس رکڻ لاءِ نه چوندو

هو تہ اها ڪڏهن نہ ڪڏهن ڪوٽ ڪيرائيندي. پر هو پنهنجن گيتن ۾ اعلان ڪندو هو:

پنهنجي ٻانهن جي قوت سان،
بمن ۽ باروت سان،
اسين عوام
اسين پورهيت
اسين ستايل
گڏجي
هي ڪوٽ ڪيرائيندا اسين.

هو ائين نہ آلاپيندو هو تہ:

"نيٺ تہ ڍهندي دوکي جي ديوار."

جنهن مان اهو تاثر ملي تہ ماڻ ڪري انتظار ڪريو آخر اهڙو وقت ايندو جو اها ديوار پنهجي پُرى ڪري پوندي. پر هو پنهنجن گيتن ۾ للڪار ڪري چوندو هو:

اُٿو ديس واسيو! اچو ساٿيو!
انڌيرن ڪان اڳ ۾ ڏي،
دوکي جي ديوار ڍاهيون.

هو پاڻ کي واعظ ڪندڙ يا حاڪم سمجهي حڪم ڪونہ ڪندو هو تہ:

اٿو تڏو پٽايو يهودين جو،
لوڏي ڪيو سامراجين کي.

پر پاڻ کي عوام ۾ ۽ عمل ۾ شامل ڪري چوندو هو:

اچو يهودين جو تڏو پٽايون،
۽ گڏجي ڪيون سامراجين کي.

○

فلسطين جي سر زمين تي ٻاهران آيل يهودي پناهگيرن جي حڪومت قائم ٿي چڪي هئي ۽ ان جو نالو مٿاڏي اسرائيل رکيو ويو هو. پر فلسطيني، جيڪي ان ملڪ جا اصل رهاڪو هئا، سي ان حڪومت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. جتي ڪٿي بغاوتن جا جهنڊا بلند ٿي ويا. انهن کي چيڀاٽڻ لاءِ يهودين ڪارروايون شروع ڪيون.

جنهن شهر ۾ شاعر محمود رهندو هو، تنهن جو نالو الشجارت هو. يهودين ان تي بہ ڪاهہ ڪئي. ٻي هٿيار شهرين تي پوري جنگي ساز سامان سان حملو ڪيو ويو تمام ٿورن فلسطينين وٽ هلڪا سلڪا هٿيار هئا. هٿين خالي ماڻهن بهادريءَ سان مقابلو ڪيو ۽ يهودين کي چڱا ٿورا چٻايا.

هن شهر ۾ يهودين جو پهريون نشانو شاعر محمود ٿيڻو هو. يهودي ترقي پسندي ۽ انقلابيت جا ويري هئا. هنن شاعرن، اديبن ۽ دانشورن کي چونڊي چونڊي قتل ٿي ڪيو.

شاعر محمود وٽ مشين گن هئي. هن جي فوجي سکيا ورتل هئي. اڳي بہ يهودي غاصبن سان وڏي دليريءَ سان مقابلا ڪيا هئائين. اڄ پڻ هڪ هنڌ مورچو سنڀالي ويٺو ۽ ويهاريو ڪن يهودي سپاهي ڏاهي وڌائين پوءِ هو پاڻ بہ هنن جي گوليءَ جو شڪار ٿي ويو.

سارو ڏينهن شهر ۾ ويڙهہ جاري رهي.

هڪ موقعي تي يهودي ڪمانڊر جي آڏو اهڙن ٻارنهن فلسطيني شاگردن کي پيش ڪيو ويو، جن مکيه رستي تي رڪاوٽون کڙيون ڪري، فوجي رسد ۽ باروت جي ٽرڪن ۽ گاڏين جي راهه بند ڪئي هئي.

هنن شاگردن جون عمرون ٻارنهن ۽ ارڙنهن سالن جي وچ ۾ هيون. ڪارڙا، سنهڙا ۽ اڌ بکايل پر اڪيون جهڙا تاندا.

ڪمانڊر مڙني کي هڪڙي قطار ۾ بيهاريو. هنن کي هيبريو (يهودين جي ٻوليءَ) ۾ حڪم ڪيائين ته زور سان "اسرائيل زنده باد" جو نعرو هڻو.

هنن جواب ڪونه ڏنو.

ڪمانڊر کي ٿوري گهڻي عربي ايندي هئي. ان ڪري وري عربي ٻوليءَ ۾ رعب تاب سان ساڳيو حڪم ڏنائين.

ڇوڪرا وري به ماٺ رهيا.

پوءِ مشين گن سامهون جهلي، ڌمڪائي، جوش مان ساڳيو حڪم ڏنائين.

وري به ڪنهن چپ نه چوريو.

ان وقت آسپاس ۽ شهر جي جدا جدا حصن مان ٽئنڪن جي چرڙ چرڙ، فوجي ٽرڪن جي گرڙ گرڙ، بمن ڦاٽڻ جا ڌماڪا، بندوقن ڇٽڻ جا ٺڪاءَ، مشين گنن جي ٻز ٻز، ۽ انسانن جون ڪيهون ٻڌڻ ۾ ٿي آيون. ڪٿي ڪٿي ڌرتيءَ مان ڌوڙ ۽ دونهين جا ڪڪر آڪاس ڏي پکڙجندا ٿي نظر آيا. وايو منڊل ۾ رت ۽ باروت

جي ٻوء ٿئي. چوڌاري سوين سپاهي سنگينون ۽ رائيفلون چڙهي تاڻيو بيٺا هئا.

ٻوء ڪمانڊر، قطار ۾ بيٺل ٻهرين ڇوڪري وٽ ويو. هن کي چيائين:

"چئه اسرائيل زندهء باد."

ڇوڪرو چپ.

"اهو نعرو هڻ ته توکي جيئدان ملندو، نه ته گولي تنهنجو سينو پار ڪندي."

هو وري به چپ.

"رڳو اهي ٻه لفظ چئه ته توکي ڇڏي ڏيان."

هو چپ.

ٻز .... ٻز .... ٻز .... ٻز .... ٻز ....

هڪ گولي نه، ٻه نه پر ڪيئي گوليون مشين گن مان نڪتيون ۽ ڇوڪري جي ڇاتيءَ کي پرڻ بنائي ڇڏيائون.

رت جو ڦوهارو ڦهلجي ويو. هن جي وات مان نڪتو:

"جيئي فلسطين!"

هو ڪري پيو. ٻه ڇڙيون هنيائين ۽ ٺڏو ٿي ويو.

ڪمانڊر ٻئي نمبر ڇوڪري جي سامهون آيو.

"ڏٺئه پنهنجي ساٿيءَ جو انت. هاڻي هڪدم چئه اسرائيل زندهء باد، نه ته تنهنجو به ساڳيو حشر ٿيندو."

ڇوڪرو چپ رهيو.

"اهي ٻه اکر چئه ته حياتي بچي پوندوء."

ڇوڪرو چپ.

وري مشين گن جي ٻز ٻز ٿي، گوليون نڪتيون،

چٽگون ڇڪيون، دونهون پکڙيو. شاگرد جي وات مان "جيئي فلسطين" جو نعرو نڪتو. هو ڪريو. هو ختم ٿي ويو. رت جو ڀَرو تلاءُ ٺهي ويو.

اهڙي طرح ٻارنهن ئي شاگرد هڪ ٻئي پٺيان ڪرندا ويا، مرندا ويا.

رت جا ٻارنهن تلاءَ ٺهي ويا. ٻارنهن منٽن ۾ ٻارنهن جسم ٿڌا ٿي ويا، پنهنجي نعرن جا پڙاڏا ڇڏي، شاعر جي گيتن جي گونجار وانگر.

○

حيدرآباد: ١١- فيبروري ١٩٧٨ع

## ڦڦڙي

○

○

جتي ڪٿي گوڙ شور،
هر هنڌ هُل هنگامون،
هاسٽل ۾،
ڪاليج اندر:
ليڪچر هال وٽ،
لئبرريءَ پرسان،
ڊسيڪشن هال ٻاهران.
ٿي آهي ڪهڙي هيءَ
سال جي شروعات!

○

هاسٽل آڏو رڪشا بيهي ٿي. ان ۾ هڪ ڇوڪرو ويٺل آهي. بسترو ۽ بئگ ساڻ اٿس. ويهاروڪن ڇوڪرا رڪشا کي گهيرو ڪري بيهن ٿا. ڇوڪري تي سوالن جو وسڪارو ٿئي ٿو. هو هيسجي وڃي ٿو. منهن ننڍڙو ٿي وڃيس ٿو.

ڳالهائڻ ۾ هٻڪ اٿس.
”ڪِٿان ڪهڙو اٿئي؟“
”سرگوڌا.... نه، نه خانواهڻ.“
”اهو ڪٿي آهي؟“
”.... نواب شاهه ضلعي ۾.“

”تعلقو ؟“

”.... ياد نہ ٿو اچي.“

”اتي ريلوي اسٽيشن آهي ؟“

”.... ها.“

”ڇا ؟“

”نہ، نہ.... مونکي ياد نہ ٿو اچي.“

”اتي جي ڪنهن ڇگي مڙس جو نالو ٻڌاءِ ؟“

”........“

”اتي پرائمري اسڪول آهي يا نہ ؟“

”........“

”اتي بجلي آهي يا نہ ؟“

”........“

”ڀلا هن ڇوڪري کي سڃاڻين ٿو؟ هي بہ خانواهڻ جو رهاڪو آهي.“

”........ نہ“

”توکي اها بہ خبر ڪانہ هوندي تہ جي تون خانواهڻ جو ڪوڙو ڊوميسائيل نہ وٺن ها تہ پوءِ هن جون مارڪون وڌيڪ هيون ۽ هن کي ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلا ملي وڃي ها.“

”........“

”جي تو ۾ سچ ڳالهائڻ جي همت نہ آهي تہ اسين ثا توکي حقيقت ٻڌايون جا اسان پوري ثبوت سان هٿ ڪئي آهي تہ تو خانواهڻ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي. ڏهہ سال اڳ تنهنجي چاچي جي پٽڙ جي ماسڙ جو پٽ هن

ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو ۽ ضلعي ۾ گشت ڪندي هڪ رات خانواهڻ ۾ به ٽڪيو هو. هن جي ڊنل انڊريس ۽ رشوت ذريعي ڏي تـو ان ڳوٺ جـو ڊوميسائيل هٿ ڪيو آهي.“

”........“

”ان حالت هيٺ توکي هتي داخلا جو ڪو حق ناهي. اسان اهـا سيٽ ان جـي اصلي حقدار هـن ڇوڪري کي وٺي ڏينداسين. توکي واپس وڃڻو پوندو.“

ايسٽائين سٺ ستر ڇوڪرا گڏ ٿي وڃن ٿا. رڪشا ۾ آيل ڇوڪرو هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو، پر ڪنهن جي به اکين ۾ پاڻ واسطي همدردي نظر نه ٿي اچيس. هو ساڳي رڪشا ۾ واپس وري ٿو.

اهڙي نموني ويهارڪن ڇوڪرن کي موٽايو وڃي ٿو. ساڳيا ڏيک، ساڳي آڌي پڇاڻ ساڳيون حالتون، ڪاليج جي مکي دروازي وٽ به ڏسجن ٿيون.

جن ڇوڪرن جي باري ۾ ڊوميسائيل بابت پڪا ثبوت هٿ ڪيا ويا آهن، تن کي اندر گهڙڻ کان سختيءَ سان روڪيو وڃي ٿو.

احتجاج ڪندڙن ۾ متين ڪلاسن جا شاگرد به آهن، اهي به آهن جن کي داخلا ملي آهي ۽ اهي به جن کي داخلا کان محروم ٿيڻو پيو آهي.

ٻه ڏينهن اهي ڪارروايون هلن ٿيون. اختياريءَ وارن وٽان ڌمڪيون جاري آهن.

ٽئين ڏينهن پوليس اچي ٿي. احتجاجي شاگردن کي
گرفتار ڪيو وڃي ٿو.
پهرين ڏينهن پنج ڄڻا.
احتجاج جاري.
ٻئي ڏينهن ڏهه ڄڻا.
احتجاج جاري
ٽئين ڏينهن پنجاهه ڄڻا.
احتجاج اڃا به جاري
ست سؤ احتجاجي شاگرد اڃا به ٻاهر آهن.
ڪوڙن ڊوميسائلن وارا نه ڪاليج ۾ گهڙي سگهن
ٿا ۽ نه هاسٽل ۾.
حڪومت جا مٿاهان طبقا چر پر ۾ اچن ٿا. ڳالهيون
ٻوليون ٿين ٿيون. ثبوت گهريا وڃن ٿا. ثبوت ڏيکاريا
وڃن ٿا. ڇوڪرا آزاد ٿين ٿا. حقدار ڇوڪرن کي داخلائون
ملن ٿيون.
ڪاليج جي مٿين ڪلاسن وارن مان اهڙا، جن شروع
۾ ڪوڙن ڊوميسائلن تي هتي داخلا ورتي هئي، تن ۾
ڦڙڦڙي پيدا ٿئي ٿي.

○

حيدرآباد: ١٤- مارچ ١٩٧٨ع